# سِنڌِي



# ڪمار ڀارتي

## درجو ڏهون



# ڀارتيہ سنوڌان

## باب - چوٿون الف

# بنيادي فرض

**قلم 51A**

**بُنيادي فرض : ڀارت جي هرهڪ ناگرڪ جو فرض آهي تہ :**

(الف) هوُ ڀارت جي سنوڌان کي مڃيندو، اُن جي قومي جهنڊي، قومي تراني، آدرشن ۽ سنستا جي عزت ڪندو.

(ب) آدرش ويچارن، جن آزاديءَ جي لڙائيءَ لاءِ همٿايو ۽ اُتساهہ ڏنو هو، اُنهن جي سنڀال ۽ پوئواري ڪندو.

(ڀ) ڀارت جي ايڪتا، اکنڊتا ۽ سمپورڻتا جي رکشا ڪندو.

(ٻ) ديش جي حفاظت ڪندو ۽ وقت پوڻ تي ديش سيوا ۾ ٽپي پوندو.

(پ) سڀني ماڻهن ۾ هڪ ايڪتا جي ڀاونا پيدا ڪندو، جيڪا ڌرم، ڀاشا، ڪيتراوا جي ڀيدڀاءُ کان پري هوندي. اَهڙيون رسمون جيڪي عورت ذات خلاف هونديون، اُنهن جو بهشڪار ڪندو.

(ت) ڀارت جي جامع سنسڪرتي ۽ شاندار ورثي جي حفاظت ڪندو ۽ مُلهہ سمجهندو.

(ٿ) قدرتي ماحول جهڙوڪ جهنگل، ڍنڍون، نديون، جهنگلي-زندگي اِنهن جو بچاءُ ڪندو ۽ سڀني پراڻين لاءِ دردمندي رکندو.

(ٽ) وگيانڪ درشٽي، اِنساني مُلهہ، جاچ جوچ ۽ سڌاري جي ڀاونا کي اَهميت ڏيندو.

(ث) عام ملڪيت کي سلامت رکندو ۽ هنسا کان پري رهندو.

(ٺ) شخصي ۽ گڏيل مشغولين جي سڀني کيترن ۾ اَڳتي وڌڻ جي لڳاتار ڪوشش ڪندو جئن ملڪ اَڳتي وڌندو رهي ۽ ڪاميابيءَ جي اوچاين کي ڇُهي.

(ڪ) ماءُ يا پيءُ يا پالڪ آهي تہ اُهو ضرور ڏسي تہ پنهنجي ٻار کي تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏيندو. جنهن جي عمر ڇهن ۽ چوڏهن سالن وچ ۾ هجي.

سرڪاري فيصلو نمبر : اَڀياس ٢١١٦ (پر.ڪر ١٦/٤٣) ايس.ڊي ٤ تاريخ ٢٠١٦.٢.٢٥ موجب اسٽاپٽ ڪيل ڪو آرڊينيٽنگ ڪاميٽيءَ جي تاريخ ٢٩.١٢.١٧ جي ميٽنگ ۾ درسي ڪتاب کي سن ١٨-٢٠١٩ کان مختصر طور منظوري ڏني ويئي آهي.

# ڪمار ڀارتي

## درجو ڏهون

# سِنڌِي

٢٠١٨

مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي و اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي.

پنهنجي سمارٽ فون ۾ DIKSHA APP ذريعي درسي ڪتاب جي پهرين صفحي واري Q.R. Code ذريعي Digital درسي ڪتاب ۽ هرهڪ سبق ۾ آيل Q.R. Code ذريعي ان سبق بابت پڙهڻ / پڙهائڻ لاءِ ڪارائتيون لنڪس ملنديون.

8R3L9T

پهريون ڇاپو : ۲۰۱۸ : © مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پُستڪ نرمتي ۽ اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي-۴۱۱۰۰۴.
ٻيو ڇاپو : ۲۰۲۲
مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي ۽ اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، وٽ هن ڪتاب جا سڀ حق واسطا محفوظ آهن. هن ڪتاب جو ڪوبہ تڪر ڊائريڪٽر، مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پستڪ منڊل جي لکيل اِجازت کان سواءِ ڪٿي نٿو سگهجي.

سنڌي ڀاشا سمتي ۽ اَڀياس گٽ سمتي :

- ڊاڪٽر ديال 'آشا' (سڀاپتي)
- شري اَشوڪ ڪملداس مڪتا، ميمبر
- شريمتي ميران مهيش گدواڻي، ميمبر
- شري وجيہ راجڪمار منگلاڻي، ميمبر
- شري گووردن شرما 'گهايل'، ميمبر
- شريمتي راجيشري جيناند ٽيڪچنداڻي، ميمبر
- شريمتي ڪاجل اَنيل رامچنداڻي، ميمبر

سنيوجڪ : شريمتي ڪيتڪي جاني
(اِنچارج وشيش اَڌڪاري سنڌي)
سنيوجڪ سهايہ : شريمتي گيتا گڻيش ٺاڪر
(ڪاپي رائيٽر، سنڌي)

ٽائيپ سيٽنگ : ستنام ساڪي، اُلهاسنگر
ڪماري ميران چاولا
چترڪار : ڪماري سوپنالي وجيہ ڪمار اُپاڌيہ

نرمتي : شري سچيتاننډ آڦڙي
(مکيہ نرمتي اَڌڪاري)
شري راجيندر چندرڪر
(نرمتي اڌڪاري)
پرڪاشڪ : شري وويڪ اُتم گوساوي، پاٺيہ پُستڪ نرمتي منڊل، پرڀاديوي، ممبئي-۲۵.
ڪاغذ : ۷۰ جي.ايس.ايم. ڪريم وو
پرنٽنگ آرڊر :
ڇاپيندڙ :

## پرستاونا

پيارا شاگرد دوستو،

توهان سڀني جو درجي ڏهين ۾ سواڳت آهي. هن کان اڳ واري درجي ۾ بہ توهان ڪمار ڀارتي ڪتاب پڙهيو آهي. درجي ڏهين جو ڪمار ڀارتي درسي ڪتاب اوهانجي هٿن ۾ ڏيندي اسان کي بيحد خوشي ٿي رهي آهي.

دوستو سنڌي اوهانجي ماتر ڀاشا آهي. ٻين سان ڳالهائڻ وقت پنهنجا ويچار هاوَ ڀاوَ، ڀاونائون ظاهر ڪرڻ لاءِ اوهين وڏي پئماني تي ماتر ڀاشا ڪم آڻيندا آهيو. سنڌي ٻوليءَ ذريعي سٺي نموني ڳالهائڻ ٻولهائڻ اچڻ لاءِ اوهانجو لفظن جو خزانو چڱو هجي. ان لاءِ هن درسي ڪتاب جون آکاڻيون، گفتگو، سبق، ڪوتائون، ساماجڪ ڪهاڻيون، مذاقي ڪهاڻيون گيت پڙهي نوان نوان لفظ، اصطلاح چوڻيون سکڻ لاءِ ملنديون. اسانکي اُمين لڳي ٿو تہ اِهو ڪتاب پڙهي توهانجو ماتر ڀاشا لاءِ پيار ضرور وڌندو.

توهانکي وٽي ان لاءِ درسي ڪتاب ۾ لفظن جي راند، پورڪ اَڀياس، ماٺ ۾ پڙهو، پاٺ ڪريان. پاٺ سکان، چتر ڄاڇيو، ٻڌايو، جملا بدلائي لکو. اهڙي نموني جون انيڪ مشغوليون ڏنيون آهن. ساڳي نموني وياڪرڻ جا الڳ الڳ روپ سؤلي نموني ڏنا ويا آهن. ان کان سواءِ نئين نموني جي بدلاءُ موجب ڳالهائڻ ۽ لکڻ جو موقعو مليل آهي. توهان کي موبائيل ۽ ڪامپيوٽر سؤلائي سان واپرائڻ اچي ٿو. هن ٽڪنيڪ جو اڀياس ۾ اُپيوگ ٿئي، ان نظريي سان ڪجهہ مشغوليون ڏنل آهن. وڌيڪ ڄاڻ لاءِ ائپ وسيلي ڪيو.آر.ڪوڊ ذريعي هرهڪ سبق جي وڌيڪ ڄاڻ ملندي. اُن جو توهانکي اڀياس لاءِ اُپيوگ ٿيندو. سنڌي ڀاشا سکڻ وقت اُن مان ڪجهہ ملهہ سکڻ، ساماجڪ مسئلا سمجهڻ ۽ اُهي حل ڪرڻ لاءِ اُٿ تڻ هجي، اِهو بہ اَهميت وارو آهي، اِن نظريي سان درسي ڪتاب ۾ آيل سبق، مشغولين ۽ اڀياس جو ويچار ڪريو.

هي درسي ڪتاب توهان کي وڻيو ڇا؟ اِهو اسان کي ٻڌايو. توهان سڀني کي شڀ ڪامنائون.

پڻي،
تاريخ ۱۷ جنوري ۲۰۱۸

(ڊاڪٽر سُنيل مگر)
سنچالڪ
مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پُستڪ نرمتي ۽
اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.

# ڀارت جو سنوڌان

## ديباچو

اسين ڀارت جا لوڪ، ڀارت کي هڪُ مڪمل طور خودمُختيار سماجوادي سَرو ڌرم ۽ سم-ڀاوَ وارو لوڪشاهي گڻراجيہ بڻائڻ لاءِ گنڀيرتا سان فيصلو ڪري ۽ انهيءَ جي سڀني ناگرڪن کي :

سماجڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ نياءُ، ويچار، اظهار، وشواس، شرڌا ۽ اُپاسنا جي آزادي؛ درجي ۽ موقعي جي سمانتا؛ خاطريءَ سان حاصل ڪرائڻ ۽ اُنهن سڀني ۾ شخصي سؤمان ۽ راشٽر جي ايڪتا توڙي اکنڊتا جي خاطري ڏيندڙ ڀائيچارو وڌائڻ لاءِ.

اسان جي هن سنوڌان سڀا ۾ اڄ تاريخ چويهين نومبر، ١٩٤٩ جي ڏينهن، هن ذريعي هيءُ سنوڌان سويڪار ڪري، اُن کي قانون جي روپ ۾ پاڻ کي ارپڻ ڪريون ٿا.

## راشٽر گيت

جَنَ گَڻَ مَنَ اَڌِينايَڪ جَيَہ هي،
ڀارَتَ ڀاڳِيہ وڌاتا
پَنجابَ، سِنڌ، گُجراتَ، مَراٺا،
دراوڙَ، اُتڪَلَ، بَنگَ،
وِنڌيَہ، هِماچَلَ، يَمُنا، گَنگا،
اُچَڇَلَ، جل ڌِ تَرَنگَ،
تَوَ شُڀَ نامي جاڳي،
تَوَ شُڀَ آشيس ماڳي،
گاهي تَوَ جَيَہ - گاٿا،
جَنَ گَڻَ - مَنگَلَ دايَڪ جَيَہ هي
ڀارت ڀاڳِيہ وڌاتا،
جَيَہ هي، جَيَہ هي، جَيَہ هي،
جَيَہ جَيَہ جَيَہ جَيَہ هي،

## پرتِگيا

’ڀارت منهنجو ديش آهي. سڀ ڀارتواسي منهنجا ڀائر ۽ ڀينر آهن.

مونکي پنهنجي ديش لاءِ پيار آهي ۽ مونکي ان جي شاندار ۽ طرح طرح جي ورثي تي گؤرو آهي. مان سدائين ان جي لائق ٿيڻ جو جتن ڪندو رهندس.

مان پنهنجن مٽن مائٽن، اُستادن ۽ سڀني بزرگن جو سنمان ڪندس ۽ هر ڪنهن سان فضيلت ڀريو ورتاءُ ڪندس .

مان پرتگيا ٿو ڪريان تہ مان پنهنجي ديش ۽ ديشواسين سان سچو ٿي رهندس. انهن جي ڪلياڻ ۽ آسودگيءَ ۾ ئي منهنجو سک سمايل آهي.‘

# پھرين ٻاشا سنڌي (اَپياسڪرم)

اِسڪولي تعليم ۾ پھرين ٻاشا ھڪ اَھم جڳھ والاري ٿي. پھرين ٻاشا ذريعي شاگردن ۾ ٻاوناڻ، اِظھار شڪتي ۽ تخليق جو پالڻ پوشڻ ٿئي ٿو. سونھن ۽ ذائقي جا اِھي ساڌن آھن. اِن ڪانپوءِ ٻين وشين جي سکڻ-سيکارڻ ترتيب ۾ پھرين ٻاشا ئي ماڌيم آھي. اِن ڪري ٻولي-لياقت ۾ واڌاري ھئڻ ڪري سڄي تعليمي پرڪريا تي، سڌو ئي سنو اَثر پوي ٿو. شاگردن جي ڀھومُکي وڪاس جو بُنياد پھرين ٻاشا آھي. اِھو ڌيان ۾ رکندي لياقت وڌائڻ جا ضروري نيم ڏاھيا ويا آھن. اُنھن ۾ اِخلاق، اِظھار ۽ عمل اِنھن ٽن مکيہ اَنگن جو ويچار ڪيو ويو آھي. روزاني ٽيندڙ وھنوار ۾، اَڳتي سکڻ جي پرڪريا ۾، لاڳيتو سکڻ جي پرڪريا ۾ ھڪ عامل شخصيت جي واڌاري لاءِ گھربل مُدا ھيٺ ڏنا ويا آھن.

- سيني ٻولين مٿان قابليت جو وڪاس.
- عام ڳالھائيندڙ ٻاشا جي سڃاڻپ.
- لفظي ڀنڊار جو وڪاس.
- پسگردائيءَ ۾ اِسڪول، گھر ۾ ٽيندڙ بحث مباحثي ۾ ڀھرو وٺڻ ۽ آتم وشواس سان پنھنجا ويچار ظاھر ڪرڻ.
- سنڌي ٻوليءَ ڪانسواءِ مڪاني ٻولين جي اَدب جو ويچار.
- نئين تڪنيڪ جو اِستعمال.
- تخليقي قابليت ۾ واڌارو.
- وگياني نظريو.
- موڄ ۽ آنند سان ٻاشا سکڻ.
- پنھنجي ۽ ٻين جي ٻاوناڻ ڪي سمجھڻ ۽ ورتاءُ.
- سنڌي ٻوليءَ جي جدا جدا ساھتيہ پڙھڻ جو شونق ۽ اُنھن کي سمجھي پنھنجن لفظن ۾ بيان ڪرڻ جي قابليت وڌڻ.
- بُنيادي ملھن جو وڪاس ٿيڻ ۽ وڏن بزرگن ۽ مھان ھستين لاءِ عزت ۽ پيار.
- ديش لاءِ پيار ۽ اُن جي آسودگيءَ جو ويچار.
- پسگردائيءَ / ماحول صاف سُٿرو ۽ شُڌ رکڻ.
- گروھ ۾ گڏجي عملي يا مشغولي ڪندي، آپسي سھڪار ۽ يڪ ٻاونا / ٻاونا جو وڪاس. سونھن جي سڃاڻپ ۽ اُن جو قدر ۽ بيان / ظاھر ڪرڻ جو ھُنر.

مٿي ڏنل مدن کي ڌيان ۾ رکندي اڌياپڪ، ھرھڪ شاگرد جي لياقتن جو وڪاس ڪندو ۽ مڪاني حالتن موجب شاگردن جي ٻاشا مڪمل ۽ پختي بڻائيندو. اَھڙي اُميد ڪئي وڃي ٿي.

## ڪيتر

### ٻڌڻ (Listening)

- اسڪول، گهر، پاڙي ۾ سماج ۾ مختلف هنڌن تي ٿيندڙ جلسن وغيره ۾ جدا جدا ماڻهن (ڇاڻل / اڻ ڇاڻل)، نيتائن جون تقريرون ٻڌڻ.
- آڊيو ٽيپ، ٽي-وي، ريڊيو وسيلي مادري ٻولي ۽ غير مادري ٻولين ۾ نوان لفظ ٻڌڻ.
- ڪلاس ۾ توڙي ٻاهر جدا جدا وشين تي ٿيندڙ بحث مباحثن ۾ ٻين جا ويچار ٻڌڻ.
- دستوري ڪتابن ۾ آيل ساهتيه جي مکيه انگن نثر ۽ نظم ۾ صحيح اُچار ٻڌڻ، درسي ڪتابن ڪانسواءِ وڌيڪ ساهتيه پڙهڻ جي چاهنا پيدا ڪرڻ.
- غزل، بيت، شعر، دوها، رباعيون، ڀڄن، گيت ٻڌڻ ۽ سندن لُطف وٺڻ.
- عام جڳهين تي ٿيندڙ گهوشڻائون ٻڌڻ ۽ سمجهڻ.
- علحدن ساهوارن ۽ سازن جا آواز ٻڌي سڃاڻڻ.
- ادبي ۽ غير ادبي ٻوليءَ ۾ فرق سمجهي سگهڻ.
- ٻڌل آواز مان ڳالهائيندڙ جا ڀاو سمجهڻ.

### ڳالهائڻ

- صحيح اُچار مناسب لاهي چاڙهي، آواز جو مادو ۽ مقدار ڌيان ۾ رکي لفظ ڳالهائڻ.
- ڪلاس ۾ توڙي ڪلاس کان ٻاهر ٿيندڙ مختلف وشين تي بحث مباحث ڪرڻ جي قابليت هئڻ.
- لاڳاپو رکندڙ توڙي غير لاڳاپو رکندڙ لفظن وسيلي ڪهاڻي يا واقعو ٻڌائڻ.
- پنهنجو رايو تز ۽ مناسب لفظن ۾ اڳيان رکڻ.
- تقرير ڪرڻ جي قابليت هئڻ.
- الڳ الڳ حالتن ۾ مناسب ويچار پيش ڪرڻ جي قابليت هئڻ.
- عمر، ناتو، جنس، عدد جي سمجهه رکي ڳالهائڻ.
- صحيح لفظن جي چونڊ ۽ آواز جي جدا جدا اندازن جي ڄاڻ هئڻ.

  مثال : ريڊيو اسٽيشن، ٽيليفون، اسٽيج وغيره تي ڳالهائڻ.
- گفتگو ڪرڻ ۽ نياپا ڏيڻ جي قابليت هئڻ.
- پنهنجي شخصي آزمودن کي ٻڌائڻ جي قابليت هئڻ.
- جدا جدا وشين تي پنهنجا ويچار پيش ڪري سگهڻ.
- ناٽڪ ۾ مناسب اداڪاريءَ جي ڄاڻ هئڻ.

## پڙهڻ

- ناميارن ليکڪن ۽ شاعرن جي جيونين ۽ رچنائن بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ.
- سنڌي ادب جي چڱي چوکي سڃاڻپ رکي درسي ۽ غير درسي رچنائن جو سواد وٺڻ.
- اخبار، پرچار، دستاويز، مخزن، خط، ايس.ايم.ايس، مانيٽر اسڪرين، بئنرس، عام جڳهين تي ڏنل هدايتون وغيره سمجهه سان پڙهڻ.
- جدا جدا وشين جي ڄاڻ هٿ ڪرڻ لاءِ انٽرنيٽ ۽ ٻين وسيلن جو اُپيوگ ڪرڻ اچڻ.
- پڙهڻ وقت مناسب بيهڪ جون نشانيون، اُچار، مناسب لاهي چاڙهي ۽ سُر تال استعمال ڪرڻ.
- مقرر وقت ۾ ڏنل ٽڪر پڙهڻ جي قابليت هئڻ.
- ’ڇا پڙهڻ گهرجي‘ ان جي سمجهه هئڻ.
- ڊڪشنريءَ جو صحيح استعمال ڪرڻ اچڻ.

## لکڻ

- لکڻ جي قاعدي کي سمجهڻ ۽ انهن جي پوئواري ڪرڻ.
- بيت، ليک، جدا جدا وشين تي ويچار، خط لکڻ جي قابليت هئڻ.
- لکڻ ۾ مناسب هنڌن تي اصطلاح، پهاڪا، رنگين زباني، صحيح گرامر استعمال ڪرڻ جي قابليت هئڻ.
- ڊائري لکڻ جي ڪلا ۽ عادت پئدا ڪرڻ.
- ٻُڌل، ڏٺل واقعا، شخصي آزمودا پنهنجن لفظن ۾ اَثرائتي نموني لکڻ.

# فهرست


## نثر

| نمبر | سبق | ليکڪ | صفحو |
|---|---|---|---|
| .1 | مَحنَت جو مُلهُ | گوپ گولاڻي | 1 |
| .2 | اَجنتا جُون غُفائون | نرمل گوپلاڻي | 7 |
| .3 | قابِلُ ڪير؟ | رتنا گوديا ’رولاڪ‘ | 11 |
| .4 | جيوت جو مزو | لالسنگھ هزاريسنگھ اَجواڻي | 17 |
| .5 | پوڄاري | لڇمڻ ڪڪريجا ’مسافر‘ | 21 |
| .6 | اِسرو (ISRO) | سمپادڪ منڊل | 28 |
| .7 | ماڻهون جا چونڊا! | بلديو تاراچند گاجرا | 32 |
| .8 | خوشمِزاجي | اِندران پُڌراڻي | 36 |
| .9 | ٻڍاپي جو سهارو | بي.سي. موتواڻي | 42 |
| .10 | ڏُکَ جو اِحساسُ | لال هوتچنداڻي ’لاچار‘ | 48 |
| .11 | ماترَ ڀاشا | ڊا. ورشا ڏي. اُڏوداساڻي | 58 |
| .12 | سِنڌي سوُرَوير | ----- | 63 |

## نظم

| نمبر | نظم | شاعر | صفحو |
|---|---|---|---|
| .1 | گيتُ | هرومل سدارنگاڻي ’خادم‘ | 70 |
| .2 | ساميءَ جا سلوڪ | سامي صاحب | 72 |
| .3 | اَگربتي | واسديو موهي | 74 |
| .4 | ترائيل | هريڪانت جيٺواڻي | 77 |
| .5 | موبائيل | ڍولڻ راهي | 80 |
| .6 | دوها | لڪشمڻ ڏُٻي | 83 |
| .7 | ناري وديا | ڪشنچند ’بيوس‘ | 86 |
| .8 | سچل جو ڪَلامُ | سچل سرمست | 89 |
| .9 | او پيارا! | گوبند ريجهواڻي | 91 |
| .10 | غزل | ----- | 93 |
| .11 | شاهه جا بيت | شاهه لطيف | 96 |

## هلڪو اڀياس

| نمبر | مضمون | ليکڪ | صفحو |
|---|---|---|---|
| .1 | موُرتيءَ روئي ڏنو! | تارا ميرچنداڻي | 99 |
| .2 | پوُري | سُندري اُتمچنداڻي | 103 |
| .3 | تيرٿ بسنت | مرليڌر جيٽلي | 108 |
| | لکڻ - هُنر | | 110 |

# نثر

## 1. مَحِنَت جو مُلهُه

شري گوپ گولاڻيءَ جو جنم سنڌ ۾ 12 مارچ سن 1935ع تي ٿيو. پنجاب نئشنل بئنڪ (نيو دهلي) مان سن 1995ع ۾ رٽائر ڪري، ادبي دنيا ۾ پختو قدم رکيائين.

هن پاٺ ۾ ليکڪ ننڍي ٿيءَ کي ’محنت جو ملهه‘ سمجهائيندي، سُستي ڇڏي محنت ڪرڻ لاءِ همٿايو آهي.



اِندور کان ممبئيءَ تائين ريل جو سفر ڪرڻ واسطي اِندور مان هلندڙ اونتيڪا ايڪسپريس ۾ اَچي سوار ٿيس. سليپر ۾ رِزرويشن ٿيل هُئي، انڪري ڪابہ دِقت ڪونہ ٿي. مون واري ڪئبن ۾ ٻيا بہ پنج مسافر اَچي چڪا هئا ۽ پنهنجون پنهنجون سيٽون والاري ويٺا هئا. سامهون واريءَ سيٽ تي هڪ نوجوان جوڙو هو جو وِچولي درجي جي ڪٽنب مان پئي لڳو. ان جي پرسان دريءَ واريءَ سيٽ تي جو شخص ويٺو هو سو بہ ڪو سکرُ ماڻهو ٿي لڳو. مون واريءَ سيٽ تي جيڪي ٻيا بہ ڄڻا ويٺل هئا، اُنهن مان هڪڙو ڪپڙي جو واپاري هو ۽ ٻيو ڪٿي سرڪاري نوڪريءَ ۾ هو.

ٽرين اِندور کان شروع ٿيڻ واري هئي، انڪري ڏوتل ۽ صاف سُٿري ٿي نظر آئي، ڪٿي بہ ڪو گندگيءَ جو نشان ڪونہ هو، ليڪن جيئن جيئن گاڏي هلڻ لڳي تہ ياترين جو وات بہ هلڻ لڳو. ڪنهن گهوڙيءَ کان ڪجهہ وٺي کاڌو تہ ڪنهن پنهنجي ٿيلهي مان کائڻ جو سامان ڪڍي کائڻ شروع ڪيو. رتلام تائين پهچندي پهچندي اَسان جي ڪئبن جو فرش ڪچري سان ڀرجي ويو، مُٺ ڦرين جون کلون، نارنگين جا لٽل ڇلڪا، خالي جليٽن جو ٿيلهيون، پيپر نئپڪنس، چانهہ جا خالي گلاس وغيره. اَڄڪلهہ ڪنهن کي بہ ٽوڪڻ جو يا ورجائڻ جو زمانو تہ آهي ڪونہ، انڪري چپ چاپ ڪري ويٺو رهيس، جيتوڻيڪ دل ۾ اُبرڪا ٿي اُٿيا تہ

ڪيئن اَسين پارت کي ”سُوَچ پارت“ بڻائي سگھنداسين. هنن کي تہ جڻ گندگي ڪرڻ کان ٻچپان ئي ڪونہ تي آئي.

ڪجھہ ئي دير ۾ هڪ ڪارو بدشڪل ڇوڪر پنهنجي ڦاٽل خميس لاهي ۽ اُن کي ڦٽڪو بڻائي گاڏيءَ جي فرش جي ٻُهاري پائيندو ۽ گند ڪچرو ڏڪيندو ڏڪيندو اَسان جي ڪئبن تائين بہ اَچي پهتو ۽ اَسان کان پير مٿي ڪرائي سڀ گند ۽ ڪچرو اَڳتي ڏڪي ويو. گاڏو وري اَڳي جيان صاف ۽ سٿرو بڻجي پيو. مون بہ من ۾ سامت جو ساھہ ڪنيو.

ٿوري دير ڪانپوءِ ساڳيو ئي ڇوڪرو موٽي آيو ۽ هٿ وڌائي بخشيش گُهرڻ لڳو. هن نؤجوان اِستريءَ جنهن پنهنجي پتيءَ سان گڏ مگڦرين جو سواد وٺي ڪلون هيٺ ڪيرايون هيون، تنهن ڇوڪري جو هٿ پري ڪندي هڏيءَ سان چيو، ”هٽ مُئا، اَسان چيو هو توکي صفائي ڪرڻ لاءِ؟ جنهن چيو اَٽئي، تنهن کان وچي وٺ ...“ ڇوڪري نراس ٿي ٻئي طرف هٿ وڌايو. هوُ جو سڪرُ بابوُ جيڪو دريءَ جي پرسان وينو هو ۽ جنهن چانهہ پي خالي گلاس سيٽ جي هينان ڦٽي ڪيا هئا، تنهن ڇوڪري کي جڻ ڏاڙهيندي چيو، ”معاف ڪرو ... معاف ڪرو ... سالا ناٽڪ ڪرتا هئہ ...“ منهنجي پرسان وينل ٻنهي ياترين، جِن گهران آندل کاڌو کائي خالي پليٽون ۽ ٻيو غير ضروري سامان هيٺ ڪيرائي ڇڏيو هو، تن بہ ڇوڪري کي ڇڙٻيندي ڪيس ڪجھہ بہ ڪونہ ڏنو ۽ جڏهن مون هٿ وڌائي ڇوڪري کي ڪجھہ ڏيڻ چاهيو تہ منهنجو هٿ روڪي هن چيو، ”ائين ئي تہ چورن کي بيک پِنڻ جي عادت پئجي ويئي آهي ... چپ ڪري ويهو ... پنهنجو پاڻ ئي هُليو ويندو ...“ ليڪن مُنهنجو نوٽ ڇوڪري جي هٿن ۾ پهچي چُڪو هو ۽ هوُ خوش ٿيندو، ٽپ ڏيندو ٻيءَ ڪئبن طرف مُڙي ويو. منهنجي پرسان وينل شخص وري چيو، ”ديوان صاحب! توهان کي خبر ڪونهي تہ ٽرين ۾ هن قسم جو وڏو واپار هلي رهيو آهي. ڪوئي دادا ماڻهو ٽرين ۾ هلندو آهي ۽ هي سڀ ڇورا ان جا پاڙيتو هوندا آهن. پنهنجي خميس لاهي اَسان جي همدردي حاصل ڪري پئسا ڦُريندا آهن ۽ پوءِ وڃي ان دادا کي ڏيندا آهن، جو کين ڪجھہ پئسا ڏيئي خوش ڪري ڇڏيندو آهي. اَسان کي ان طرح جي بُرائيءَ کي همٿائڻ نہ گُهرجي.“ مون کيس ڪوئي جواب نہ ڏنو.

ڪجھہ ئي دير بعد هڪ مست موالي گاڏيءَ ۾ چڙهي آيو. مٿي جا ڊگها وار جٽائن جيان ٻَڌل، نرڙ تي وڏو ڳاڙهو تِلڪ، ڪنن ۾ ڪنڊل، ڇاتي اُگهاڙي ۽ پيوت چٽيل ۽ ٻنهي ٻانهن تي چندن جا اَڇا ليڪا نڪتل. هٿ ۾ هڪ ٿالهي هُيس، جنهن ۾ شِوَ ڀڳوان جو پُتلو تِڪيل هو، جنهن اَڳيان ننڍڙو ديپڪ ٻَرِي رهيو هو ۽ پرسان ئي اَگربتي جلي رهي هئي. وڏي واڪي پڪاريندو پئي ويو. جئہ پوليناٿ ... جئہ شِو شنڪر ... ٿالهي کڻي اَڳيان ٿي جهليائين ۽ اَگربتيءَ جو واس هٿ سان پئي مسافرن طرف ڏڪيائين. هر ڪنهن پنهنجي شرڌا اَنوسار ٿالهيءَ ۾ ڪجھہ نہ ڪجھہ وجهي ٿي ڇڏيو. اَسان جي ڪئبن مان بہ هرڪنهن ڪجھہ نہ ڪجھہ ٿالهيءَ ۾ وِڌو ۽ ٻئي هٿ جوڙي آسيس گُهرِي، آرتيءَ جي ٿالهيءَ مٿان هٿ گُهمائي پنهنجي سِرَ مٿان ۽ پنهنجي اَکين تي رکيو. هوُ موالي جئہ شنڪر چوندو ٻيءَ ڪئبن طرف مُڙِي ويو، جتي بہ سندس سُني آجيان ٿي هوندي.

ان ڳالهہ کي ڇڳا ئي ڏينهن گُذري ويا. مان پنهنجو ڪم لاهي ممبئيءَ مان موٽيس ٿي جو رتلام اِستيشن جي آسپاس هڪ ڏهن ٻارهن سالن جو ڇوڪر گاڏيءَ ۾ چڙهي آيو. ريشمي ڌوتيءَ مٿان پيلو ڪُڙتو پاتل هوس، چيلهہ ۾ سندرو ٻَڌل هوس، مٿي تي مور پکيءَ جو پنک ٻَڌل، پيشانيءَ تي وڏو تلڪ نڪتل ۽ هٿ ۾ بانسري وَڄائيندو وڄائيندو اَسان جي ڪئبن تائين اَچي پهتو. هرڪو کيس ڪرشن ڀڳوان جو روپ سمجھي

ڪيس نمسڪار ڪري رهيو هو ۽ سندس هٿ ۾ جهليل ڪرمنڊل ۾ نقدي يا نوٽ وجهي رهيو هو. مون کي ماڻهن جي هن اَنڌ شرڌا تي عجب لڳي رهيو هو ۽ اَفسوس به ٿي رهيو هو. اوچتو ئي اوچتو مون محسوس ڪيو ته هوُ اُهو ئي ڇوڪرو هو جو اِندور مان ايندي وقت گاڏيءَ ۾ ڳهڙي گند ڪچرو هٽائي صفائي ڪري رهيو هو. گاڏي جڏهن اَڳلي اِسٽيشن تي بيهڻ واري هئي ته مان تڪڙو تڪڙو هن ڇوڪري جي پُٺيان هليو ويس ۽ پڪ ڪرڻ جي خيال کان کيس بيهاري پُڇيو، ”اَڙي! تون ته اُهو ئي ڇوڪرو آهين جو گاڏيءَ ۾ گند ڪچرو صاف ڪندو هو!“

ڇوڪرو پهرياڻين ته ان سوال تي شَڪِجي ويو پر جڏهن سمجهياڻين ته علي وجهڻ مان ڪوبه فائدو ٿيڻ وارو ڪونه هو، تڏهن سچ ٻاسيندي چيائين، ”بابوجي، توهان سچ ٿا چئو، مان برابر پهرياڻين محنت مزوري ڪري ڪجهه ڪمائڻ جي ڪوشش ڪندو هوس جيئن پنهنجي بيمار ماءُ پيءُ جو دوا درمل ڪرائي سگهان، ليڪن مون کي چڙٻن ۽ دڙڪن ڪانسواءِ ڪجهه به نه ٿي مليو ...“ سندس دل شايد ڀرجي آئي انڪري چپ ٿي ويو. مان اَجان به سندس منهن ۾ تڪيندو رهيس ته هن وري چوڻ شروع ڪيو، ”بابوجي، سچ ته اِهو آهي ته اَڄڪلهه جي زماني ۾ محنت مزوريءَ جو ڪوبه مُلهه ڪونهي، ايمانداريءَ جي ڪابه قيمت ڪونهي، انڪري مون کي هي طريقو اختيار ڪرڻ لاءِ مجبور ٿيڻو پيو. هاڻي ته ايترو ڪجهه اَوَس مِلي ويندو آهي جو پنهنجي ماءُ پيءُ جو دوا درمل چڱيءَ طرح ڪري سگهان ٿو ۽ ڪجهه پاچي به بچائيندو آهيان.“

مونکي ڪجهه وڌيڪ ڄاڻڻ جي اُتسڪتا ٿيڻ لڳي. مون ڪانئس پُڇيو، ”... ليڪن هي سڀ ڪرڻ جي توکي صلاح ڪنهن ڏني؟“ ڇوڪري ترت جواب ڏنو، ”مان اَکين سان خود ڏسندو هوس ته هوُ شِوَ بابا جي مورتيءَ وارو سوين روپيه ڪٺا ڪري ويندو هو جڏهن ته مون کي صرف گاريون ۽ دڙڪا ملندا هئا. انڪري مان وڃي هن جو چيلو بڻيس ۽ جيئن جيئن هن چيو تيئن تيئن ڪندو آهيان ... ها ... ڪمائيءَ جو چوٿون حصو کيس پهچائي ايندو آهيان جنهن جي عيوض هو منهنجو رنگ روپ ته ٺاهيندو آهي ۽ ان ڪانسواءِ ڪمي پيشيءَ ۾ منهنجو بچاءُ به ڪندو آهي.“

مان تعجب ۾ کيس ڏسندو رهيس ۽ هوُ جلد ئي گاڏيءَ جي ٻئي ڊٻي ۾ هليو ويو.

## نوان لفظ ۽ اصطلاح

سکر = شاهوڪار
اُبرڪا اُٿڻ = اوڪارا اچڻ
ڏاڙهڻ = ڪاوڙ ڪرڻ
ٻاسَڻ = مَڃڻ
ڪمي پيشي = گهٽتائي

ورجائڻ = چتائڻ
ڦُڏي = دڙڪو
چڙٻڻ = دڙڪو ڏيڻ
اختيار ڪرڻ = اَپنائڻ
تعجب = اچرج

ٻُڇان = نفرت
سامت جو ساهه کڻڻ = راحت محسوُس ڪرڻ
وڏي واڪي = وڏي آواز ۾
اَوس = ضرورُ
علي وجهڻ = ڪوُڙ ڳالهائڻ

# اَڀياس

**سوال.1. هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو.**

1) ليکڪ ڪهڙيءَ گاڏيءَ ۾ وينو هو؟
2) ترين ڪٿان شروع ٿي؟
3) ڪرشن جو روپ ڌاريل ڇوڪرو ڪير هو؟
4) ڇوڪرو ڪنهن جو چيلو بڻيو؟

**سوال.2. هيٺين سوالن جا جواب تورڙي ۾ لکو.**

1) ڇوڪري گاڏو ڪيئن صاف ڪيو؟
2) مُسافرن ٻهاري پائينداز ڇوڪري سان ڪهڙو ورتاءُ ڪيو؟
3) گاڏيءَ ۾ آيل مست ماڻهوءَ جو بيان ڪريو.
4) ڇوڪري ڪرشن جو روپ ڌاري پئسا ڪمائڻ جو ڪهڙو سبب ٻڌايو؟

**سوال.3. هيٺين اصطلاحن جي معنيٰ لکي جملي ۾ ڪم آڻيو.**

1) اختيار ڪرڻ　　2) اُبرڪا اُٿڻ
3) سامت جو ساهه ڪڍڻ　　4) علي وڃڻ

**سوال.4. هيٺيان جُملا ڪنهن، ڪنهنکي چيا آهن.**

1) ”اَسان ڇيو هو توکي صفائي ڪرڻ لاءِ؟“
2) ”اَسان کي ان طرح جي بُرائيءَ کي همٿائڻ نہ کُهرجي.“
3) ”اڙي، تون تہ اُهو ئي ڇوڪرو آهين جو گاڏيءَ ۾ گند ڪچرو صاف ڪندو هو!“
4) ”اڄ جي زماني ۾ محنت مزوريءَ جو ڪوبہ مُلهه ڪونهي.“
5) ”ليڪن هي سڀ ڪرڻ جي توکي صلاح ڪنهن ڏني؟“

**سوال.5. هيٺين چوڪنڊن ۾ گرامر موجب ڀالهائڻ جا مناسب لفظ لکو.**

مثال - گاڏي　اِسم

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| پنج | | اُٿيا | | قاتل | |
| واپاري | | انسان | | ۾ | |
| صاف | | بہ | | نہ | |

**سوال.6. ’قاتڻ‘ فعل مان ’قاتل‘ صفت ٺهيل آهي.**

فعلن ۽ صفتن جا اهڙا ٻيا پنج مثال لکو.

**سوال.7. چوڪنڊا پورا ڪريو.**



# پورڪ اَڀياس

(ا) ٽڪر تي عملي ڪم.

ٽرين اِندور ................. سامت جو ساهه ڪنيو.

(i) هيٺين چارٽ پوري ڪريو.

1) ٽرين شروع ٿيڻ وارو شهر

2) ٽڪر ۾ ڏنل اِصطلاح

3) گندگيءَ جو ضد

4) ’ڇوڪرو‘ جو جنس مونث.

(ii) هيٺيان چوکنڊا پريو.




(2) ميونسپل اَڌڪارين ڪي وارڊ ۾ جمع ٿيل ڪچرو ڪڍڻ بابت خط لکو.

(3) پنهنجي ديش کي صاف سٿرو رکڻ بابت پنهنجن دوستن / ساهيڙين وچ ۾ گفتگو لکو.

(4) ”يڪ تندرستي هزار نعمت“ اِن وشيه تي مضمون لکو.

(5) ”ڀارت سوچ اَڀيان“ ۾ ديش کي صاف سٿرو بڻائڻ لاءِ سرڪار پاران کهڙا قدم کنيا پيا وڃن اُنهن جي انٽرنيٽ ذريعي چارٽ حاصل ڪريو.

## پاڻ ڪريان - پاڻ سکان

(1) برئڪيٽ مان مناسب لفظ چونڊي خال ڀريو.

(پاپ، ڪُهاڙي، سور، موٽ، ڪاڻ، منهن، ٻج، سنان)

ڪميا ڏرم جي وڻ جو ......... آهي ۽ ڪاوڙ ڏرم جي وڻ کي ڪپڻ جي ............ آهي. ڪمياوان جو ......... سدائين مرڪندڙ ۽ من سدائين ٽِرندڙ رهي ٿو. غم ڪاٽڻ، صبر سان .......... ۽ رنج سهي وڃڻ، اُن مان من جي .......... وڌي ٿي. جنهن جي دل ڪميا جي .......... آهي، ان جو درشن گنگا جي ......... کان وڌيڪ ............ ناس ۽ سيتل ڪندڙ آهي.

(2) مثال موجب مناسب نشان (✓) يا (✗) ڪريو.

| ڪاوڙ | ڪميا | حقيقتون |
|---|---|---|
| ✗ | ✓ | مثال : ماڻهوءَ جي عزت وڌائي ٿي. |
| | | زهر جهڙو اَثر ڪري ٿي. |
| | | اَگنيءَ سمان آهي. |
| | | اَمرت سمان آهي. |
| | | هرهنڌ پيارو بڻائي ٿي. |
| | | هوش وڃائي ٿي. |

(3) ٽڪر پڙهي سوال ٺاهڻ.

اُڻويهين صديءَ جي وچ ڌاري هڪ فرينچ ودوان لوئي بريل نالي سورداسن کي سيکارڻ جو هڪ نئون رستو ايجاد ڪيو. هُن ٽٻڪن جي رستي سيکارڻ جي هڪ نئين تجويز ٺاهي جنهن کي ’بريل سرشتو‘ سڏجي ٿو. اُنهيءَ سرشتي موجب ڇهه ٽٻڪا ڪٽي اُنهن کي اَهڙن جدا جدا نمونن ۾ ٺاهي ٿا بيهارين جو سڀ اَکر ٺهيو پون. پوءِ اُهي ٿلهي پني تي اُڀريل ڇٽ وانگر ڇپي، سورداسن کي سيکاريا ٿا وڃن. سورداس اِنهيءَ رستي ڇهڻ سان نه رڳو اَکر پر لفظ پڻ سڃاڻڻ سکن ٿا. آهستي آهستي هوُ اهڙيءَ ريت ڇپيل ڪتاب لس ئي لس پڙهي سگهن ٿا.

اَڳي سورداس، اَڱيان جي اوندهه ۾ گهاريندا هئا. لوئي بريل جي ايجاد ٿيڻ سان اَڄ، لڪين سورداس اِنهيءَ اوندهه جي ٻنيي کان ٻاهر نڪري، سوجهري ۾ اَچي رهيا آهن ۽ سندن جيون سکيارٿو ٿي رهيو آهي.

مٿيون ٽڪر پڙهي ڇهه سوال ٺاهيو.

# 2. اَجنتا جوُن غُفائون

پرنسيپال نرمل ڪنيالال گوپلاڻيءَ جو جنم احمداباد گجرات ۾ 16-01-1965 ۾ ٿيو. تعليم سان گڏ سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ لاءِ بہ سرگرم رهيو آهي. راشٽريہ سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد نيو دهلي ۾ بطور ڊائريڪٽر ڪيترائي سال سنو ڪاريہ ڪيائين.

هن پاٺ ۾ ليکڪ اجنتا جي غفائن جو سهڻو چِٽر چِٽيو آهي.



ڪنهن بہ ملڪ، جاتيءَ جي ڪلائن جو سُندر خزانو اُهو صرف اُن قوم، ديش جو نہ هوندو آهي پر اُهو سڄي سنسار جو قيمتي ورثو آهي. اڄوڪي دنيا جون ڪلائون آهن : چترڪاري، سنگتراشي، سنگيت، ڪلا، شلپ ڪلا، ناٽڪ، ڪوتا وغيره. اِهي ڪلائون اِنساني سڀيتا ۽ اِنساني وڪاس لاءِ ضروري تہ آهن پر گهڻيون ڪلائون آرٽڪ وڪاس ۾ پڻ هٿي ڏيندڙ آهن. اسانکي موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان انيڪ ڪلائن جا اهڃاڻ حاصل ٿيل آهن، تہ وري ڀارت ۽ دنيا ۾ انيڪ غفائون آهن. ڪلا-ڪاريگريءَ جو بهترين نمونو آهي.

ڀارت جون اجنتا ۽ ايلورا دنيا ڀر ۾ هاڪاريون غفائون آهن جن کي جاڙيون ڀينر بہ سڏيو ويو آهي اُهي ٻئي ڪلا ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن. ايلورا ۽ اجنتا ۾ فرق اِهو آهي تہ ايلورا غفائن ۾ چتر اُڪريل آهن ۽ اجنتا جا چتر رنگارنگي چٽيل آهن. ايلورا غفائون هندو ڌرم جي ۽ اجنتا غفائون ٻوڌي ڌرم جي ساک ڀريندڙ آهن. هتي اسين صرف اجنتا جي غفائن جو ذڪر ڪنداسين.

اسين بخوبي ڄاڻون ٿا تہ انگريزن جي حڪومت وقت اهڙيون جڳهيون ڳولهيون ويون جيڪي ڪلا- ڪاريگريءَ جو انوکو مثال رهيون آهن. تواريخ ٻڌائي ٿي تہ 1819ع ۾ انگريزي فوج جو هڪڙو دستو اجنتا جي غفائن وٽ اچي پهتو. اجنتا پوساول ويجهو، مهاراشٽر راجيہ جي جلگانوَ کان پري آيل فردپور ڳوٺ ڏانهن ويندڙ پهاڙي علائقي ۾ آهي. انگريزي فوج جڏهن غفائن جي چترڪاري ڏٺي تہ دنگ رهجي ويا. 1839ع ۾ رائل ايشاٽڪ سوسائٽيءَ ان چترڪاريءَ تي وڏو مضمون شايع ڪيو. جنهن مان متاثر ٿي 1844ع مدراس جي فوج جو صوبيدار ميجر گُل نوڪري ڇڏي وڃي اَجنتا جي غفائن ۾ رهيو ۽ تصويرون تيار ڪيون جيڪي انگلنڊ جي ڪرسٽل محل ۾ موڪليون ويئون. اچانڪ محل ۾ باهہ لڳي اُهي چتر جلي خاڪ ٿي ويا. 1870ع ۾ مسٽر گرفش ممبئيءَ جي جي.جي. اِسڪول آف آرٽس جي شاگردن جي مدد سان ڪافي چتر ڪاغذ تي چٽيا پر 1885ع ۾ اهي بہ باهہ جا بکہ بڻيا. سال 1904 ۾ ليڊي هيرن گهام پارٽ آئي ۽ 1910ع کان 1915ع تائين اَجنتا ۾ رهي رايل ايشاٽڪ سوسائٽيءَ جي سهاري ”اَجنتا نرسيڪو“ نالي تصويري ڪتاب شايع ڪيو جيڪو اڄ ڏينهن تائين دنيا پر هاڪارو رهيو آهي ۽ اَجنتا جي غفائن تي عالمي سطح تي پارٽ جي ناماچار ڪي وڌايو آهي. دُنيا ڀر جي يادگارن ۾ تاجمحل جنهن کي دنيا جو ستون عجوبو سڏيو ويو آهي ڪانپوءِ اجنتا جون غفائون اُتم يادگارن مان هڪ آهن ۽ ڪلا-ڪاريگري ڏسي دنيا ڀر جي لوڪ ڏندين آڱريون ڏيندا آهن ۽ پڇندا آهن ڇا اِهي اِنسان، پارتي انسان جي هٿ جي ڪلا آهي؟

’اَجنتا‘ نالي ڳوٺ انهن پهاڙي غفائن کان ست ميل پري آهي. اجنتا ساپتواه جبل جي قطار جي حصي جون پهاڙيون آهن اندازي اڍائي سؤ فوٽ اوچي پهاڙ تي ”ڏنش“ آڪار ۾، ننڍيون ۽ وڏيون غفائون ملائي 29 غفائون کوٽيل آهن. غفا نمبر 28 جي دڙي جي سري تي ست منزلي آبشار جي روپ ۾ وهندڙ پاڻي پهاڙيءَ جي تري ۾ ”واگهوڙا“ برساتي نديءَ نالي وهندي آهي. برسات جي مند ۾ هن جهرڻي جي رونق ۽ سج جي ڪرڻن ۾ اُپرندڙ اِندلٺ جا ست رنگ خاص ڏسڻ وٽان هوندا آهن.

چون ٿا تہ چؤماسي جي ساوڪ، ننڍڪ، سونهن ۽ شانت وايومنڊل ۾ رهڻ ۽ ساڌنا ڪرڻ لاءِ ٻوڌي بکشڪن لاءِ اِهي غفائون کوٽيون ويئون هيون. سڀ غفائون ڪاري پٿر مان کوٽيل آهن. اِهو بہ چيو وڃي ٿو تہ گپت گهراڻي جي سمراٽن واري سميہ واڪاٽڪ ونش جي هريش سمراٽ جي راڄ ۾ اِهي غفائون کوٽايون ويئون ۽ ڪلا جو ڪم ٿيل غفائن جي نقشڪاري ڏسڻ وٽان آهي. هرهڪ ٻوٽو چڻ ٻي جان نہ پر جاندار پاسي ٿو ۽ انهن جا چهرا زنده هجڻ جي پاوناڻ جو اظهار ڪن ٿا. ڪاريگريءَ جي ڪماليت جو سهڻو عمدو آستان آهن. هي غفائون چترڪلا جي ميدان ڪماليت جي چوٽيءَ تي پهتل آهن.

غفائون گهڻي پاڻي وهار آهن. پٿين تي هرڻ ۽ ٻيا قديم زماني جا چتر چٽيل آهن. هڪ ديوار تي راجا سري ٻوڌيءَ جي ڪهاڻي چٽيل آهي. ڏيکاريل آهي تہ راجا آشريہ ورتل ڪبوتر کي هڪ باز جي پنجي مان بچائڻ خاطر پنهنجي جسم جو ماس ڪپي ڏنو هو. هڪ غفا ۾ راجا وينل آهي جو پرارٿنا ٻڌي رهيو آهي. ٻئي چتر ۾ راڻي راجا وٽ جهڪي ويني آهي ۽ داسيون هنن جي پيرن کي زور ڏيئي رهيون آهن. ساڄي پاسي سنگيت سان گڏ ناچ ٿي رهيو آهي. هڪ غفا ۾ ديوار تي ٻڌ جي اُپاردار مورتي آهي. جنهن ۾ اُپديش ڏيئي رهيو آهي. چترپچ آڪار جو ننڍو پوڄا منڊپ ڏاڍو سهڻو آهي. هڪ هنڌ هڪ پرش ۽ هڪ استري بيٺل آهن ۽ آڪاش مان هڪ مورتي اُڏامندي هيٺ اَچي رهي آهي. هڪ ٻيو چتر بہ ڪافي ڏيان ڇڪائيندڙ آهي جنهن ۾ ريدار تيزيءَ سان ريڍون هڪليندا نظر ٿا اَچن. هڪ ڪونيءَ ۾ ديوار تي برهمي لپيءَ ۾ هڪ ليک آهي جنهن ۾ گهنا موڊيشن جي دان جي مهما جو ورتانت آهي. ڪي غفائون ٽنين تي بيٺل آهن جئن احمدآباد ۾ ’جهومتا منار‘ مشهور آهي ۽ انهن ۾ عجائب رمز رکيل آهي جو هڪ منار لوڏائبو آهي تہ ٻئي منار ۾ ڏوڏو لڳندو آهي. هڪ منار جي پٽ ۾

آواز ڪبو آهي تہ اهو ٻئي منار جي ديوار ۾ ٻڌڻ ۾ ايندو آهي اهڙي قسم جي رمز پڻ اجنتا غفائن جي ڪن منڊپن جي ٿنڀن ۾ رکيل آهي. ٿنڀن تي ڌڪ هڻبو تہ چٽڪ ڌڪڙ وڄي رهيا آهن اهڙو آواز نڪرندو. وري ڇت هيٺان بيهي آواز ڪبو، راڳ ڳائبو تہ ان جو هوبهو پڙاڏو يا جيڪو آواز ڪيندا ٻڌڻ ۾ ايندو. چٽرن ۾ اُڪريل اِسترين جا چٽر اِها بہ شاهدي پرين ٿا تہ آڳاٽي سميہ ۾ اِستري جاتيءَ لاءِ ڪافي مان-سنمان هو. هرهڪ چٽر ۾ پرش سان گڏ همشريڪ اِستري ضرور نظر اچي ٿي. اُن زماني ۾ پردي يا منهن ڍڪڻ جو رواج ڪونہ هو. هار سينگار بہ گهٽ ڪونہ هو. استريون، ديويون، سورير ۽ سيتاوان روپ هيون.

جنهن زماني ۾ غفائون کوٽيون ويون نفيس ۽ باريڪ چٽڪاريءَ جو ڪم ڪيو ويو ان سميہ اوندهہ هئڻ سبب اهو ڪم ڪيئن ٿيو آهي حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهہ آهي. ضرور ڪا هٿرادو يا قدرتي روشني ميسر ڪئي ويئي هوندي. ڪم ڪرڻ لاءِ جو اچ بہ ڪافي اوندهہ آهي، پر هاڻي روشنيءَ جو بندوبست ڪيل آهي. اجنتا جي چٽرن ۾ ذري ذري ۾ جنسي جان ڦوڪيل آهي. اهي اجوڪي دنيا جا عملي خزانا آهن ۽ ڀارت جي ڪلا ڪاريگريءَ جي ساک پرين ٿا تہ ڀارت جي ڪاريگرن، ڪلاڪارن پنهنجي ٻي بها ڪلائن سان سنسار کي سينگاريو ۽ سجايو آهي. واقعي ٿي هوُداد جي لائق آهن.

## نوان لفظ

اُهڃاڻ = نشان

مُتاثر ٿيڻ = اَثر هيٺ اچڻ

اُپاردار = اُپريل

حيرت ۾ وجهندڙ = عجب ۾ وجهندڙ

ڏندين آڱريون ڏيڻ = عجب ۾ پوڻ

ڏنگ رهجي وڃڻ = عجب ۾ پوڻ

داد = شاباسي

ساڌنا ڪرڻ = تپسيا ڪرڻ

ناماچار = ساراهہ

ساک پرڻ = ساراهہ ڪرڻ

وهار = جڳهہ

## اَڀياس

**سوال.1. هيٺين سوالن جا جواب هڪ يا ٻن جملن ۾ لکو.**

1) اَجنتا جون غفائون ڪٿي آهن؟
2) اَجنتا جي غفائن تي ڪهڙو ڪتاب شايع ڪيو ويو؟
3) اَجوڪي دنيا ۾ ڪهڙيون ڪَلائون آهن؟
4) دنيا جو ستون عجوبو ڪنهن کي چيو وڃي ٿو؟
5) اَجنتا ۾ ڪُل ڪيتريون غفائون آهن؟
6) جاڙيون پينرون ڪنهن کي سڏيو ويو آهي؟

**سوال.2. هيٺين سوالن جا ٿوري ۾ جواب لکو.**

1) ايلورا ۽ اَجنتا جي غفائن ۾ ڪهڙو فرق آهي؟
2) اَجنتا جي 28 غفا جون خاصيتون لکو.
3) اَجنتا غفائون جو ڪوٺايون ويوُن؟
4) اَجنتا غفائن ۾ چٽيل راجا سري ٻوڌيءَ جي چٽيل ڪهاڻي بيان ڪريو.
5) اَحمدآباد جي جهومتا مناري جي جاڻ ڏيو.
6) اَجنتا غفائن جي باري ۾ ٽي جُملا لکو.

**سوال.3. هيٺين جملن ۾ خال ڀريو.**

1) اَجنتا نالي ڳوٺ اِنهن ٽڪرين ۽ ٻيڙين غفائن ڪان ............ پري آهي.
2) جيڪي اِنگلنڊ جي ............ محل ۾ موڪليون ويئون.
3) اَجنتا جي چٽرن ۾ ذري ۾ ............... جان قوڪيل آهي.
4) هي غفائون ............... ڪماليت جي چوٽيءَ تي پهتل آهن.

**سوال.4. (الف) هيٺين لفظن لاءِ ضد لکو.**

هاڪاري، ٻي جان، هيٺان، ماڻ، اونده، هتراڌو، ڳهٽ

**(ب) هيٺين لفظن جون صفتون لکو.**

ڌرم، اِنسان، برسات، سونهن

## پورڪ اَڀياس

**(1) ٽڪر تي عملي ڪم**

چون ٿا ............... ڪماليت جي چوٽيءَ تي پهتل آهي.

1) مثال سمجهي چوڪندا ڀريو.




2) ''هرهڪ ٻوٽو ڇڻ ٻي جان نہ پر جاندار ڀاسي ٿو.'' سمجهاڻي ڏيو.
3) غفائن جون ٻہ خاصيتون لکو.
4) ڪاريگريءَ جي ڪماليت جو سهڻو عمدو آستان آهي.

اِن سٽ ۾ رنگين زباني 'تجنيس حرفي' استعمال ٿيل آهي. اهڙو ٻيو مثال ڳولهي لکو.

**(2) پنهنجي دوست / ساهيڙيءَ کي گهمي آيل هنڌ بابت خط لکو.**

**(3) 'پراڻي عمارت' جي آتم ڪهاڻي لکو.**

**(4) ڀارت ديش ۾ عمدي چٽرڪاريءَ وارين غفائن جي اِنٽرنيٽ ذريعي جاڃ حاصل ڪريو.**

**(5) ڪنهن جڳهہ تي گهمڻ وڃڻ لاءِ ٻن دوستن / ساهيڙين وچ ۾ گفتگو لکو.**

✦✦✦

# 3. قابلِ ڪيرُ؟

سداحيات شريمتي رتنا گوديا ’رولاڪ‘ سنہ 1998ع کان ٻارنهن سال سنڌيءَ ۾ ڪوتائون، ڪهاڻيون ۽ ناول لکندي رهي. هڪ سنڌي فلم ’پاروشاهہ جو پيارو - وسڻ شاهہ ڏُلارو‘ پرڊيوس ڪيائين.

هن سبق ۾ پُٽ ۽ ڌيءَ جي شفي نفي پهلن تي ويچاريندي ٻڌايو آهي تہ قابل ڪير؟



ناراڻي هڪ سُني امير زميندار جي پڙهيل ڌيءَ هئي. غريبن سان هن کي نفرت هوندي هئي. جنهن لاءِ پنهنجي ڪلاس ۾ رڳو شاهوڪار ڇوڪرين سان رستو رکندي هئي. سنڌ ڇڏڻ وقت هن جي شادي هڪ پڙهيل سني آکهہ واري جوان سان ڪرائي ڇڏي، اُهو سوچي تہ جوان ڌيءَ کي ڪٿي وٺي پيا پٽڪنداسين. پر ناراڻي شاديءَ مان خوش نہ هئي، جو هوُ اَمير نہ هئا. ڏاڏيءَ اُهو ڏسي هن کي سمجهايو تہ وياءُ ڇڳن لڇڻن جو آهي. پٽ اَميري نصيب ۾ هوندي تہ خود بہ خود اَچي تنهنجي جهول ۾ پوندي. هاڻ تہ ڏسين ويٺي امير غريب هڪ ئي ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي نڪرنداسين. خبر نہ هي ٻيڙي ڪناري پهچندي يا نہ. پر گهٽ ۾ گهٽ اِهو آٿت تہ رهندو تہ تون پنهنجي گهوٽ سان گڏ آهين. ڇوڪرو پڙهيل لکيل آهي. ڪائي عادت نہ اَٿس. چوندا آهن تہ ”مڙس جي ڪمائي ۽ زال جي سهڙپ سان جيون سک سان گذري ويندي آهي. هونئن بہ پٽ، مال ملڪيت، جايون زمينون سڀ هتي ئي ڇڏي ويندا سين. اُهو سوچي خوش رهنديئن تہ پڳوان تنهنجو ڀلو ڪندو.“ ناراڻيءَ جي من کي اُهي ڳالهيون موهي نہ سگهيون. پر اُن وقت ڪڇڻ پڇڻ جي جاءِ نہ هئي، سو دل جي ڳالهہ دل ۾ ئي رهيس.

ڏاڏيءَ تہ چيو هو تہ پاڳ پلو ٽيندءِ، پر هن جو پاڳ پلو ٽي نہ سگهيو جو هن جي مڙس کي سُٺي نوڪري تہ جهٽ ملي ويئي ريلوي ۾، پر ٽن سالن کانپوءِ پُٽ جو منهن ڏسي ڪنهن حادثي ۾ هن جو مڙس گذاري ويو. هاڻ هوءَ ڇا ڪري؟ مائٽ بہ هليا ويا هئس ڏيساور ۾. ٻار بہ ننڍو هوس جنهن لاءِ پاڙي جي ٻارن کي ٽيوشن ڏيئي پُٽ کي انجنيئر ڪيائين. مائٽن تي غصو هوس جو هن سمجهو تہ ڇاڻي واٽي هنن مون سان ويل ڪيو هو. جاءِ ٽڪر ڪليم ۾ مليو هوس باندرا ۾. پُٽ کي وڏي فرم ۾ سُٺي پگهار تي ڪم مليو هو.

نارائڻيءَ جي دل ۾ دٻيل، دؤلت جي خواهش جاڳي اُٿي. بس هن جي هڪ ئي آشا رهي تہ ڪنهن وڏي دؤلتمند جي سڪيلڌِي سهڻي سُٺي ڇوڪريءَ سان شادي ڪرائي پنهنجي پاڳ کي وڌو ڪنديس. سو پنهنجي سيني ڄاتل سڃاتل ساهيڙين کي چئي ڇڏيائين تہ منهنجي پُٽ لاءِ ڪا سهڻي شاهوڪار گهر جي ڇوڪري ڌيان ۾ رکجو. هن پنهنجي پُٽ جي خوب وڏائي ڪئي.

هن جو پُٽ ناڪر، هوُ بہ وڏائيءَ ۾ قابل، سهڻو ۽ سڊول بدن، هر انگ مان ڦوهہ جوانيءَ پئي ليئا پاتس. موڪريون اکيون، ڳاڙها ڳچ، ماءُ جو آگياڪارِي پُٽ هو، ڪا بہ بُري عادت نہ هئس. آفيس جون ڇوڪريون هن کي ڏسِي ٽڌا ساهہ پريندڙيون هيون، پر ناڪر هنن ڏي ڪم ڪانسواءِ نهاريندو بہ نہ هو. ماءُ وانگر هن جي من ۾ بہ ڪا ڳالهہ گهر ڪري ويهجي ويهي هئي تہ مان دنيا ۾ خاص ماڻهو آهيان، جنهن لاءِ ڪا خاص ڇوڪري پاڻ اچي مون سان پلئہ ٻڌڻ لاءِ بيتاب ٿيندي. جنهن لاءِ ڪنهن عام ڇوڪريءَ سان ڳالهائيندو ئي نہ هو. هر هفتي ڪنهن نہ ڪنهن وڏي هوٽل ۾ امير پيءُ هن کي پنهنجي ڌيءُ ڏيکاريندو هئو. هن کي ڪا بہ ڇوڪري نہ وڻندي هئي. گهر اچي ماءُ کي چوندو هو تہ، ”ڇا امڙ، اهڙي ڇوڪري ڏيکارڻ لاءِ منهنجي شام خراب ڪيئہ؟“

ائين گهٽ ۾ گهٽ ويهہ کن ڇوڪريون ڏسي ماءُ تي غصي ٿي چيو، ”آئينده توهان ڇوڪري ڏسي، پوءِ مون کي ڏيکارجو. مان اصل نہ چاهيندس تہ منهنجي جوڙ جي ڇوڪري نہ هجي.“ ائين ڪونہ هو تہ اهڙيُن ڇوڪريُن جي ڪا پرلئہ هئي. نارائڻيءَ جي ساهيڙيءَ جي ڌيءَ بہ ناڪر جي قابل هئِي پر نارائڻيءَ جي اُميدن جهڙي گهر جي ڌيءُ نہ هئي، جنهن لاءِ ناڪر کي ڏيکارڻ نہ ٿي چاهيائين، متان ناڪر هن کي ڏسِي ها ڪري تہ هن جي پاڳ جو ڇا ٿيندو. هن کي هڪ بہ ڇوڪريون وڻيون هيون وڏي امير گهر جون. ڍهہ ڍهہ گاڏيون، نوڪر چاڪر، سنو ڏنڊو ۽ هنن جون زالون جڏهن بہ ڪٽي پارٽيءَ ۾ ايندِيون هيون تہ هيرن جي مٽين سان پيون ڀڪنديون هيون. پر ناڪر چيو تہ هڪ جو رنگ سانورو آهي ۽ ٻِي بدن جي پريل آهي. ماءُ سمجهائي چيس تہ، ”سونهن سونهن پيو ڪرين، ويچاريون نياڻيون آهن، جي ڪَجهہ گهٽ وڌ اٿن تہ ڇا ٿيو. سونهن رهي ڪيستائين ٿي. جوءِ ڪپيئي ڪ شوروم ۾ رکڻ لاءِ ڪا گُڏي.“ ناڪر سمجهي نہ سگهيو تہ اُنهن ڇوڪرين مان ڦلاڻي ڇا تہ ڇوڪري هئي! پوءِ بہ ماءُ چيو ”نہ ڪو، هلڻ ۾ اُچاتري آهي. ٻيو مائٽن ۾ بہ جَسُ نہ اٿس.“ هاڻ هو خفي خفي رهندو هو. پوءِ بہ ٻئي ماءُ پُٽ پنهنجي پنهنجي ڳالهہ تي اٽڪي بيٺا هئا.

اچانڪ نارائڻيءَ کي پنهنجا سپنا ساڪار ٿيڻ جي جهلڪ نظر آئي. هن جي ساهيڙيءَ جي ڌيءَ جي مصريءَ تي ڇوڪري جي پيڻ هيڏانهن هوڏانهن ائين پئي ڦري جڻ مورن ۾ هڪ ڊيل. سيني مورن جون نظرون وڃي هن تي اٽڪيون. ائين ڀاسيو جڻ پرستان جي سون پري ڪجهہ وقت لاءِ ڌرتيءَ تي لهي آئي هجي. نارائڻيءَ سڄي خبرچار لڌي. خبر مليس تہ هوءَ وڏي شاهوڪار جي اڪيلي ڌيءَ آهي. هن جي پاءُ جي مصري آهي. اڙي! هوءَ تنهنجي ساهيڙيءَ جي ڌيءَ آهي. هاڻ تہ مير ماريو اٿس. توکي بہ منٿون ڪيائين ناڪر لاءِ پر تنهنجي اک نہ ٻُڌي. هاڻ تہ وڃي راڄ ڪندي. ماڻهو بہ سنا آهن. ڇيائون اسان وٽ

پنهنجا پئسا بہ گھٽيئي آهن، ٻين جا پئسا وٺِي ڪٿي رکندس. بس ڇوڪري سٺي ۽ سٻاجهي ڪپي سا ملِي ويس.

نارائڻي : ”ازي! تون هن جي ڏيءَ جي مائٽي هلاءِ نہ منهنجي پُٽ لاءِ، جنهن جي تہ خبر اٿيئي.“

”پر بہ تنهنجو پُٽ مڃيندو سهين؟ ڏاڍو نخريلو آهي. ڇوڪريءَ جو رنگ تنهنجي پُٽ جهڙو نہ آهي، اُهو ڏسي رهي آهين پر هن جي اڳيان هزارين اڇي رنگ واريون ڦڪيون پيون لڳن.“ مائٽن واري يڪساهي ڇڏي ويئي.

اُن رات جو ئي ڇوڪريءَ جي ماءُ سان ڳالهہ ڪئي ۽ ڇوڪري جي وڏائي بہ. ڇوڪريءَ جي ماءُ سوچيو اڳو پوءِ هڪ ئي منڊپ ۾ بہ شاديون ٿي وڃن تہ ڀلو. ٻئي ڏينهن سنيءَ هوٽل ۾ ملاقات رکي ويئي. ڇوڪرو ڏسِي تہ ڇوڪريءَ وارن جون اکيون ئي ٺري پيون. مٿان هن جو ڳالهائڻ ٻولائڻ ۽ چريتر جو ٻُڌي ماءُ تہ دل هاري ويٺي. پيُءُ ڏيءَ ڏانهن نهاريو. پر هوءَ چُپ هئي. ناڪر سمجهو تہ شرم ٿي ڪري. نارائڻيءَ چيو، ”منهنجو پُٽ ڇوڪريءَ سان ڳالهائڻ چاهيندو، جو اڄ جو اُهو رواج ٿي پيو آهي شاديءَ کان اڳ هڪ ٻئي جي خيالن جي ڄاڻ پوڻ گهرجي.“

ڇوڪريءَ جي پيءُ چيو، ”اڄ اسان کي سيٺن وٽ وڃڻو آهي، سو توهان سڀاڻي ڪنهن وقت بہ گڏجي سگهو ٿا.“

ناڪر شام جو ڇهين جو وقت رکي اُٿي کڙو ٿيو. رستي تي ماءُ پُڇيس تہ ”ڪيئن لڳي توکي؟“

ناڪر : ”نيڪ آ، پر رنگ سفيد نہ اٿس. پوءِ بہ ڪجهہ اهڙو اٿس جو وڻي وڃي.“

ماءُ کلندي چيو، ”هل شيطان، اندر ۾ لڏون پيا ڦٽندا هوندءِ ۽ ٻاهران ٿو ناٽڪ ڪرين. نالو بہ اٿس ’موهڻي‘ خبر پوندءِ.“

ٻئي ڏينهن ڇهين بجي هوُ مليا پاڻ ۾. موهڻي چُپ ڪيو ويٺِي هئي. ناڪر سوچيو تہ مرد کي ئي شروعات ڪرڻي پوندي آهي، جنهن لاءِ سوال پڇيائين، ”گهڻو پڙهي آهين؟“

موهڻي : ”ٿورو.“

ناڪر : ”مان تہ انجنيئر آهيان ۽ اڃان پيو پڙهان. ٻئي سال ايم.بي.اي. ڪندس، مان چاهندس تہ تون بہ وڌيڪ پڙهين.“

موهڻيءَ وري هڪ اکر ۾ چيو ”ها پڙهنديس.“

ناڪر کي پڪ ٿي تہ موهڻي مون تي موهت ٿي آهي، جنهن لاءِ آگياڪاري زال وانگر ها ۾ ها ملائي رهي آهي. سو اڃي ويو ڦونڊ ۾، ڳالهائڻ کي جاري رکڻ لاءِ ڪجهہ تہ ڳالهائڻو هوس. سو چيائين، ”منهنجي ماءُ گهڻيئي ڇوڪريون ڏٺيون ۽ ڏيکاريون آهن پر جڏهن کان توکي ڏٺو اٿس تہ تنهنجي نالي جي مالا پئي ڦيري. خبر نہ آهي تو ڪهڙو جادو ڪيو اٿس، سمجهي نٿو سگهان تہ اُنهن ڇوڪرين ۾ ڪهڙي گهٽتائي ڏٺِي هئائين. ازي، تون ڳالهائين چو ڪونہ ٿي؟ ائين چُپ رهنديںءَ تہ ڪم ڪيئن هلندو؟ ڪجهہ تہ ڳالهاءِ.“

موهڻي : ”توهان ٻڌڻ چاهيندا تہ اُنهن ڏنل ڇوڪرين ۾ توهان جي ماءُ کي ڪهڙي ڪمي نظر آئي. اُنهن ۾ ڪمي هئي دؤلت جي. جن وٽ دؤلت هئي اُهي ڇوڪريون تنهنجي تور ماپ جون نہ هيون. پنهنجي پسنديءَ واري ڇوڪري تون پائي نہ سگهين جو تون ماءُ جو آگياڪاري پُٽ آهين ۽ تون بہ ماءُ جي لوڀ ۾

سڌو اڻسڌو شامل راءِ آهين، منهنجي ويچار موجب. تون ماءُ کي صحيح رستو ڏيکاري سگهين يا پاڻ کي امير گهر جي لوپ کان مُڪت ڪرائي سگهين، اهڙي تو ۾ همت نہ آهي. نہ پنهنجي قابليت تي توکي پروسو آهي. تون ئي ٻڌاءِ ماءُ جي آڱر پڪڙي هلڻ واري سان ڪهڙي سؤ‌ايماني چوڪري شادي ڪري سُکي رهي سگهندي؟ تنهنجي ماءُ جو چوڻ آهي تہ مون ڏاڍيون تڪليفون ڏسي پُٽ کي پاڙهيو آهي، جنهن لاءِ هن کي حق آهي تہ تنهنجي ساهرن مان اُها رقم وياج سوڌي وصول ڪري. ڇا پوءِ هوءَ ڏُک پلجي ويندي؟ چوڪرين جي مائٽن بہ ڏيئڻ جي لاءِ ساڳيون تڪليفون ڏٺيون هونديون پوءِ هُنن کي بہ اُن جي عيوض ڪجهہ گهرڻ کپي، نہ نہ، هن سڙيل سماج ۾ چوڪرين جي مائٽ کي ڏيڻ جو حق آهي، نہ وصول ڪرڻ جو. سو ٻڌو پيائي ناڪرمل، مون کان اُهو سماج جي لوپ جو بوجهو سنو نہ ويندو. مان ڊاڪٽري پڙهي چُڪي آهيان. سونهن ۽ دؤلت جي مون وٽ ڪمي نہ آهي، پوءِ بہ مان سمجهو ۽ سلجهيل چوڪري سان شادي ڪندس، پلي هوُ امير نہ هُجي، جو پنهنجو آئينده ناهڻ جو لوپ رکندو هجي پنهنجي محنت سان نہ پين جي دؤلت سان. مون کي معاف ڪجہ مان جنهن جيون ساٿيءَ جي چاهنا رکان ٿي، اُهو تون ٿي نہ تو سگهين.'' پوءِ ناڪر سان هٿ ملائي، مشڪي، تڪڙا تڪڙا قدم کڻي هوٽل کان ٻاهر هلي ويئي.

ناڪر کي پاڻ تي ٻانور هو تہ اهڙي چوڪري جائي نہ آهي دنيا ۾، جا هن کي ٺڪرائي، پر ويچارو اسان جو نائڪ ناڪر!

## نوان لفظ

| | | |
|---|---|---|
| ڏيساور = پرديس | ٻهڪڻ = چمڪڻ | ويل = وقت |
| خفي ٿيڻ = تنگ ٿيڻ | پرلئہ = قيامت | |

## اَپياس

**سوال.1. هيٺين سوالن جا جواب هڪ يا ٻن جملن ۾ لکو.**

1) نارائڻي شاديءَ مان خوش ڇو نہ هئي؟
2) نارائڻيءَ جي دل ۾ ڪهڙي دبيل خواهش جاڳي اُٿي؟
3) ناڪر جي من ۾ ڪهڙي ڳالهہ گهر ڪري ويئي؟
4) ناڪر کي پاڻ تي ڇا جو ٻانور هو؟

**سوال.2. هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

1) ڏاڏيءَ نارائڻيءَ کي ڪهڙي سمجهاڻي ڏني؟
2) نارائڻيءَ جو پاڳ پلو ڇو نہ ٿي سگهيو؟
3) نارائڻيءَ کي ڪهڙي آس هئي؟
4) موهنيءَ ناڪر کي ڇو ٺڪرايو؟

**سوال.3. هيٺيان جملا ڪنهن، ڪنهن کي چيا آهن؟**

1) ”خبر نہ آهي تہ ٻيڙي ڪناري پهچندي يا نہ.“
2) ”مان اصل نہ چاهيندس تہ منهنجي جوڙ جي ڇوڪري نہ هُجي.“
3) ”سونهن رهي ڪيستائين ٿي؟“
4) ”مان چاهيندس تہ تون بہ وڌيڪ پڙهين.“
5) ”ڇوڪرين جي مائٽن بہ ڏيڻ جي لاءِ ساڳيون تڪليفون ڏٺيون هونديون.“

**سوال.4. (i) هيٺين اِصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو.**

وصول ڪرڻ، بيتاب ٿيڻ، جس نہ هئڻ، بانور هئڻ، گهر ڪري وڃڻ، ساڪار ٿيڻ، مير مارڻ

**(ii) هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

سلجهيل، گهٽا، سُني، پلو، شاهوڪار

**(iii) هيٺين لفظن جون صفتون لکو.**

سک، شرم، چريتر، محنت

**سوال.5. (i) هيٺين جا گرامر موجب ڳالهائڻ جا لفظ لکو.**

آگياڪاري، تون، ڏيکارجو، سياڻي، تي

**(ii) هيٺين جملن جا قسم سڃاڻو.**

1) ماءُ جو آگياڪاري پٽ هو.
2) هُن کي ڪابہ ڇوڪري نہ وڻندي هئي.

**سوال.6. 1) توهان جي ناڪر جي باري ۾ ڪهڙي راءِ آهي؟**
**2) موهٽي جيڪو ناڪر کي چيو ڇا توهان کي صحيح لڳو؟ جيڪڏهن ها تہ ڇو؟**

## پورڪ اَڀياس

**تڪر تي عملي ڪم پورو ڪريو.**

**(1) موهٽي : ”توهان پڙڻ چاهيندا ................... نہ وصول ڪرڻ جو.“**

**(i) تڪر مان هيٺ ڏنل سٽن جو مطلب پڌائيندڙ جملا ڳولهي لکو.**

.1 ڇوڪرين جي مائٽن بہ ڏيڻن لاءِ ڏُک ڏٺا آهن.
.2 تون هڪ سنسڪاري پٽ آهين.
.3 اَهڙي تو ۾ جذبات نہ آهي.
.4 ڇوڪريون غريب گهر جون هيون.

**(ii) سِٽ پڙهي جواب لکو.**

تون بہ ماءُ جي لوپ ۾ سڏو اٽسڏو شامل راءِ آهين.

.1 هڪ جوڙو ضدن جو ڳولهيو.
.2 هڪ فعل ڳولهيو.
.3 هڪ ظرف ڳولهيو.
.4 هڪ اِسم ڳولهيو.

(iii) تڪر مان هڪ ٻئي سان لاڳاپو رکندڙ لفظن جا جوڙا ڳولهي لکو.

مثال : دولت - رقم

(iv) هيٺ ڏنل ست جي سمجهاڻي پنهنجن لفظن ۾ لکو.

”ڇوڪرين جي مائٽن ٻه ڏيئن لاءِ ساڳيون تڪليفون ڏنيون هونديون.“

(2) هرهڪ مُدي لاءِ پنج جملا لکو.

1. پٽ جي شاديءَ ڪرڻ وقت مائٽن جون ڪهڙيون گهرجون هونديون آهن؟

2. پٽ جي شادي ڪرڻ وقت مائٽن جون ڪهڙيون گهرجون هئڻ گهرجن؟

(3) ”اڄ سماج ۾ ڏيتي ليتي هڪ ٻرندڙ مسئلو آهي.“ اِن مسئلي مان ٿيندڙ پنج نقصان لکو.

(4) ڏيتي ليتيءَ کان سواءِ ٻيا ڪهڙا سماجي مسئلا آهن؟

(5) هڪ ڇوڪري، نوڪري، وواهه، سکي جيون .... اِنهن ذريعي آکاڻي ٺاهي لکو.

(6) ٻن ڇوڪرين وچم پنهنجي چاڻ ٻڌائڻ بابت گفتگو لکو.

## خاص ڄاڻ

موجب https://eomwikipedia :

ڀارت جي قومي ڏوهن / رڪارڊ موجب سڄي دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ موت، ڏيتي-ليتيءَ سبب ڀارت ۾ ٿئي ٿين ٿا. سال 2012ع ۾ پوري ڀارت ۾ 18,233 عورتن کي پنهنجي جان وڃائڻي پئي. اِنهن وارداتن ۾ ڪي خودڪشيءَ جا واقعا هئا تہ ڪن ۾ ساهرن جي ڪري عورتون اَجهل جو شڪار ٿيون، اِنهن حادثن کي روڪڻ لاءِ سرڪار ڀاران سخت قانون پاس ڪيل آهن. خاص ڪري :

Protection of women from Domestic

Violence Act 2005 (PWDVA)

۽ اُن ۾ وڌيڪ سختي آندل Section 498A of IPC (1983) اِهي قائدا ڏيتي ليتيءَ جهڙي مسئلي جي پاڙ پٽڻ لاءِ ڪارگر آهن.

✦✦✦

# 4. جيوت جو مزو

لالسنگہ هزاريسنگہ اجواڻي (1975 - 1899ع) سنڌي ۽ انگريزي ٻولين جو ماهر هو. ساهتيہ اڪادميءَ جو 12 سال ڪنوينر تي رهيو. هن جو انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتاب ’هسٽري آف سنڌي لٽريچر‘ ساهتيہ اڪادميءَ طرفان شايع ٿيو : سندن ڪتاب ’اُڇل‘ ۽ ’نئون دور‘ پڻ قابل ذڪر آهن. هيٺئين مضمون ۾ ليکڪ اِنساني زندگيءَ جو فلسفيانہ بيان ڪيو آهي.



ملٽن شاعر



ودوان
برنارڊ شا

هن زماني جي هاڪاري گرنٿ ڪار برنارڊ شا کي اَچي خيال ٿيو تہ پنهنجي من مان هڪ نئين دنيا رچيان. پلا هن سنسار جو رچيندڙ بہ ڪهڙو نہ ڪنور آهي. ويچارو اِنسان ٻالڪپڻ جي ضعيفيءَ مان مس تہ نڪري تہ پوي ٿو هائوءَ جي منهن ۾. مس مس ڪو اکر سکي تہ لڳيس جوانيءَ کي گهُٽو. چاليهن پنجاهن، بلڪ سوءُ ورهين جي عمر بہ اِنسان لاءِ ڪهڙي نہ اٽپوري آهي چاڪاڻ تہ جيترا ڪشالا ٿو ڪري، جيترو ناڻو ٿو خرچي، جيترا ڦيرا ٿو گهاري، جيترا ڦيرا ٿو گهاري وگيان پنيان پائي تہ ڪجھ بہ هڙ حاصل ڪانہ ٿي ٿئيس، ماڻڻ جو تہ عرصو ئي نصيب ڪانہ ٿو ٿئيس. انهيءَ ڪري تہ ڏقيڙ ٿو پوي، جهڳڙا ٿا ٿين. جي اِنسان جي عمر هجي پنج سوءُ، يا هزار سال، جيئن ڏند ڪٿائن ۾ ٻڌبو آهي، تہ پوءِ جيڪر سڀ ڪو ماڻهو خوش رهي. پوءِ نہ چوري ٿئي نہ فساد، نہ شادي نہ بربادي، نہ عشق نہ فسق، فقط آنند ئي آنند. هرڪو پنهنجي وٿاڻ تي خوش هجي. جيڪي ڪپيس سو وگيان وسيلي هڪدم حاصل! جڏهن هرڪو ٿيو عقل ۽ جريت پريو تڏهين آرام ڪيئن نہ ٿيندو! اَسين ڪچڙيءَ عمر وارا آهيون، جو هرويرو سونهن پنيان، ڪي نالي پنيان، پيسي پنيان يا پرلوڪ پنيان، حيران سرگردان آهيون. پر جي ماڻهو هزار ورهيہ جيئن تہ جيڪر ٻاراٽين ڳالهين ۾ ڦاسن ئي ڪونہ. تنهن ڪري برنارڊ شا ويهي هڪ خيالي جڳت ٺاهيو جتي ٻانئجي تہ هن ڪم عقل، ٽٽل ڦٽل، ٻاريندڙ ساڙيندڙ دنيا مان ڇٽي وڃي آرام ڪجي ۽ فرحت وٺجي! برنارڊ شا جي دنيا جا رهواسي، عشق جا مڇ، خود غرضيءَ جا ساز ۽ مايا جا مڇ، پهرين ٽن چئن سالن ۾ طئہ ڪري وڃي وڏي گادي ٿا ولارين ۽ موت کي بہ حال في اِلحال پوندو ڏيئي ڪي سوين سال نشچنت ٿا گذارين. انهن جي اکين جي جوت اهڙي ٿي ٿئي، ٻانهن ۾ پل اهڙو ٿو رهي. مغز ۾ اهڙي چستي ٿي اَچي، جو هڪ هنڌ ويهي قدرت تي حڪم ٿا هلائين.

هڪڙو ٻيو ودوان، جو آهي لي وگيانين ۽ فيلسوفن جي خاندان مان تنهن چيو تہ ”مان چو گهٽ پوان! مان بہ چو نہ هڪ سنسار ٺاهيان جنهن مان ايشور بہ سبق سکي!“ سو آلدوس هڪسلي وري ٻيو حساب رکيو.

هي جو مائٽ ۽ عزيز اَچي ٿا اَجايا ڪنا ٿين ۽ سڀ ڪو پنهنجي پنهنجي دعويٰ پيو هلائي تنهن ڪان ڇو نه ڇٽي پئجي! ڇا جو پيءُ ڇا جي ماءُ. ڇا جا پائر ڇا جون ڀينر، ڪڪڙ ڪين ٿو آني مان ڦٽي، پوءِ جي اِنسان به شيشي جي ٽيوب يا نليءَ مان نڪتو ته ڪهڙو اَهم آهي! ڪڪڙ ڪي وري به ماءُ ۽ برادريءَ سان رهڻو آهي، اِنسان ڇو اهڙن ٻنڌنن ۾ ڦاسي! هڪسلي جا ٺاهيل اِنسان آزادي ۽ روشنيءَ جا پتلا آهن، هن جي سنسار ۾ اِنساني رسمون ريتيون ڏيڻ وٺڻ جون بنهه بند آهن. وگيان رستي سڀ ڪنهن تي ڇاپ لڳل آهي. هرڪو اِنهيءَ ڇاپ پٽاندڙ پيو پنهنجو ڪرتويه پالي. اَهڙو دلاور نئين دنيا جو ٺاهيندڙ پاڻ کي ڏنيواد ڏيندو هوندو ته ڪو مائيءَ جو لال ساماڻو جنهن اَسان جي ڇري ڪري دنيا جون ويڪون ڪڍي پڌريون ڪيون ۽ انهن کي سڌارڻ جي هدايت ڏني.

برنارڊ شا ۽ هڪسلي کان اڳ ۾ ته سوين شاعر ۽ ليکڪ پنهنجون پنهنجون دنيائون رچي ويا آهن. ڪن جي ليکي ست يڳ گذري ويو. ڪن جي ليکي ست يڳ اَچا اَچڻو آهي. مشهور شاعر ملٽن به انهن مان هڪ آهي، پنهنجي لاثاني ڪوتا ۾ ڇا ٿو آکي، ست يڳ ۾ اَچي چادر تي ڪيل ٿي رهيو آهي، ڪابه ڪارڻ اَچا ڪانهي، هڪ بزرگ سفيد ريش تخت تي ويٺو آهي جو سيني جو ڏٽي آهي، سندس چوڌاري فرشتا هٿ ٻڌي صفون ڪري بيٺا آهن. اَڪثر تنبورا ڪڻي پيا ناچ ڪن يا ڊولڪيون وڄائي اُن پير مرد جي خوشامد ڪن. بهشت جي باغ ۾ اَسان جو ڏاڏو آدم ۽ ڏاڏي حوا پيا هڪ ٻئي سان سڪ وندين ۽ سفيد ريش جا ڳڻ ڳائين. نه ڪم اَٿن نه جوابداري، نه ڪالهه جي يادگيري اَٿن نه آئينده جو اونو. جيسين بي ايمان شيطان اَچي بڳاڙين ۽ پليد ميوو چکائين تيسين ته پلي هي جوڙو بهشت جا مزا ماڻي وٺي. پوءِ ته لڱندن ڀه لتون ۽ بهشت مان جلاوطن ٿي اَچي مرتيو لوڪ ۾ درد جو داستان شروع ڪندا.

انهن ودوانن سنسار ته رچيا پر هڪ خامي رهجي ويئي. خامي به اُها جنهن سندن سڀ پورهيو نشڦل ڪري ڇڏيو! اهي سڀ دنيائون ٻسيون ئي ٻسيون! ڪير ڪونه باسي ته اهڙي دنيا ۾ وڃي رهان. ملٽن جي خدا کان ملٽن جي شيطان ۾ وڌيڪ ڪشش آهي. هڪسلي جا بي ٺاٺتا آزاد نر نارين نيٺ ڦاهي کائي ئي پنهنجو اَنت آڻڻ پسند ڪندا. برنارڊ شا جي هزار سال جيئندڙ گيانين ۽ وگيانين جي سڀا جو خيال ڪندي ئي دل ڪچي پيئي ٿئي. جيئن ته ڪنهن مجلس ۾ نانا پرڪارن جا طعام رکيل هجن پر منجهن نه هجي لوڻ نه سواد، اهڙي ئي ڪار آهي هنن بناوٽي دنيائن سان. انهن ٻسين بي سوادي دنيائن جو چڪر لڳائي بي اختيار پنهنجي دنيا جو قدر ٿو ٿئي ۽ اندر مان آواز ٿو نڪري : ”شڪر! شڪر!“

اَسان جي ڪچي ڦڪي جيوت ۾ نيٺ ڪهڙو جزو آهي جو اَهڙن اَڪابرن جي ترتيب ڏنل دنيائن ۾ آهي ئي ڪونه؟ ڇا سبب جو ڏکن ڏولائن هوندي به هن دنيوي زندگيءَ ۾ سواد آهي! ڇو جيوت کي اٽڪي پيا آهيون ۽ پاڻ کي قيدي سمجهي به جيل جي چوديوارين کي ڀاڪر پائي رهيا آهيون! اهو ڇا آهي جو ڪنگال کي ڪنگالپڻو وسارائي ٿو ڇڏي، ڦٽيلن کي ڦٽن هوندي مزو ٿو ونائي!

جيڪڏهن ڪو ڇوي ته اهو مزو آهي ڇڙو سڪ ۾، ته هوُ پليل آهي. سڪ ڇڙو ڪنهن کي ٿو ڪپي! سڪي لوڪ پيسي هوندي، عزت هوندي، حسن هوندي، حڪمراني هوندي، ڇو نه ٿا ماٺ ڪري ويهن. اهي ئي ته آهن جي جيسين هڪ نه ٻيو ڳاٽي پڳو ڪم نه ڪڻندا، حيرت جهڙو ڦاهو نه ڦڪيندا، تيسين پيا ويڳاڻا لڳندا! ڪي جبلن جي چوٽين تي چڙهي جان ڏيندا، ڪي ماڻهن ۽ درختن کي مڪن سان ماريندا. حياتيءَ جو مزو، سک ۽ آرام ۾ اصل ڪونهي، نه اهو مزو علم يا وگيان ۾ آهي. گياني ۽ پنڊت اَهڙا ويچارا اَبوجهه ٿيندا آهن جو ٻار به اُنهن تي کِلي. نه اهو مزو حسن جي رنگ ۽ جلوي ۾ آهي. جي سڀ اِنسان سونهن جي کاڻ ٿي پون ته باقي جيڪو مزو دنيا ۾ آهي سو به پَرَ ڪري اُڏامي وڃي. اها ڪهڙي چيز آهي جنهنجو واسو نه آهي ڇڙو

سک ۾ نہ ڇڙو دک ۾، نہ ڇڙو پيسي ۾ نہ ڇڙو علم ۾، نہ ڇڙو حکومت ۾ نہ ڇڙو غريبيءَ ۾؟ هيءُ اُهو مزو آهي جو مزور کي پٽرن کٽڻ مان تو اَچي. بادشاھ کي جنگ جوٽڻ مان تو اَچي. هيءُ اُهو مزو آهي جو عاشق کي جدائيءَ مان تو اَچي ۽ معشوق کي وڌائيءَ مان تو اَچي. هيءُ اُهو مزو آهي جو گيانيءَ کي گيان گوشت ۽ ايڪانامڪس مان تو اَچي ۽ وگيانيءَ کي لئبارٽين ۾ تحربا کندي تو اَچي. هيءُ اُهو مزو آهي جو نراڪار ايشور کي ساڪار تو بڻائي، ڪرم رهت کي ڪرم تو ڪرائي، نرويريءَ کان ويري (شيطان) جي اُتپتي تو ڪرائي، پيارن کي مارائي ۽ جيئاري، ڪلائي ۽ روئاري؛ انهيءَ مزي جو ٻيو نالو آهي 'ڦتڪڻ.'

## نوان لفظ

ضعيف = ڪمزور
صف = قطار
وٿاڻ = جايون جڳهيون
بهشت = سرڳ
ڪرتويہ = فرض

## اَڀياس

**سوال.1. ڏنگين مان صحيح لفظ چونڊي خال ڀريو.**

1) ڀلا هن سنسار جو رچيندڙ بہ ڪهڙو نہ ............ آهي. (ڪنور، سخت، نرم)
2) جڏهن هرڪو ٽيو عقل ۽ ............ ڀريو تڏهين آرام ڪيئن نہ ٽيندو. (جرئت، همت، ساهس)
3) ودوانن سنسار نہ رچيا پر هڪ ............ رهجي ويئي. (خامي، غلطي، وڏ)
4) انهيءَ مزي جو ٻيو نالو آهي ............ (ڦتڪڻ، نچڻ، ٽپڻ)

**سوال.2. هيٺين سوالن جا جواب ڏيو.**

1) برنارڊ شا جي من ۾ ڪهڙو خيال پيدا ٿيو؟
2) هڪسلي جا بڻايل اِنسان ڇا جا پتلا آهن؟
3) دنيا مان مزو ڪڏهن پَرَ ڪري اُڏامي ويندو؟
4) بهشت جي باغ ۾ ڳڻ ڪير ٿا ڳائين؟

**سوال.3. هيٺين سوالن جا جواب ڇهن سٽن ۾ لکو.**

1) برنارڊ شا جي ويچارن جو بيان ڪريو.
2) هڪسلي جي ويچارن تي روشني وجهو.
3) ملٽن جا خدا ۽ شيطان بابت ويچار پيش ڪريو.

**سوال.4. ٻڌايو تہ وياڪرڻ موجب هيٺيان ڳالهائڻ جا لفظ ڪهڙا آهن.**

(i) چاڪاڻ تہ، اُهو، آهي، دلاور، خوشامد، عاشق

**(ii) هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

انسان، ضعيف، خوش، فڪر، روشني

**(iii) هيٺين لفظن جون صفتون ٺاهيو.**

مدد، غلام، حسن، ڳڻ، ڪنگالپڻو

(iv) هيٺين لفظن جا ساڳيءَ معنيٰ وارا لفظ لکو.

خيال، ڪنور، اڻپورو، گيان

(v) هيٺين لفظن جا اِسم ذات ٺاهيو.

آزاد، سلامت، سُڪي، بناوت، بي ايمان، جوابدار

(vi) هيٺيان اصطلاح جملن ۾ ڪم آڻيو.

حيران ٿيڻ، ڪرتوبر پالڻ، ويڪوُن ڪيڻ، بهشت جا مزا ماڻڻ

## پورڪ اَڀياس

**تڪر تي عملي ڪم :**

’برنارڊ شا ۽ هڪسلي ........ درد جو داستان شروع ڪندا.‘

(1) تڪر ۾ آيل شاعرن، ليکڪن جا نالا لکو.

(2) هيٺين لفظن جا ضد تڪر مان ڳولهيو.

ٿاني - [ ]

دوزخ - [ ]

(3) هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو.

1) ڏٽي ڪتي وينو آهي؟

2) تڪر ۾ ڪهڙي جوڙي جو ذڪر آيل آهي؟

3) تڪر ۾ آيل ٻن سازن جا نالا لکو.

(4) هيٺين چؤڪنڊن ۾ مناسب لفظ لکو.

1) تڪر ۾ آيل ٽي اِسم - [ ] [ ] [ ]

2) تڪر ۾ آيل ٽي صفتون - [ ] [ ] [ ]

(5) هيٺون مثال ڏسي گول ڀريو.

| رنگ | اِسم ذات | | |
|---|---|---|---|
| ڪارو - | ڪاراڻ | پيلو - | |
| اَڇو | | ڳاڙهو - | |

- برنارڊ شا، ملٽن، رابيندرناٿ ٽئگور جي ۽ اُنهن جا لکيل ڪتاب، اِن لاءِ اِنٽرنيٽ ذريعي وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪريو.
- پٽ ۽ پيءُ جي وچ ۾ سٺن سنسڪارن بابت گفتگو لکو.

✦✦✦

B555GE

# 5. پوڄاري

سدا حيات لڇمڻ ڪڪريجا ’مسافر‘ بطور شاعر، ڪھاڻيڪار ۽ چترڪار چاتل سڃاتل شخصيت رهيو آهي. هن اديب ڪي سنڌ، سنڌيت ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ بيحد اُڪير هئي.

هن سبق ۾ ٻه ليڪڪ نئين نندي ٿھيءَ کي سنڌيت جي سُرهاڻ کان بخوبي واقف ڪيو آهي.




سيٺ ديوڏنو 75 فرمن جو مالڪ هو.

هن جي پيءُ پنهنجي حياتيءَ ۾ سنڌونگر ۾ غريبن لاءِ هڪ وڏي اسپتال ٺهرائي هئي، جتي شيوا جو ڪاريه ٻه تمام سٺو هو. خود پاڻ سيٺ جي هر هفتي چنڇر ڏينهن پنهنجي عملي سان اچي ماءُ پيءُ سمان غريب سنڌين جي سار سنڀار لهندو هو. هنن سان تمام پنهنجائپ سان ڳالهائيندو هو. هنن جي ڏک درد ۾ شامل هوندو هو. هن غريب سنڌي نياڻين جون ڳهٽيئي شاديون ڪرايون هيون.

جيستائين هوُ جيئرو هو هن کي هر موقعي تي، جنم ڏينهن تي، ڏياري تي، سنڌين جي نئين سال چيٽي چنڊ تي باقائدي هڪڙو اهڙو واڌاين جو ڪارڊ ملندو هو، جنهن کي ڏسڻ سان هرڪنهن کي تيرس لڳندو هو. سيٺ جا سيڪريٽري ٻه ڏڪندا ڏڪندا اَچي سيٺ کي اهو واڌاين جو ڪارڊ ڏيکاريندا هئا ۽ اِهو هو ٻه سچ. ڪجھ سال اهڙي ڪارڊ جي ڪنهن ٻه پرواهہ ڪونہ ڪئي هئي پر ساڳئي نموني جو ڪارڊ جڏهن وڏي سيٺ جي ڏينهن ۾ ٻه ساندهہ 10 سالن تائين آيو تہ قدرتي هرڪنهن جو چاهہ وڌي ويو ۽ هرڪو ڏيان ڏيڻ لڳو

۽ خاص وڏو سيٺ بہ هرڪنهن موقعي تي هن واڌاين جي ڪارڊ جو انتظار ڪرڻ لڳو هو ۽ هنجو ايترو انتظار ڏسي سيٺ جا خاص خاص سيڪريٽري بہ تاڙ ۾ هوندا هئا تہ ڪڏهن ٿو اهڙو واڌاين جو ڪارڊ اَچي تہ وڏي سيٺ ان واڌاين واري ڪارڊ موڪليندر سان ملڻ جو پڪو پرڻ ڪيو هو پر ان وچ ۾ سيٺ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو.

پر اهڙو ڪارڊ اچڻ بند ڪونہ ٿيو. باقائدي ايندو رهيو. پر سيٺ ديويڏنو تہ هن ڳالهہ ڏانهن ڌيان ڪونہ ڏيندو هو.

هڪ ڏينهن سيٺ ديويڏنيءَ جي جنم ڏينهن جي موقعي تي اهو ئي ساڳوئي ڪارڊ تہ آيو پر ڪارڊ سان گڏ عرض بہ آيو تہ اهو ڪارڊ موڪليندڙ سيٺ سان ملڻ ٿو چاهي. سيٺ صاحب جو خاص سيڪريٽري ڏڪندو ڏڪندو اهو لفافو سيٺ ديويڏني وٽ کڻي آيو. سيٺ اهو ڪارڊ ڏٺو. گڏوگڏ اهو عرض بہ پڙهيو.

”هن گهرجائو فقير کي 2، 3 هزار موڪلي ڇڏيو. ٻُڌيا ڪنهن جاءِ جا، چالاڪيون ڪري پيا پئسا ڦرين. گذريل 20 سالن کان هڪڙي ئي نموني جو واڌاين جو ڪارڊ موڪلي موڪلي اٿر ڇڏڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. وري ڪارڊ تي تصوير ڪنهن جي ڇپيل اٿس، موهن جي دڙي مان لڌل ان مورتي جي هيئان چالاڪيءَ سان لکيو اٿس ’موهن جي دڙي جو پوڄاري‘ پاڻ کي جڻ سنڌيت جو پڪو ٺيڪيدار ٿو سڏائي ۽ چالاڪيءَ سان اسان کان پئسا ڦرڻ لاءِ سيٺ سان ملڻ ٿو چاهي.

ديويڏنو جڏهن غصي ۾ اچي هن ڪارڊ ۽ عرض کي ڦاڙڻ تي هو جو ڦاڙيندي ڦاڙيندي سيٺ جا هٿ رڪجي ويا ۽ چپ کلي ويو.

”هن ڪارڊ ۽ هن عرض کي سنڀالي رکو“ سيٺ آخر ڳالهايو. ”سڀاڻي اسان سنڌونگر هلنداسين. جيتوڻيڪ مونکي سنڌين ۽ سنڌيت لاءِ نفرت آهي پر الائي ڇو!.... هن ڪارڊ موڪليندڙ سان منهنجي من ۾ ڪافي عرصي کان ملڻ جي خواهش رهي آهي. مونکي اچرج ان ڳالهہ تي وڌيڪ ٿو لڳي تہ هوُ گذريل 20 سالن کان سال ۾ 3 يا 4 واڌاين جا ڪارڊ ساڳيائي ٿو موڪلي.

ائين ٿو لڳي تہ آءٌ وٽس پاڻ وڃان. گڏوگڏ اسپتال جو بہ واءُ سواءُ لهي اچان. عمر ٿي آ جو ڪونہ ويو آهيان. آخر اسپتال بہ تہ اسانجي ملڪيت آهي. سو سڀاڻي جي هلڻ جي پڪي تياري ڪريو.“

سيٺ جو حڪم ٿيو ناهي ۽ عمل ۾ آيو ناهي. ٻئي ڏينهن تي ئي 3 ڪاريون تيار ٿي ويئون. سامان سڙو چاڙهي، سيٺ صاحب جو عملو ۽ ڪٽنب صبح جو 9 بجي بمبئي مان نڪتا ۽ منزلون هٽندا هٽندا، دڳ پڇائيندا پڇائيندا، گهٽيون لنگهي هڪڙي اهڙي هنڌ پهتا جتي هنن جي آخرين منزل پوري ٿي. سيٺ ڪار مان ڏٺو. هن ڏٺو تہ اهو ڪارڊ موڪليندڙ اٽڪل 60-65 سالن جو ڪروڙڊ هو، جو پنهنجي ڏُن ۾ پنهنجي دڪان ۾ ويٺي ويٺي ننڍن ننڍن ٻارن کي ڪٺمنڙا بسڪوٽ ۽ ننڍا ننڍا رانديڪا وڪڻي رهيو هو. ڪيس سمڪ ئي نہ رهي هئي تہ سندس دڪان جي ٻاهران 3-4 ڪاريون اچي بيٺيون هيون. سندس دڪان اندران-ٻاهران سڄو ئي سڄو سنڌيت جي نعرن سان سينگاريل هو. جهوليلعل جون مورتون، سنڌ جا نقشا ۽ سنڌي سنتن ۽ ليکڪن جون مورتون جتي ڪٿي ٽنگيل هيون. ڀڳت ڪنوررام، سوامي وسڻ شاهہ، سوامي ٽيئونرام، ٻٽائي گهوٽ، شاهہ، سچل ۽ سامي جون مورتون فريمن ۾ سجايل هيون ۽ پاڻ اُهو 60-65 سالن جو ڪاڪو نج سنڌي لباس ۾ ٻارن کي شيون وڪڻي رهيو هو. چرڪ تڏهن نڪتس جڏهن آس پاس جا دڪاندار ڪيس اچرج، جوش ۽ خوشي ۾ ٻڌائڻ ويا تہ ڪو پرڳڻي جو وزير يا ڪو وڏو سيٺ صاحب پڇا ڳاڇا ڪندو هن وٽ آيو آهي.

سڀ ڏڪي ويا هئا ”الائي ڇو ڪاريون آيون آهن، هن ڪاڪي کي ڏوهه ڪيو ٿو ڏسجي؟“

اُهو ڪاڪو سڀ ڪم ڪار ڇڏي جلد ئي ڪارين طرف لڙيو. ان وچ ۾ ڪاڪي کان اڳ ۾ سيٺ ديويڏنو ڪاڪي جي دڪان تائين پهچي ويو هو. ان ڪاڪي دڪان تان هڪڙو اسٽول آڻي اچي سيٺ اڳيان رکيو، پر سيٺ وينو ڪونه ۽ بيٺو ئي رهيو. اهو سڀ ڏسي رهيا هئا.

”تون مونکي سڃاڻين؟“ سيٺ ان ٻڍي کان ڪُڙڪيءَ سان پڇيو.

”ها سائين! مان توهانکي سڃاڻان“ ٻڍي نمرتا سان جواب ڏنو ”توهان سنڌي آهيو ۽ مان هر سنڌيءَ کي سڃاڻان.“

”هي ڪو جواب آهي!“ سيٺ! اچرج ۽ غصي ۾ پڇو ”مان خاص پنهنجي باري ۾ ٿو پڇان، نه سيني جي باري ۾.“ سيٺ اهو ڪارڊ ڏيکاريندي پڇيو ”پلا هي ڪارڊ تون موڪليندو آهين؟“

”ها سائين، مان هي ڪارڊ اُن هر سنڌي شيواڌاريءَ کي موڪليندو آهيان جو سنڌيت جو پوڄاري آهي. پل هوُ شاهوڪار هجي يا غريب، ان سنڌيت جي شيدائيءَ کي موڪليندو آهيان جو سچي معنيٰ ۾ سنڌيت جو حامي هجي. مان شاهوڪار ۽ غريب ۾ فرق ڪونه آڻيان. ها مان خوشامد ڪندو آهيان ان شاهوڪار جي، ان غريب جي جو سنڌيت کي پنهنجو ساهه ٿو سمجهي.

اِهو ٻُڌي سيٺ ٿڌو ٿي ويو. مغرور من ٻڍي جا جواب ٻڌي ڇرڪي ويو. جيڪو ڪجهه سيٺ سوچيو هو، سڀ اُبتڙ ڏٺائين ۽ ٻڌائين. سيٺ جو شرم کان ڪنڌ جُهڪي ويو. تمام نرمائي ۽ پاپوهه مان ان سڪ پرئي اسٽول تي نهي وينو.

”پلا مونکي ٻن سوالن جا جواب ڏيندءُ.“ سيٺ جي آواز ۾ ڌيرج ۽ عزت هئي. ”مان انهن خاص ٻن سوالن جي پڇڻ لاءِ توهان وٽ آيو آهيان. مهرباني ڪري جواب ڏجو.“

”توهان آيا آهيو ته اسانجون اکيون ٺڌيون ٿيون. مونکي ڏاڍي خوشي ٿي جو توهان بمبئي وارن کي پنهنجي منڙي ٻولي ۾ ڳالهائيندو ڏسان ٿو. توهان ڀه ڇا، ڪيترا ٻه سوال پڇي سگهو ٿا.“

”هڪڙو سوال اِهو آهي ته گذريل 20-25 سالن کان توهان صرف هڪڙي ئي قسم جو ڪارڊ ڪيئن موڪلي سگهيا آهيو.“ سيٺ پڇيو.

ان ٻڍي ورندي ڏني ”آءٌ سنڌيت جو حامي آهيان. سنڌيت جو چريو آهيان. هيءَ چريائپ آهي يا لڳن آهي ۽ ان لڳن ۾ مان پنهنجي هڙون هزارين اهڙا واڌاين جا ڪارڊ ڇپائي رکندو آهيان ۽ انهن سنڌيت جي متوالن کي هر موقعي تي همٿائڻ جي خيال کان موڪليندو آهيان جيڪي سنڌيت لاءِ سچ پچ ڌيرج سان سوچين ٿا، ڪم ڪن ٿا. توهان جهڙا شاهوڪار گهٽائي آهن جن کي پنهنجي قوم جي چنتا آهي. جي غريب وڌوائن جي سار سنڀار لهن ٿا. ڪپڙا لٽا، اناج، دوائون، روڪ وغيره ڏين ٿا. اهڙن کي ۽ ٻين اُنهن کي جيڪي اُنهن کي شيوا جي ڪم ۾ واهر ڪن ٿا تن جي سامهون مان هميشهه ڪنڌ نوايان ٿو. حقيقت ته سنڌي ٻولي کي بچائڻ جي جوابداري توهان جهڙن شاهوڪارن جي آهي. توهان قوم جا پيل پاوا آهيو. جيئن توهان ڪندا تيئن عام سنڌي توهان سان ريس ڪندو. وچولي درجي وارا سنڌي به توهان شاهوڪارن وانگر هلڻ چاهيندا آهن. اهو سڀ سوچي مون پنهنجي هن ڪارڊ ۾ موهن جي دڙي جي پوڄاري جو چٽر ڏنو آهي. هي هڪ اهڙو نشان آهي جو هر سنڌي کي ياد ڏياريندو ته اسان موهن جي دڙي جا وارث آهيون ۽ سنڌو ماتريءَ جي سيپتا کي سنڌ کان پري رهڻ ڪانپوءِ به بچائڻ اسان جو ئي فرض آهي.

اسانجي قوم، اسانجي ٻولي ۽ اسانجي سڀيتا بچندي ۽ ان خيال کان مون گذريل 20-25 سالن کان پنهنجي سڀيتا جو نشان، موهن جي دڙي مان کوٽيل ۽ لڌل هن پوڄاري کي ٻڌايو اٿم. جيئن هرهڪ سنڌي هن مان سنڌيت لاءِ پريرڻا پائي.

”توهانجي خيالات مان سچائي پيئي بکي.“ سيٺ ديويڏني مڃيندي چيو ”سچ پچ اسانجي پنهنجي قوم کي، سنڌي ٻولي کي، سنڌيت کي ۽ سنڌي سڀيتا کي بچائڻ لاءِ اسانجو پنهنجو سنڌي ماڻهن جو يتن هئڻ کپي. مان ڪڏهن ڪڏهن پڙهندو آهيان ته اسانجي سنڌو ماٿري جي قديم سڀيتا جا سچي دنيا کي ٻڌائيندي آهي ته عيسيٰ کان به 5000 سال اڳ سڀيہ اِنسان هن ڌرتي تي رهندا هئا ۽ اها ڌرتي دنيا جي ٻين ڀاڱن جي نہ پر سنڌ جي ڌرتي آهي.

مونکي اِهو پڙهي اچرج لڳندو آهي، پر هاڻي آءٌ محسوس ٿو ڪريان ته حقيقت ۾ فرض اسان سڀني جو آهي ۽ اهو فرض گڏيل هئڻ کپي ۽ حيف آهي اسان شاهوڪارن تي جيڪي پئسي جي نشي ۾ پاڻکي هڪ الڳ انگ ٿا سمجهون ۽ ٻارن کي انگريزي ٿا پڙهايون ۽ گهرن ۾ پاڻ انگريزي يا هندي ٿا ڳالهايون.“ سيٺ ديويڏنو جذبات ۾ اچي ويو ”پر ٻيو سوال اهو آهي ته توهانجو عرض ڪهڙو هو جيڪو توهان منهنجي جنم جي ڏينهن تي هن واڌاين واري ڪارڊ سان گڏ موڪليو. ڇا توهانکي پئس جي ضرورت آهي؟ مان مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.

”سائين! مون اڳ ۾ چيو آهي ته هي سڀ ڪم ڀڳوان جي مهربانيءَ سان مان پنهنجي هٿون ڪندو آهيان“ ٻڍي نمرتا سان چيو ”هن ڪم لاءِ مونکي خاص پئسي جي ضرورت ڪانهي. منهنجا سڀ ٻار وڇي لائقي لڳا آهن. ٻار لٺل آهن. جيڪي ڪجهہ هن دڪان مان ڪمائيندو آهيان ان مان ڪجهہ حصو سنڌيت لاءِ ڪم آڻيندو آهيان.“ ٻڍي اڳتي چيو ”مون جيڪو توهان کي عرض ڪيو سو هو ’توهان سان ملڻ‘ مون توهان سان ملڻ ٿي چاهيو جو گذريل ڪجهہ سالن کان توهانجي پتا پاران برپا ڪيل اسپتال جو ڪم بيهجي ويو آهي. ڊاڪٽر ڪونهن، نرسون ڪونهن، اسپتال ۾ صفائي ڪانهي. انهن سڀني ڳالهين کي وري برقرار رکڻ لاءِ توهان سان مون ملڻ پئي چاهيو. هرڪو پنهنجي وت آهر پيو هلي. توهانکي ڀڳوان پئسي جو ٻل ڏنو آهي. پنهنجي سگهہ آهر توهان وري هن اسپتال کي اڳتي ڪيو تہ وڏي مهرباني ٿيندي.“

حقيقت ۾ توهانجي مهرباني، جو توهان مونکي پنهنجو فرض ياد ڏياريو.“ سيٺ صاحب خوش ٿيندي جواب ڏنو ”آءٌ پنهنجي فرض ادائي کان گسي ويو هوس. پر هينئر ائين نہ ٿيندو، اسپتال باقاعدي هلندي ۽ ٻيا بہ ڪاريہ سنڌيت ۽ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي سڀيتا کي برقرار رکڻ لاءِ ڪندو رهندس. صرف توهان وڏا مونکي دعائون ڪندا رهجو. توهان سان ڳالهائڻ سان منهنجا ڪپات کلي ويا. هڪ نئين روشني ۾ اچي ويو آهيان ۽ نڪو سنڌيت جو شيدائي بڻجي ويو آهيان. هينئر اسانکي موڪل ڏيو تہ اسپتال وڃون ۽ نئين سر ڪاريہ کي سنڀاليون.“ سيٺ صاحب هٿ جوڙي ٻڍي کان موڪلايو ۽ وڃي ڪار ۾ ويٺو.

ڪار هلي ۽ ڪار جي دريءَ مان سيٺ صاحب موڙ تائين ٻڍي طرف نهاريندو رهيو ۽ ان نهارڻ مان هن کي لڳو ڄڻ هن ٻڍي ڪاڪي جي ڳچيءَ تي موهن جي دڙي جي پوڄاري جي ڳچي هئي ۽ اهو سيٺ کي سنڌيت جو سچو پوڄاري لڳو!

## نوان لفظ

| | | |
|---|---|---|
| ڳُهرجائو = ضرورتمند | خواهش = اِڇا | ڪَرزَوِدُ = ٻيدو |
| سَمَڪ = سُڌِ، ڄاڻ | نِڄ = شُڌِ | لاڏاڻو ڪرڻ = گذاري وڃڻ |
| شيدائي = قربان | مفتون = فِدا | حامي = طرفدار |
| پاٻوهه = سِڪ | وارث = حقدار | ٻَڪي = نظر اَچي |
| واءُ ساءُ لهڻ= سار سنڀال لهڻ | تاڙ ۾ هئڻ = اِنتظار ۾ هئڻ | |

## اَڀياس

**سوال.1. هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو.**

1) سيٺ ديويڏني مل جي پٽا ڪهڙا سُنا ڪاريہ ڪيا هئا؟
2) جنم ڏينهن تي واڏاين جو ڪارڊ ڏسي سيٺ ڇا چيو؟
3) سيٺ سنڌونگر وڃڻ جو فيصلو ڇو ڪيو؟
4) ڪاڪي جو دُڪانُ ڪيئن سينگاريل هئو؟
5) ڪاڪي سان ڪيل گفتگوءَ جو سيٺ تي ڪهڙو اَثر ٿيو؟

**سوال.2. هيٺين سوالن جا جواب تورَي ۾ لکو.**

1) ڪاڪو واڏاين جا ڪارڊ ڪڏهن، ڪنهن کي ۽ ڇو موڪليندو هو؟
2) سيٺ ڪاڪي کان ڪهڙا ٻہ سوال پُڇيا؟
3) سيٺ سان ڪاڪي ڇو ٿي ملڻ چاهيو؟

**سوال.3. ڪنهن، ڪنهنکي چيو.**

1) ”هن گهرجائو فقير کي 2،3 هزار موڪلي ڏيو.“
2) ”هن ڪارڊ ۾ هِن عرض کي سنڀالي رکو.“
3) ”توهان سنڌي آهيو ۽ مان هر سنڌيءَ کي سڃاڻان.“
4) ”توهانجي خيالات مان سچائي پيئي بکي.“

**سوال.4. هيٺين اصطلاحن جي معنيٰ لکي جُملن ۾ ڪم آڻيو.**

سار سنڀال لهڻ، لاڏاڻو ڪرڻ، عمل ۾ اَچڻ، چرڪُ نِڪرڻ، ڪنڌُ نِوائڻ، ريس ڪرڻ، واءُ ساءُ لهڻ

**سوال.5. هيٺ ڏنل ٽڪر ۾ بيهڪ جون نشانيون لَڳائي، ٽڪر وري لکو.**

ڀلا مونکي ٻن سوالن جا جواب ڏيندءُ سيٺ جي آواز ۾ ڏيرج ۽ عزت هئي مان انهن خاص ٻن سوالن جي پڇڻ لاءِ توهان وٽ آيو آهيان مهرباني ڪري جواب ڏجو

**سوال.6. هيٺ ڏنل جُملن جا قسم لکو.**

1) تون مونکي سڃاڻين؟
2) سُڀاڻي هلڻ جي پڪي تياري ڪريو.
3) عمر تي آ جو ڪونہ ويو آهيان.
4) ها سائين! توهان مونکي پنهنجو فرض ياد ڏياريو.

# پورڪ اَڀياس

**(1) ٽڪر تي عملي ڪم پورو ڪريو.**

سنڌ جا نقشا ........ جو سنڌيت کي پنهنجو ساهه ٿو سمجهي.

**1) گولن ۾ مناسب لفظ لکو.**




**2) ٽڪر مان لفظ ڳولهيو جن جي معنيٰ هجي :**

(i پوشاڪ

(ii قربان

(iii اَصلي

(iv صوبو

**3) توهان سنڌي آهيو ۽ مان هر سنڌيءَ کي سڃاڻان.**

جملي مان ٻه فعل ۽ ٻه ضمير چونڊي لکو.

**4) برئڪيٽ ۾ ڏنل هدايت موجب جملا لکو.**

(i اُن ڪاڪي دڪان تان هڪڙو اِسٽول کڻي اَچي سيٺ اَڳيان رکيو.
(ليڪ ڏنل لفظ بدران ٻيو مناسب لفظ ڪم آڻي جملو لکو.)

(ii تون مونکي سڃاڻين؟ (”ڇا“ لفظ سان جملو شروع ڪريو.)

(iii ”ها سائين! مان توهان کي سڃاڻان.“ (جملو ”ها“ بدران ”نه“ سان شروع ڪري لکو.)

(iv جو سچي معنيٰ ۾ سنڌيت جو .............. هجي.
(طرفدار، غلام، ٻانهو اِنهن لفظن مان مناسب لفظ چونڊي خال ڀريو.)

(v ”ڪاڪي کي سنڌين ۽ سنڌيت لاءِ بي اِنتها حب آهي“ اِن بابت پنهنجا ويچار لکو.

**5) ”مان ۽ منهنجي سنڌي ٻولي“ اِن وشيه تي مضمون لکو.**

**6) sindhisangat.com ذريعي ڪن ٻه ڇئن مشهور سنڌي شخصيتن بابت ڄاڻ حاصل ڪري ڪلاس ۾ ٻڌايو.**

**7) پنهنجي دوست يا ساهيڙيءَ کي سنڌي ٻولي ۽ گهر ۾ سنڌي ڳالهائڻ جي اَهميت ٻڌائيندي خط لکو.**

# پاڙ ڪريان - پاڙ سڪان

## آڪاڻي

1) ڏنل پَن مان آڪاڻي ٺاهي لکو.

ڪير وارو - ڪير ۾ پاڻي ملائي وڪڻڻ - خوش ٿيڻ - گهر موٽڻ - اُچ لڳڻ - ندي ڪنارو - گهاگهر ۾ پيسن جي ڳوٿري رکڻ - باندر اچڻ - ڳوٿري کڻڻ - باندر جو غصي ۾ اَچڻ - پيسا اُڇلائڻ - ندي يا زمين تي اُڇلائڻ - ڪير واري جو پيسا ميڙڻ - پيسا اَڌ به نه - نصيحت - سِرو.

2) هيٺ ڪجهه اَڻ لاڳاپي وارا لفظ ڏنل آهن اُهي اِستعمال ڪري آڪاڻي ٺاهي لکو.

مال

عزت، مزدور

ڳوٺ، مهمان

3) هيٺ آڪاڻيءَ جي شروعات ڏنل آهي. باقي آڪاڻي پوري ڪريو.

الف) ٻه پڪا دوست هئا. هڪ ٻئي سان ڏاڍو پيار هئن. پر هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته ....................

ب) ريتا ماءُ جي پياري ڌيءَ هئي. پڙهڻ ۾ هوشيار، سهڻي، گڻوان هئي. هُن کي IAS آفيسر ٿيڻ جي چاهنا هئي .........

4) وڃيو ۽ اَشوڪ، گهمڻ، رستو پلجڻ، تجويز، اِنهن لفظن مان آڪاڻي ٺاهي لکو.

# 6. اِسرو

’اِسرو‘ جو پورو نالو آهي ’اِنڊين اسپيس ريسرچ آرگنائيزيشن‘. حقيقت ۾ اها سنستا سن 1962ع ’انڊين نئشنل ڪاميٽي فار اسپيس ريسرچ‘ جي نالي سان برپا ڪئي ويئي. سن 1969ع ۾ اِن جو نالو ’اِسرو‘ رکيو ويو.

سنستا جو مقصد آهي، ’ديش جي ترقيءَ لاءِ انترڪش ٽيڪنڪ استعمال ڪرڻ ۽ ساڳئي وقت برهمانڊ جي ڳجهن بابت کوجناتمڪ ڪاريہ ڪرڻ. اِسرو جو اصولي جملو آهي **’مانو جاتي ڪي سيوا ۾ انترڪش پروديوگِڪي‘.**



’اِسرو‘ پاران پهريون هٽرادو اُپگرھ ’آريہ ڀٽ‘ اَپريل 1975ع ۾ ان وقت جي ’سوويت سنگھ‘ طرفان پولار ۾ چڙهيو ويو.

سال 1980ع وگيان جي نظريي کان اتهاسڪ مهيو وجي ٿو جو ڀارت جي سائنسدانن طرفان ٺاهيل راڪيٽ SLV-3 (سئٽيلائيٽ لانچ ويهيڪل) جي مدد سان ’روهڻي‘ اُپگرھ دائري ۾ استاپت ڪيو ويو.






اڳتي هلي اِسرو PSLV (پولار سئٽيلائيٽ لانچ ويهيڪل) ۽ GSLV (جيئو سِنڪرونس سئٽيلائيٽ لانچ ويهيڪل) تيار ڪيا. انهن راڪيٽ ذريعي ڪيترائي رابطو اُپگرھ ۽ ڌرتي جاچيندڙ اُپگرھ پولار ۾ موڪليا ويا.





آڪٽوبر 2008ع ’چندريان-I‘ نالي لوُنار آربٽر موڪلي
اِسرو هڪ وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي.
24 سيپٽمبر 2014ع تي پهرين ئي ڪوشش ۾ منگل گرهه
تي ”منگل يان“ موڪلي هندستان سڄي دنيا ۾ ڌاڪو ڄمايو.
اِها ڪاميابي حاصل ڪندڙ هندستان پهريون ديش هو.



15 فيبروري 2017ع تي هڪ ئي راڪيٽ (PSLV - C37) ذريعي
104 هتراڏو اُپگرهه پولار ۾ موڪلي اِسرو وشو رڪارڊ قائم ڪيو.



حقيقت ۾ انترڪش ڪوجناتمڪ ڪارين جو
شرف ڀارت جي مشهور سائنسدان وڪرم سارابائيءَ
کي ڏجي ٿو. جنهن کي اِنڊين اسپيس پروگرام
جو اَبو ڪري مڃيو وڃي ٿو.




سڀ کان وزندار راڪيٽ GSLV - MK III وسيلي GSAT - 19 نالي
رابطو اُپگرهه پولار ۾ موڪليو ويو ان ڪاريه ثابت ڪيو ته اِسرو 4 ٽَن وارا ڳَرا
اُپگرهه موڪلڻ ۾ به پڙُ آهي. 1969ع ۾ اِسرو بابت چيو هو، ”ڪُجهه ملڪ
اهو سوال اُٿاري سگهن ٿا ته ترقي ڪندڙ ديش لاءِ انترڪش مشغوُلين جي
ڪهڙي ضرورت آهي. پر اسان لاءِ اها حاصلات لازمي آهي. اسانجو واڌارو
ڪيل ديشن سان چنڊ يا گرهن تي پهچڻ ۾ ڪنهن به قسم جي چٽاپيٽيءَ
جو اِرادو ڪونه آهي، پر اسانکي ان ڳالهه جي خاطري آهي ته جيڪڏهن
اسين ديش ۽ سماج جي ڀلائيءَ لاءِ ڪاريه ڪنداسين ته اسان کي ضرور
به ضرور انسان ۽ سماج جي حقيقي مسئلن لاءِ ترقي ڪيل تڪنيڪ جو
استعمال ڪرڻو پوندو.“



## اَڀياس

**سوال.1.  هيٺين سوالن جا جواب هڪ يا ٻن جملن ۾ لکو.**

1) ’اِسرو‘ جو پورو نالو لکو.
2) ’اِسرو‘ جو اُصولي جملو لکو.
3) آڪٽوبر 2008 ۾ اِسرو ڪهڙي ڪاميابي حاصل ڪئي؟
4) هندستان سڄي دنيا ۾ ڇا جو ڏاڪو ڄمايو؟

**سوال.2.  هيٺين سوالن جا جواب تورڙي ۾ لکو.**

1) اِسرو جو مکيه مقصد ڪهڙو آهي؟
2) اِنڊين اِسپيس پروگرام جو اَبو ڪنهن کي مڃيو وڃي ٿو ۽ ڇو؟
3) وِگيانڪ نظريي کان سال 1980ع اِتهاسڪ ڇو مڃيو وڃي ٿو؟

## پورڪ اَڀياس

1) هيٺين جو پورو نالو لکو.




2) هيٺين ڄاڻ پوري ڪريو.

i. اِسرو پاران پهريون هتراڏو اُپگره

ii. PSLV - C-37 ذريعي موڪليل ڪُل هتراڏو اُپگره

3) اِنٽرنيٽ ذريعي ’منگل يان‘ بابت وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪريو.

4) اِنٽرنيٽ ذريعي وڪرم سارآڀائي جي ڄاڻ حاصل ڪريو.

5) وِگيان مان فائدا ۽ نقصان وشيه تي مضمون لکو.

# سنڌي لفظن جي اَنتاڪشري

هدايت : 1. سنڪيت سمجهي جواب لکڻو آهي.
2. لفظ جي آخر ۾ آيل حرف صحيح (وينجن) سان بيو جواب لکڻو آهي.
3. اهڙي نموني لفظن جي زنجير اڳتي وڌائڻي آهي.

مثال : ذئل لفظ -

حُسن
آسمان جو رنگ
غمُ
ننڊڙو جيو
ٽم ٽم چمڪڻ وارا
راجا جي حڪومت
جنهنجي چاڙهُ هجي
لوپ
ڪاڏو ڪائڻ ۾ ڪم ايندڙ
ٿق
پرندڙ ڪوئلو
مادا مور
محتاج

ڳُجهه
چپ
نرم، مُلايم
پيڙي
ٻاڻ
وات
اَثر
مخزن
ڊڪشنري
هٿ
خبرچار
ڪوٽ

# 7. ماڻهو ڇا چوندا!

ٻلديو تاراچند ڳاجرا : (1909 - 1990ع) مکيه طور پترڪار جي حيثيت ۾ مشهور هو. هُن پترڪاريءَ کي ساهتيڪ ۽ طنزيه رنگ ڏنو. هن جي مضمونن جا مکيه مجموعا آهن ”گوناگون مضمون“ ۽ ”ادبي مضمون.“ هوُ مضمون نويس سان گڏ شاعر به هئو. هُن جي شعرن جا مجموعا آهن ’گمنام‘، ’قول ۽ ترانا‘ ۽ ’دردي گيت.‘

هن مضمون ۾ مزاقيه طور اهو سمجهايل آهي ته زندگي پنهنجي انداز سان جيئڻ کپي، نه ڪي ماڻهن جي اجائي ڳالهه تي لڳڻ کپي!

ننڍي هوندي جي ڳالهه آهي هڪ لڳا تي دوست گڏجي شڪارپور جي مشهور سنڌ واهه تي سنان ڪرڻ تي وياسين. تن ڏينهين ۾ اڄ وانگيان ٻارن کي جام خرچي ڪانه ملندي هئي. اڄ ڏسون وينا ته وچولي گهرن ۾ به ٻار بيني بيني به تي، ڪي چار آنا خرچيو وڃن. ڪلفي وارو آيو، ڳنڍي وارو آيو، دال چڻن وارو آيو، ٻار ماءُ اڳيان هٿ جهلي ئي بيٺو هوندو، مائٽ ’نه‘ ته ڪري، ڏسو ته ڪيئن ٿو ٻار ڪيتو ڪري! پوءِ پرچائڻ مصيبت. عادت چڱي هجي يا بڇڙي، سا بي ڳالهه پر گهڻا مائٽ ته رڳو ڏانڊل جي ڊر کان مات ميٺ ۾ ٻار کي ڏيئي ڇڏيندا! گهڻي ڪنهن ڪان تي پڇي! تن ڏينهين ۾ مائٽن جو ضابطو جيان تيان وڌيڪ هو. خير!

سو ڳالهه تي ڪيم سنڌ جي. گهران نڪري لکي در تائين پنڌ ڪري آياسون. پوءِ اڳتي هلڻ جو سوال اُٿيو. پنڌ هلون يا گاڏيءَ تي! مان ته پنڌ ڪرڻ تي هريل هوس. موڪل ڏينهن تي گهڻو ٽڙو روز ڏاڏي سان سنڌ واهه تي ويندو ئي هوس. اسڪول هلندي آرتوار تي ڏاڏي جو سنڌ واهه تي وني هلڻ جو قاعدو مقرر هو. هڪ طرف پنڌ، ٻيو گاڏيءَ تي. يعني صبوح جو سوير ڏاڏل ۾ پنڌ ۽ موٽندي سڄ چڙهي گاڏيءَ تي چڙهنداسون، پر گاڏيءَ واري کي ڏيندو رڳو ٽڪو. ٽڪي ۾ ڏاڏو به پوٽو به. پوٽو ويهندو ڏاڏي جي هنج ۾. تنهنجو ڀاڙو ڇو لڳي! باقي سنڌس ٽڪو. جي ڪنهن ويل، ڀاڙو ٽڪي ٽڪي سواريءَ کان مٿي هوندو، جو بضي ريل گاڏيءَ جي ٽيم تي ٽيندو ئي هو چاڪاڻ ته ٻگيون گهٽيون اِسٽيشن ڏانهن سواري ڪٽڻ هلي ويندون هيون، ته پوءِ اڌ منو ڪلاڪ وٺن جي چاپا هيٺ پاڻيءَ جي مٿن واري ٿلهي تي ويهي رهنداسون، جيسين گاڏيون اچن ۽ ڀاڙو گهٽجي. تنهن زماني اڄ جي هڻ هڻ واري حياتي ته ڪانه هئي، جو چئجي ته اڄ منٽ دير تي ته ڪنهن ميڙ ۾ ڪونه پهچبو يا ڪنهن دوست سان ڪوڙو ٿبو. تنهن وچ ۾ سيسا به ڪائبي ۽ ٿڌو پاڻي به پيئبو. مان ڪٽوريءَ ۾، ڏاڏو لوٽيءَ ۾. تنهن سواءِ پيسي جي ٻوندي وني ڏيندو ڪائڻ لاءِ. تن پيسن ۾ سنڌ واهه جو سير پورو.

نه ته ڪو ڏاڏو ڪنجوس هو، پر سنڌس هلت چلت پوربي نموني جي هئي. پگهر جي پورهئي سان پيسو ڪمايو هئائين، سو خرچ به تمام خيال سان ڪندو هو. 25 روپئين مهيني سان ماستريءَ ۾ گهڙيو هو ۽ 70 تي نوڪريءَ تان لٿو. برابر تن ڏينهين ۾ روپئي جو ملهه گهڻو هو ته به ايتري ٿوري ڪمائيءَ ۾ ايڏا ڪارج پورا ڪرڻ سنڌس ڪم هو. وڏو ڪٽنب پالڻ، ست شاديون ڪرائڻ ۽ هڪ جاءِ پوين کي ڏيئي وڃڻ، جنهن جو ملهه ڪنهن وقت لک روپيا تي مليو، سا ڪا ننڍڙي ڳالهه ڪانه هئي. تنهن لاءِ صرفو ته گهربو ئي نه!

پر مان اَلائجي ڪهڙي بحرستان ۾ وڃي پيس. دوستن سان سير واري ڳالهه ائين ئي رهجي ويئي. مائٽن سان گهمڻ گهتڻ ۾ ذرا بندن آهن. پوري آزادي ڪانهي. اهو ڏينهن ميلي جو هو. سو چيوسون ته اڄ

رڳو سنگتي گڏجي گهمي اچون. پاڻ ۾ دوست اڪيلا هونداسون، مؤج ڪنداسون، انب کائينداسون، پڪي پل تان هلنداسون، ڪٻٽي راند بہ ڏسنداسون. ماءُ کي منٿ ميڙ ڪري اَٺ آنا هٿ ڪيا هيم. پانيم تہ ٻين بہ ضرور آندو هوندو. سو لڪي در تي پهچڻ سان وڏي ڪانفرنس هلي تہ هاڻ اڳتي پنڌ هلون يا گاڏيءَ تي. ميلي جو ڏينهن هو، پاڙو هو ٻہ ٻہ آنا سواريءَ جو. هڪ چيو تہ ٻيلي پنڌ هليا هلون، ايترا پيسا ڪير ٿو خرچي! مون سندس پنيرائي ڪئي. پر ٽئين دوست چيو، ”واهہ! پنڌ ٿا هلون! ماڻهو ڇا چوندا! فلاڻي جو پٽ هيئن ميلي تي پنڌ ٿي ويو!“

دوست جي ڳالهہ رکيسون. گاڏيءَ تي چڙهياسون. جڏهن منزل تي رسياسون، تڏهن سوال اُٿيو تہ پيسا ڪير ڏئي! دوستن ۾ هرويرو جنگي سولجرن وارو حصن پتين جو دستور ڪونہ هو. ڪنهن شيءِ تي ڪنهن پيسو خرچيو. ڪنهن موقعي تي ڪنهن ڏوڪڙ ڏنو. هو دوست جنهن گاڏيءَ تي چڙهڻ لاءِ ضد ڪيو هو، سو ڏهين جو نوٽ ڪڍي بيٺو. ڏهن روپين جي ڀڳ نہ گاڏيءَ واري وٽ، نہ سوير صبوح جو ڪنهن پڙيءَ واري وٽ سو اسان ٻن مان هڪڙي پاڙو ڏنو. تنهن ڏينهن کان وٺي اهي اَکر دل تي گهڙجي ويا آهن، ”ماڻهو ڇا چوندا!“ پيٽ ۾ بک هوندي، تہ بہ ڪنڌ ۾ آڪڙ رکي چونداسون، ”ماڻهو ڇا چوندا!“

اڄ ڪالهہ سنيما ڏسڻ جو شوق ڪونهيم. شوق تہ ڪڏهن ڪونہ هو، پر ڪنهن زماني ۾ ڇڱو ئي کيل تي ويندو هوس. ڪاليج ۾ بہ سؤٽ ٻيا ۽ آءٌ، ٽيئي گڏجي فلم ڏسڻ ويندا هئاسون. هرڪنهن آرتوار تي. پر سدائين ڇئين آني واري ڪلاس ۾. هڪ لڳا، ڪنهن فلمي کيل ۾ وينا هئاسون تہ مٿان انٽرويل ٿي. ٻتيون ٻريون تہ مونکي بہ ڪو کٽيءَ کنيو، سو پنيان ڪٽي نهاريم. پنيان تہ وڏا ڪلاس هئا : 8 آنا، 14 آنا ۽ روپيہ ٻہ آنا. ڪيترائي هم ڪلاسي ۽ ڪاليجي شاگرد بہ وينا هئا. وڏي سؤٽ جهڙپ ڏيئي مون کي چيو، ”بيوقوف! پوئتي ڪيئن ٿو نهارين. وينو آهين ڇئين آني واري ڪلاس ۾ ۽ پنيان پيو گهوري ڏسين. توکي الائي سمجهہ ڏٽيءَ ڏني آهي يا نہ! ڪجهہ پتو پويئي ٿو تہ ”ماڻهو ڇا چوندا!“

هينئر ويجهڙائيءَ ۾، هڪ مائٽ جي ڏيءَ هتي بمبئيءَ ۾ گهمڻ آئي. چيم، هڪڙي ڏينهن ڪيس پڪچر ڏيکاري اچان. اڪيلو ويندو آهيان، جو ٽئي بنهہ ورلي، تہ 9 آني واري ٽڪيٽ وٺان. گهر مان ڪي زالون يا ٻار هلن، تہ پورا 14 آني واري يا 0-5-1 واري. سو تنهن ڏينهن بہ ائين 0-5-1 واري ٽڪيٽ ٽئي ورتم تہ ڏنم مهمان ڪجهہ نڪ موڙيو. ڪيس ائين لڳو تہ سندس پورو قدر ڪونہ ڪيم. ڪپندو ائين هوم تہ 0-4-2 واريون باڪس جون ٽڪيٽون وٺان ها، نہ تہ بہ 0-14-1 واري بالڪني تہ ضرور. ان جي پنيان پاؤُ اهو ئي تہ ”ماڻهو ڇا چوندا!“

تنهن ڏينهن هڪ ساٿيءَ ڪم ڪندڙ ڳالهہ ٻڌائي، چيائين ”وچولي درجي واري پاڙي ۾ وينا آهيون پر آهي مصيبت. ڪو هڪڙو ٿو قدم اڳتي کڻي، تہ ٻين لاءِ ڪريز ٿيو پوي. هڪ پاڙيواري گهر نوڪرياڻي بيهاري، تہ سپني جون جويون مڙسن کي ڇوڻ لڳيون تہ اسانکي بہ نوڪرياڻي بيهاري ڏيو. ڇو تہ، نہ تہ ”ماڻهو ڇا چوندا!“

ڪيترا ڪم اسين ڪندا آهيون، نہ اِن خيال کان تہ صحيح ڇا آهي غلط ڇا آهي، رڳو ان خيال کان تہ ”ماڻهو ڇا چوندا!“ پل، پوءِ اهڙن ڪمن ۾ بالفضولي هجي، صحت کي جوکو هجي، پاکنڊ هجي يا ڪوڙو شان هجي. مثلا ڪو دوست آيو تہ چانهہ يا ٿڌو ضرور ايندو، پوءِ پل ٻنهي مان صحت کي جوکو ڪجهہ وڏيڪ گهرو هوندو يا وڏو ماڻهو هوندو تہ ريسٽارنٽ يا هوٽل تي هليا ويندا سون. زمانو اهڙو بدلجي ويو. جو خود راجنيتيءَ ۾ بہ، اهي ناٽ، ڏيکہ ويکہ تي پيا آهن. نہ چاهيندي بہ، ڪرڻا ٿا پون. راجنيتي مدبرن سان ڳالهيون ڪندي، مجلسون ۽ پارٽيون ڪرڻيون ٿيون پون. انترراشٽري فيصلا بہ، ڪانفرنس جي ٽيبل تي

وهڻ کان اڳ، ڪاڏي جي ٽيبل تي پيا ٽين.

ان جي اُبتڙ صحيح ڪم، جي پاڻيون ته ڪريون، سو وري ان ڪري نه ٽا ڪريون، جو رڳو ڊپ پيو ٿئي ته ”ماٺهو ڇا چوندا!“ گهر جو ڪم هاڃ صحت لاءِ مفيد آهي، سو ڇاڻندي به، اڄ جي وچولي گهر جي زال گهر جو ڪم ڪندي ڪيٻائيندي. اڳ وانگيان جند، ليپو ۽ ٻهاري ته پري رهيو، پر بسترا پٽارڻ، صفائي ڪرڻ، ساڳ ڀاڄي سنوارڻ لاءِ به نوڪر ضروري ٿيو پوي. ڪن لاءِ ته روٽي ڪرڻ به مهڻو آهي چون ”ماڻهو ڇا چوندا!“

انگريزي شاعر برنارڊ شا جي گهر چون ٽا ته هڪ شاهي تختي لڳل هوندي هئي، جنهن تي لکيل هو :

ماڻهو ڇا چون!

ڇا ٽا چون؟

پيا چون!

## نوان لفظ

| | | |
|---|---|---|
| ڏانڊل = ڪٽ پٽ | فضول = اَجايو | مدبر = ودوان |
| مفيد = فائديمند | صرفو ڪرڻ = بچت ڪرڻ | جهڙپ ڏيڻ = ڇڙپ ڏيڻ |
| روپين جي ڀڳ = ريزو | | |

## اَڀياس

**سوال.1. هيٺين ۾ مناسب لفظ چونڊي خال ڀريو.**

1) تي دوست شڪارپور جي ............... تي سنان ڪرڻ ويا.
(بندرگاهه، سنڌ واهه، نديءَ)

2) ............... پيسن ۾ سنڌ واهه جو سير پورو.
(ڇئن، ٽن، پنجن)

3) ڏاڏي جي هلت ............. نموني جي هئي.
(پشچمي، پوربي، عربي)

4) ڪو هڪڙو ٽو قدم اڳتي ڪٽي، ته ٻين لاءِ ................ ٿيو پوي.
(ڪريز، ضروري، مصيبت)

**سوال.2. هيٺين سوالن مان هرهڪ جو پنجن ڇهن جملن ۾ جواب لکو.**

1) وچولي گهرن جي ٻارن ۽ مائٽن جو ڪهڙو چتر چٽيو ويو آهي؟

2) ٽن پيسن ۾ سنڌ واهه جو سير ڪيئن ٿئي ٿو؟

3) سنيما جي ڇئين آني واري ڪلاس جي واقعي جو ورڻن ڪيو.

4) ’ماڻهو ڇا چوندا! جو خيال ڪري ڪهڙا ڪم ٿين ٿا؟

**سوال.3. هيٺين اِصطلاحن جي معنيٰ لکي جملي ۾ ڪم آڻيو.**

صرفو ڪرڻ، جهڙپ ڏيڻ، گهوري ڏسڻ، پنيرائي ڪرڻ، گهپي ڪرڻ

# پورڪ اَڀياس

**1. ٽڪر تي عملي ڪم.**

نندي هوندي جي ڳالهه آهي ................. تن پيسن ۾ سنڌ واهه جو سير پورو.

**(1) وچ وارو مثال سمجهي گول پورا ڪريو.**

| | دال چٽڻ وارو | |
|---|---|---|

**(2) جوڙا ملايو.**

| | |
|---|---|
| ا. تيم | ا. ڪِٽ پِٽ |
| ٢. جام | ٢. وقت |
| ٣. گهپي | ٣. گهٽو |

**(3) ٽڪر مان هيٺ ڏنل جملن سان نهڪندڙ جملا ڳولهي لکو.**

1. منهنجي عادت نه پنڌ ڪرڻ تي هئي.
2. ننڍپڻ جي ڳالهه آهي.
3. سنڌ جي ڳالهه پيو ٻڌايان.
4. ٽڪي ۾ سنڌ واه جو سفر پورو.

**(4) هڪ لفظ ۾ جواب لکو.**

1. مائٽ جي نه ڪرڻ سان ٻار ڇا تو ڪري؟
2. سنڌ واه ڪهڙي شهر ۾ آهي؟
3. اِسٽيشن ڏانهن سواري ڪٽندڙ واهڻ ڪهڙا آهن؟

**(5) توهان جي جيون جو ڪو اَهڙو قصو لکو جنهن ۾ توهان به ڪجهه ڪرڻ ڪان اَڳ سوچيو نه ماڻهو ڇا چوندا!**

**(6) جيڪڏهن مان مڇي هجان ..... اِن وشيه تي مضمون لکو.**

**(7) هيٺين لفظن سان شروع ڪري آکاڻي پوري ڪريو.**

ريما، ڊانس جي چاهه، ماءُ جو روڪڻ، ضد، ڪامياب ٿيڻ.

✦✦✦

# 8. خوشِمزاجِي

شريمتي اِندرا ٻلديو ٻڌراڻي ’شبنم‘ ڀٽي جي سنڌي ليکڪائن ۾ لڳاتار لکندڙ هڪ سُٺي ليکڪا آهي. ’هندواسي‘ ۽ ٻين اخبارن ۾ سندس ليک، مضمون ڇپجندا آهن.
هن پاٺ ۾ ليکڪا خوشمزاجيءَ جي اَهميت اثردار نموني ۾ بيان ڪئي آهي.



ايشور جي عطا ڪيل سوغاتن مان خوشمزاجي هڪ املهه خزانو آهي. اِها نعمت تمام غريب اِنسان وٽ پڻ موجود هوندي آهي ۽ هوُ اِها سوکڙي ٻين ۾ پڻ ونڊي ورهائي سگهي ٿو. اسين ڪيترن موقعن تي پنهنجن مٽن مائٽن، يارن - دوستن کي قيمتي سوکڙيون پيٽ طور ڏيندا آهيون. پر قدرت طرفان اسانکي مليل خوشمزاجي، مسڪراهٽ، مشڪ جي ذات ڏيڻ ۾ ڪيٻائيندا آهيون. سپاويڪ مشڪ معصوم، اصلي ۽ پيار سان ٽمٽار ٿئي ٿي. خوشمزاجيءَ جو گُڻ هڪ اهڙي بلب يا ٽيوب لائيٽ وانگر ٿئي ٿو جو خود بہ روشن رهي ۽ ٻين کي بہ روشن ڪري. جي ڪنهن مشڪندڙ مکڙي کي ڏسبو آهي جنهنجو چهرو گُل وانگر پيو ٽڙي تہ ازخود پاڻ بہ مشڪي ڏبو آهي ۽ دل ٿيندي آهي تہ ان سان دوستي رکون يا ’هلو‘ چئون.

خوشمزاج اِنسان محفل جا مور هوندا آهن. اتفاق سان اهي جي محفل ۾ موجود نہ هوندا آهن تہ سندن غير موجودگي کٽڪندي آهي ۽ انهن بابت پڇا ڪبي آهي تہ فلاڻو ڇو ڪونہ آيو آهي؟ ڪنهن سڄڻ کان پڇيم، ”اڙي پائي، روتي ڪيون هو؟“ جواب ڏنائين، ’ڪيا ڪرون ڀئيا، صورت هي ائسِي هئہ.‘ اسين

صورت کي سھڻو بڻائڻ لاءِ پِف پائوڊر، لپسٽڪ وغيره استعمال ڪريون ٿا پر پنھنجي چھري ۾ چقمقي سونھن آڻڻ لاءِ خوشمزاجيءَ روپي رام ٻاڻ جو ساڌن ڪم نٿا آڻيون. ھڪ مشھور چوڻي آھي، ’جيڪڏھن توھان وٽ خوشمزاجيءَ جو ڳُڻ آھي تہ پوءِ توھان وٽ دنيا جي ٻي ڪا دؤلت ھجي يا نہ ھجي تہ بہ پرواھہ نہ آھي پر جيڪڏھن توھانجي زندگيءَ ۾ خوشمزاجيءَ جي سرھاڻ نہ آھي تہ پوءِ توھان وٽ پيلي زندگيءَ جون ھزارين نعمتون ھجن تہ بہ ڪوئي فرق نہ پوندو.‘ مطلب تہ خوشمزاجي زندگيءَ ۾ جڻ بھار جي مؤسم وانگر اچي ٿي ۽ پنھنجي سرھاڻ ۽ ھبڪار سان پنھنجي آس پاس کي خوشگوار بڻائي ٿي. ڪنھن سياڻي جو چوڻ آھي، ’رئندين تہ اڪيلو رئڻو پوندءِ پر جي کلندين تہ ساري دنيا توسان کِلندي.‘ تحقيق غم ۾ پنھنجو پاڇو بہ ساٿ نہ ڏيندو آھي.

توھان سنسار ۾ ڪجھہ اھڙا اِنسان بہ ڏٺا ھوندا جنھنجي آسپاس ھئڻ سان چئني پاسي کِل خوشي، چوچ ۽ آنند جي لھر ڇانئجِي ويندي آھي. ھوُ پنھنجي کِلمُک چھري ۽ وٽندڙ سڀاءَ سان فضا ۾ مؤج ۽ مستيِ پيدا ڪري ڇڏيندا آھن. پنھنجي منڙي مُرڪ، کل-چرچي ۽ پيارن ٻولن سان سيني جي من کي موھي ڇڏيندا آھن. اُنھن جي اچڻ سان گويا محفل ۾ نئين زندگي، نئين تازگي اچي وڃي ٿي. ڪيترا آسائتين اکين سان سندن آمد جو انتظار ڪندا آھن. ھوُ ھڪ گلاب جي گُل جيان پنھنجي خوشمزاجيءَ جي خوشبوءِ چوطرف ڦھلائين ٿا. سيني جي من ۾ سنيھہ ۽ سک جو ساگر پيري ڇڏين ٿا. اھڙا اِنسان عام اِنسانن کان علحدا ھوندا آھن. سندن سڀ کان وڏي خاصيت اِھا ٿيندي آھي تہ ھوُ زندگيءَ جي عام مسئلن جي چنتائن کان پاڻ کي آجو رکڻ جي ڪوشش ڪندا آھن. ٿوري ۾ ڇئجي تہ ھوُ پنھنجي بربادين تي ماتم منائڻ جي بدران خوشمزاجيءَ کي گلي لڳائي ’ھيءُ بہ گُذري ويندو‘ جو نعرو ھڻندا آھن. خوشمزاجي ھرويرو ڪو غريبيءَ يا شاھوڪاريءَ تي مدار نہ ٿي رکي. اھا انساني من تي منحصر آھي. خوش مزاج انسان پنھنجي زندگيءَ ۾ اھڙو ميزان پئدا ڪري ڇڏيندا آھن جو ساڌارڻ ڏُک، درد سندس خوش مزاج سڀاوَ تي ڪوبہ اثر نہ ڪري سگھندا آھن، ھوُ پنھنجي زندگيءَ جي چوڌاري اُميد، وشواس، ھمٿ، کل ۽ خوشيءَ جي ھڪ اھڙي لڪشمڻ ريکا کينچي ڇڏيندا آھن جو جنھنکي ڪوبہ سنڪٽ، ڪابہ چنتا، پريشاني پار نہ ڪري سگھندي آھي. ھوُ پنھنجي بيخوديءَ ۽ بيپرواھيءَ جي نشي ۾ اھڙو تہ چوُر ھوندا آھن جو بربادي‌ءَ ۽ ناڪاميابيءَ جا طوفان کين بنا ڇھڻ جي پاسي کان ئي لنگھي ويندا آھن. سندن من روپي بورڊ تي گويا ھِي اکر لکيل ھوندا آھن، ’بنا اِجازت جي اندر اچڻ جي سخت منع آھي.‘

خوش مزاج اِنسان جي زنده دليءَ جو ھڪ ئي راز آھي تہ ھوُ زندگيءَ جي مسئلن کي گنڀيرتا سان نٿو کڻي ۽ زندگيءَ جي گاڏيءَ کي ھڪ آٽوميٽڪ گيئر ۾ وجھي ٿو ڇڏي. اھڙو خوش مزاج شخص صرف زمان حال ۾ رھي ٿو، پنھنجي ماضي ۽ مستقبل کي وساري ٿو ڇڏي. ھن جي نظر، ھن جو ڌيان صرف ’ھينئر‘ تي آھي. اُن کي ئي ڏسي ٿو، اُن جي باري ۾ ئي سوچي ٿو. ڌيان ۾ رکڻ يوڳيہ ڳالھہ اِھا آھي تہ ’سوچي ٿو‘ چنتا نٿو ڪري. جيڪا شڪتي ھوندي بيڪار جي ڊپ ۽ گھبراھٽ ۾ زيان ٿِي وڃي، سا شڪتي ھوُ ان مسئلي جي حل ڳولھڻ ۾ لڳائي ٿو. اھڙيءَ طرح ھوُ خوشيءَ خوشيءَ پنھنجو رستو بڻائي ھلندو رھي ٿو. ھوُ زندگيءَ جو ساٿ مُرڪ ۽ مستيءَ سان نڀاھيندو رھي ٿو. زندگيءَ جي شاھہ راھہ تي ڏسجي ٿو تہ ھڪ اَٻھم ٻالڪ جي معصوم مسڪراھٽ ماءُ جا ڏُک، درد دور ڪري ٿي. ڪنوار جي مشڪ گھوٽ کي ھڪ ڪن لاءِ دنيا جي پريشانين کان پري رکي ٿي. اڏياپڪ جي مسڪراھٽ ڪلاس ۾ وٽندڙ واتاورڻ نرماڻ ڪري ٿي.

پوني کان بمبئيِ ٽرين ۾ سفر ڪندي اڪثر ھڪ ’چنا چور گرم‘ وڪڻڻ واري سان ملاقات ٿيندي اَٿم. سُريلي آواز ۾ ھوڪو ڏيندو آھي ۽ ڏھہ پندرھن سٽون چئي ٻارن، ٻڍن، جوانن کي پاڻ ڏانھن ڇڪيندو آھي.

سيني سان پيو مشڪي. ڀائي صاحب، ڀيڻ جي، ماتا جي، جئه رام جي ڪيِ، گُڊ مارننگ، مرهٽن سان مرائي، گجراتين سان گُجراتي ۾ سنڌين سان پيو سنڌيءَ ۾ ڳالهائي. هرڪو پيو سمجهي ته هيءُ ڪو ذات ڀائي آهي! ڪن ۾ ڪيسو پري مشڪندو، ننڍڙن ٻارن سان هٿ مِلائيندو پيو هلندو هلي. صبح سان ئي جيڪڏهن ڪنهن خوش مزاج ۽ وڻندڙ چهري سان ملاقات ٿي وڃي ته من تي ڇڻ سرهائي ڇانئجي وڃي. دل ڇڻ ٽڙي پوي، ائين پيو لڳي ڄڻ اڄ سڄو ڏينهن سُٺو ويندو، هر ڪاريہ سڦلو ويندو. ڏٺو ويو آهي ته ان خوشمزاجيءَ جو مانسڪ اثر ٿئي ٿو جو ماڻهوءَ کي جنهن ڪم ٽيڻ جي اُميد به نه هوندي آهي ته اهو ڪم به ٿي ويندو آهي.
ان خوشمزاجيءَ جو ماڻهوءَ جي پيشي جِي ڪاميابيءَ تي به وڏو اثر آهي. اهو دڪاندار جيڪو کِلي خوش ٿِي پنهنجن گراهڪن سان پيش اَچي ٿو، اُن جو ڌنڌو ترقي ڪري ٿو. جيڪو ڊاڪٽر پنهنجن مريضن سان خوشمزاجيءَ سان پيش اچي ٿو، اُن جو اثر سندس دوائن کان به وڌيڪ ٿئي ٿو. اهو آفيسر جيڪو پنهنجي زيردستن سان مِٺ محبت سان هلي ٿو، اهو انهن کان وڌيڪ ڪم وٺي سگهي ٿو. اهو اڌياپڪ جيڪو منهن ۾ مُرڪ آڻي، خوشمزاجيءَ سان ٻارن کي پاڙهي ٿو، ٻار اُن جي پڙهائيءَ کي وڌيڪ من لڳائي سکن ٿا. ٽي.وي. سيريئل ئي ڏسو. دريوڌن ۽ شڪني ماما ڪنهنکي به نٿا وڻن پر ڪرشن جو مشڪندڙ چهرو هر ڪنهنکي پيو مقناطيسي ڪشش ڪري.

اڄڪلهه اسانجي زندگيءَ ۾ اجايو جوش، ساڙ - ڇپ، آپو، جلن، ايرکا، بدمزاجي وغيره پرجي ويا آهن. هرهڪ اِنسان سڄو ڏينهن ۽ رات پنهنجي زندگيءَ جي گورک ڌنڌي ۾ ڦاٿو پيو آهي. ذري ذري ڳالهه جي چنتا ڪرڻ، ٿوري ٿوري ڳالهه من تي کڻڻ ۽ پوءِ پاڻ کي ناراض ڪري هر وقت پريشان رهي ٿو. ٽپ-ٽپ تي ٻين سان وڙهڻ، ٻين کي ڀلو ٻُرو چوڻ ۽ اهڙيءَ طرح هوُ پنهنجي چوڌاري هڪ بدمزاجيءَ جو وايومنڊل تيار ڪري ڇڏي ٿو. پيو سيني سان ڪٽ-پٽ ڪري، ٻين جي دل دُکائي. ڪيس سڄي دنيا ئي پنهنجو دشمن نظر ايندي آهي. اهڙي انسان کان سڀ ڏهه گز ڏوُر ڀڄندا آهن. اهڙي منحوس اِنسان جو چهرو ڏسي ماڻهن کي لڳندو آهي ته اڄوڪو ڏينهن الائي سٺو گُذرندو يا نه؟ اڄڪلهه ڪيترين ئي بيمارين جهڙوڪ هارٽ اٽئڪ، بلڊ پريشر، ڊائبٽيز وغيره جا مکيہ ڪارڻ آهن، بدمزاجي، غصو، جلن، چنتا وغيره. جيڪڏهن اسان صحتمند رهڻ چاهيون ٿا ته سدائين کلمُک رهون، مشڪندڙ، ٽڙندڙ مکڙين ۽ گُلن جيان اڳلي کي پاڻ ڏانهن ڇڪيون. جوش ۾ هوش سلامت رکون. خوشمزاج شخص گُل وانگر هرهنڌ خوشبوءِ ڦهلائي ٿو، پل ته گُل ڪومائجي وڃي پر اُن جي سرهاڻ نٽي وسري. خوشمزاج اِنسان مانسڪ طور سدائين آباد ۽ شاد رهي ٿو.

## نوان لفظ

ذات = قدرتي سوغات
اِجازت = موڪل
ميزان = توازن، سنتلَن
نعمت = بخشش
آمد = اَچڻ
تمتار = پريل
ڏوُر = پري

# اَڀياس

**سوال.1. هيٺين سوالن جا جواب هڪ يا ٻن جملن ۾ لکو.**

1) خوشمزاجيءَ جي نعمت ڪنهن وٽ موجود هوندي آهي؟
2) فضا ۾ خوشمزاج اِنسان موڙ مستي ڪيئن ٿو پيدا ڪري؟
3) خوشمزاج اِنسان ڪهڙو نعرو هڻندا آهن؟
4) خوشمزاج اِنسان ڇاڪي وساري ٿو ڇڏي؟

**سوال.2. هيٺين سوالن جا جواب تفصيل سان لکو.**

1) عام اِنسانن کان خوشمزاج اِنسان علحدا ڪيئن هوندا آهن؟
2) خوشمزاج اِنسان زندگيءَ جو ساٿ ڪيئن نباهي ٿو؟
3) پيشي تي خوشمزاجيءَ جو اَثر ڪيئن ٿئي ٿو؟
4) هن سبق مان ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟

**سوال.3. ساڳيءَ معنيٰ وارن لفظن جا جوڙا ملايو.**

| ”الف“ | ”ب“ |
|---|---|
| سوغات | اَچڻ |
| نعمت | موڪل |
| اِجازت | سوکڙي |
| آمد | بخشيش |

**سوال.4. هيٺين ۾ خال ڀريو.**

1) خوشمزاج اِنسان محفل جا ................ هوندا آهن.
2) ............. شخص صرف زمان حال ۾ رهي ٿو.
3) سياويڪ مشڪ معصوم، اصليءَ پيار سان ................ ٿئي ٿي.
4) جوش ۾ ............... سلامت رکون.

**سوال.5. هيٺين جا ضد لکو.**

(i) نئين، پرواهه، سياڻو، خوشمزاج، ناڪاميابي، پڇاڙي
(ii) هيٺين اِصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو.
آجو رکڻ، موهي ڇڏڻ، ونڊ ورهائڻ، زبان تيڻ، يتن ڪرڻ، نشي ۾ چور هجڻ

# پورڪ اَڀياس

**(1) تڪرار تي عملي ڪم**

توهان جي سنسار .............. سخت منع آهي.

**1. هيٺ چوکنڊي ۾ ڏنل لفظن کي ”شفي لفظ“ ۽ ”نفي لفظ“ ۾ ورهايو.**

| | | |
|---|---|---|
| مرڪ، | تازگي، | بربادي |
| بي پرواهي، | اُميد، | چنتا |
| | همت | |

2. جوڙا ملايو.

| | |
|---|---|
| منڙي | اَکيون |
| لڪشمڻ | چنتائون |
| آسائيتون | مُرڪ |
| مسئلا | ريکا |

3. مثال سمجهي خاڪو پورو ڪريو.

| خوش مزاج ماڻهن جي خاصيت | زندگيءَ جي مسئلن جي چنتائن کان پاڻ کي آجو رکڻ |
|---|---|
| خوش مزاج ماڻهو فضا ۾ | ........................................ |
| خوش مزاج ماڻهو پري هوندا آهن | ........................................ |
| خوش مزاج ماڻهن جو نعرو | ........................................ |
| خوش مزاج ماڻهن جي من تي لکيل اکر | ........................................ |

4.




5. اَڻ ٺهڪندڙ لفظ مٿان گول پايو.

1) ڪل خوشي چوچ آنند بول
2) مسئلا چنتائون مستي ڏک
3) اُميد پريشاني وشواس همت
4) ساڏارڻ عام ميزان رواجي

6. ڪلاس ۾ هرهڪ ٻار هڪ مذاقي چرچو ٻڌائي.

7. ٻن ٻارن وچ ۾ مذاقي گفتگو لکو.

✦✦✦

# خط

تاريخ 2018-8-15
پرڪاش گجواڻي
شانتي ڪُنج،
جي.پي.او. جي سامهون،
پُٽي 411001.

پيارا پُٽ پرڪاش،

مونکي اُميد آهي تہ تون بلڪل خوش مزي ۾ هوندين. هِتي اَسين سڀيئي نيڪ آهيون. تنهنجو خط مليو. پڙهي بيحد خوشي ٿي تہ تو اِمتحان ۾ 85 سيڪڙو مارڪون ڪنيون آهن ۽ تنهنجي دوست راجيش، جنهن کي تو حسابن ۽ سائنس پڙهڻ ۾ مدد ڪئي،اُن کي بہ 70 سيڪڙو مارڪون مليون آهن. پُٽ مونکي توتي ناز آهي. هميشہ اَهڙيءَ ريت پنهنجي زندگيءَ ۾ مدد جا ڪم ڪندو رهج.

پُٽ پڙهڻ سان گڏ پنهنجي صحت جو بہ ڌيان رکندو ڪر. روز ڪثرت / يوگا ضرور ڪندو ڪر. ڪثرت ۽ يوگا ڪرڻ سان سرير تازو توانو ٿي ويندو آهي. وڏيڪ سُني ريت ڪم ڪري سگهبو آهي. وقت تي ڪاڌو کائيندو ڪر. روز ڪوبہ ڦل مانيءَ کان اَڳہ ضرور کائيندو ڪر.

پنهنجي اَڏياپڪن سان نئڙت سان هلندو ڪر. وڏن جو چيو مڃڻ هڪ سُني چرتروان ٻار جو گُڻ آهي. اُميد تہ تون پنهنجي مميءَ جي ٻڌايل ڳالهين موجب صبح جو اُٿڻ وقت ۽ رات جو سمهڻ کان اڳہ پربوءَ کي پرارٿنا ڪندو هوندين.

پُٽ اَسين سڀيئي توکي ڏاڍو ياد ڪندا آهيون. تنهنجي ممي تہ تنهنجي پسنديءَ جي شيءِ ٺهي تہ پيئي چوندي، هيءَ شيءِ پرڪاش کي ڏاڍي وڻندي آهي. ڪڏهن پرڪاش ايندو؟ تنهنجي ممي توکي ڏاڍو ياد ڪندي آهي. پت جڏهن توکي بہ چار ڏينهن موڪل ملي تہ اَچي گهمي وڃ.

چٺيءَ جو جواب جلدي موڪلجان.

پيارن مان،
تنهنجو پِتا.
سيوا سدن
اِسٽيشن مارگ،
ڦُبلي.

## مشغُولي

- پنهنجي دوست يا ساهيڙيءَ کي راندين ۾ ڪٽڻ تي واڌايون ڏيڻ بابت خط لکو.
- پنهنجي ماءُ کي ’مدرس ڊي‘ تي پنهنجو پيار ظاهر ڪندي خط لکو.

# 9. ٻڍاپي جو سهارو

سدا حيات ٻي.سي. موٽواڙي اَجمير راجستان ۾ ريلوي ۾ آفيسر هئو. سندس رچنائون وقت بہ وقت مڪاني سنڌي اخبارن ۾ ڇپجنديون هيون. هيءُ صاحب راشٽر ڀاشا هنديءَ جو بہ سُٺو پرچارڪ هئو.
هن سبق ۾ ليکڪ ڏيئرن ۽ پٽن جي ڳڻن بابت ٻڍائيندي ٻڍاپي جي سهاري جو ذڪر ڪيو آهي.

اَسان جي ديش ۾ اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ پُٽ ۽ ڌيءُ ۾ ڏاڍو فرق رکيو ويندو آهي. ٻار پيٽ ۾ ئي هوندو آهي تہ گهر جا سڀيئي ڀاتي ۽ عزيز سڪائون پيا ڪندا آهن تہ پٽ ڄمي ۽ جنهن وقت ٻار ڄمڻ وارو هوندو آهي اُن وقت سڀني کي انتظار هوندو آهي تہ ڪيڏي مهل ڪي خوشخبري ملي تہ پُٽ ڄائو آهي. ان وقت ٻار جي ماءُ جي حالت جي ڪنهن کي بہ چنتا ڪانہ هوندي آهي. پُٽ ڄمڻ سان چوطرف خوشيءَ جي لهر ڇانئجي ويندي آهي ۽ 'واڌايون هجنوَ' جو آواز پيو گونجندو آهي. مگر نياڻيءَ ڄمڻ جو ٻُڌي سڀني جي منهن جو پنو ئي لهي ويندو آهي. پُٽ جي ڇٺي ڌام ڌوم سان ڪئي ويندي آهي ۽ مُنڊڻ تي بہ خوب شادمانو ڪيو ويندو آهي. مگر نياڻيءَ جي لاءِ اهڙين خوشي ڪانہ ملهائي ويندي آهي.

پهريون پُٽ ڄائو تہ چوندا خاندان جو نالو قائم ڪرڻ وارو اَچي ويو آهي، مگر پهرين نياڻي ڄائي تہ چوندا ''ڀائي پهريون ٻار تہ پُٽ ئي هئڻ گهرجي. هينئر ماءُ پيءُ تي ڏکري اچي ويئي.'' جيڪڏهين ٻين ڇوڪري ڄائي تہ سندس ماءُ پيءُ کي ڏيڄاري ڪري چوندا ''ويچاريءَ کي ٻين بہ ڇوڪري ڄائي آهي.'' جيڪڏهين قسمت سان چار ڇوڪريون لڳاتار ڄمي پيئيون تہ چوندس، ''اڙي توکي تہ نياڻين ورائي ورتو آهي. تنهن جي سڄي زندگي تہ هنن کي پار لڳائڻ ۾ ئي لڳي ويندي.''

پٽ ۽ نياڻيءَ جي پالڻ پوشڻ ۾ بہ ڀيد ڀاءُ رکيو ويندو آهي. ڪڏهين ڪڏهين تہ ٻڌين واتان اهو بہ ٻڌو ويندو آهي تہ ''هنن ڇوڪرين لاءِ الائجي ڪيترن کي هٿ جوڙڻا پوندا، منٿون ڪرڻيون پونديون ۽ خوشامد ڪرڻي پوندي.'' ڇوڪرن کي اعليٰ تعليم اِهو سوچي ڏني ويندي آهي تہ پڙهي قابل ٿي ڪمائيءَ کي لڳندا ۽ ماتا پتا جي ديکڀال ڪندا. جيڪو پڙهائيءَ تي خرچ ايندو سو سڀ وياج سميت وصول ٿي ويندو. مگر نياڻيءَ لاءِ اها ڀاونا رهندي آهي تہ هن کي تعليم ڏياري شادي ڪرائڻي آهي. جيڪڏهين هن کي وڌيڪ پاڙهبو تہ ڇوڪرو بہ وڌيڪ پڙهيل ڪڍڻو پوندو ۽ اهڙن ڇوڪرن جي ڏيتي ليتيءَ جي طلب بہ وڌيڪ هوندي ان ڪري نياڻيءَ جي خواهش هوندي بہ سندس مائٽ ڪيس وڌيڪ ڪين پاڙهيندا آهن. جيڪڏهين ڪو شخص نياڻيءَ جي خواهش ڏسي، وڌيڪ پاڙهيندو تہ ڄڻ پاڙيسرين ۽ عزيزن مان ڦاسجي ويندو ڇاڪاڻ جو اهي ڪانا ڦوسي پيا ڪندا تہ ڇوڪريءَ کي وڌيڪ ڇو ٿو پڙهائي؟

هاڻي اسين سوچيون تہ هن زماني ۾ سڀيئي پٽ ماءُ ۽ پيءُ جي ٻڍاپي جا سهارا بڻيا آهن؟ جيڪي مائٽن جي من ۾ سپنا هئا سي هنن ساڪار ڪيا آهن! ڇا شاديءَ کان پوءِ هوُ ماتا پتا جي ساڳي عزت ڪن ٿا! يا جيڪي نياڻيون شادي ڪري ٻين گهرن ۾ وڃن ٿيون اُهي پنهنجن ماتا پتا کي وساري ٿيون ڇڏين؟ مگر جيڪڏهين اسين گهرائيءَ سان ڏسنداسين تہ اسان جي سامهون تصوير ئي اُبري ايندي. شاديءَ کان پوءِ جيتري همدردي ڌيءُ کي پنهنجي ماتا پتا لاءِ ٿئي ٿي اوتري پٽ کي ڪانہ ٿي ٿئي. شاديءَ بعد پٽ پرائو بڻجي ٿو وڃي ۽ ڪجهہ وقت بعد ماءُ پيءُ کي ڇڏي الڳ وڃي ٿو رهي. مگر ڇوڪري پرائي گهر رهي بہ

پنهنجي ٿيندي آهي. هن کي پنهنجي ماتا پتا جي دک سک جي چنتا رهندي آهي. جتي هڪ پٽ آهي اُتي تہ وري بہ ايتري مشڪلات ڪانہ آهي، جو مائٽن جي سڄي ذميواري ان پٽ تي ئي آهي. پر جتي هڪ کان وڌيڪ پُٽ آهن، اُتي ماءُ پيءُ ڪنهن سان رهن ان تي بہ جهڳڙا ٿين ٿا. ڪوبہ پٽ اها ذميواري کڻڻ لاءِ تيار نہ ٿو ٿئي. ڪٿي ڪٿي اهو بہ ڏٺو ويو آهي تہ ماءُ هڪ پٽ وٽ تہ پيءُ وري ٻئي پٽ وٽ رهيو پيو آهي. ڪٿي وري ماءُ پيءُ مهنو هڪ پٽ وٽ تہ مهنو وري ٻئي پٽ وٽ رهندا آهن. مطلب تہ هيترن پٽن هوندي بہ هوُ لاوارث آهن. پُٽ پنهنجو فرض نہ سمجهي ماءُ پيءُ کي هڪ بوجهہ مثل پيا سمجهن. مگر ٻئي طرف اهڙيون ڌيئرون بہ آهن جيڪي پتا جي ديهانت کان پوءِ ماءُ کي پاڻ وٽ وني وڃي رهائين ٿيون ۽ ڪيس هر طرح سکي رکن ٿيون. پينرن ۾ بہ اهو جهڳڙو ڪونہ ٿو ٿئي تہ ماءُ کي رهائڻ جي ذميواري ڪير کڻندو. هيءَ ذميواري اُها ڌيءُ کڻندي جيڪا سمرٿ آهي، ڪيس پنهنجي پتيءَ جو سهيوگ پراپت آهي.

جن ماتا پتا پنهنجي پيٽ کي پٽي ٻڌي رُکو-سڪو ڪائي پنهنجي اولاد جو آئينده ٺاهيو سي جڏهن ٻڍاپي ۾ پنهنجن پٽن جي اڳيان هٿ ٿا ڦهلائين تہ کين اهو ئي جواب ٿو ملي تہ اسين جيڪي ڏيئي رهيا آهيون سو پنهنجو پيٽ ڪٽي توهان کي ڏيئي رهيا آهيون. توهان کي هاڻي پنهنجا خرچ گهٽائڻ گهرجن. ٻارن جي پڙهائيءَ تي ئي ايترو خرچ اچي ٿو وڃي جو ڪجهہ ڪڍڻ ڏاڍو مشڪل ٿي پيو آهي. پُٽ اهو وساري ٿا ڇڏين تہ سندن ماتا پتا غريبيءَ جي حالت ۾ بہ کين تعليم ڏيئي لائق بڻايو آهي. اُن سبب ئي اڄ هوُ هنن وڏن عهدن تي آهن يا ايترو ڪمائي رهيا آهن. ڪي تہ وري اهڙا بہ سدورا پٽ آهن جو هو جڏهين وڏن عهدن تي پهچن ٿا تہ هوُ پنهنجن ماتا پتا کي پنهنجو ماءُ پيءُ ٻڌائڻ ۾ شرم محسوس ٿا ڪن. ان جي اُبتڙ وڏن گهرن ۾ پرڻيل ڌيئرون پنهنجن پائرن ۽ پينرن جي بهاني پنهنجن ماتا پتا کي آرٿڪ مدد ڪرڻ چاهينديون آهن. هنن کي پنهنجن غريب ماتا پتا جي هميشهہ چنتا رهندي آهي.

چوڻ جو مطلب اهو نہ آهي تہ ڪو سڀئي پُٽ سوارٿي ۽ ڪنور ٿين ٿا. ڪي تہ اهڙا بہ آهن جي پنهنجن ماتا پتا جو پورو خيال رکن ٿا ۽ پنهنجن پائرن پينرن ڏانهن پڻ پنهنجو فرض پوريءَ طرح نباهين ٿا. اهو سڀ اُهي پٽ ئي ڪري سگهن ٿا جن کي پنهنجي فرض جو ڏيان آهي ۽ اهي پنهنجي پتنيءَ کي بہ فرض جو احساس ڪرائي ڪانئس سهيوگ حاصل ڪن ٿا. اُهي پنهنجيءَ پتنيءَ جي سهيوگ سان پنهنجي ماتا جو آدر ڪن ٿا. سندن هر لفظ کي هوُ حڪم سمجهي ان تي عمل ڪن ٿا. سندن ماتا جي آشيرواد سان ان شيوا جو ڦل بہ کين سنو ملي ٿو، چاڪاڻ جو ماتا پتا جي چرنن ۾ ئي سڄو تيرٿ آهي. جيڪو پٽ ماتا پتا کي دکي ڪري تيرٿ ٿو ڪري ان جو اهو تيرٿ بہ ڪونہ ڦلندو.

مگر اَهڙا پُٽ تمام گهٽ آهن. اڄ ڪلهہ اهڙا پٽ بہ آهن جيڪي پنهنجن ماتا پتا کي پوري روٽي بہ کين ڏيندا آهن، پر هنن جي مرڻ بعد ڏاڍي ڌام ڌوم سان سندن ورسيون ملهائي سماج ۾ ڏيکاءُ ڪندا آهن تہ هنن کي سندن ماتا پتا لاءِ ڏاڍي شرڌا آهي.

ان جي اُبتڙ اهڙيون ڇوڪريون تمام گهٽ هونديون جن کي پنهنجن ماتا پتا جي چنتا نہ هجي ۽ ڇوڪرا اهڙا تمام گهٽ آهن جن کي پنهنجن ماتا پتا جي چنتا هجي. هونئن بہ ڇوڪرين جي دل ڪومل ٿيندي آهي ۽ پنهنجن فرضن ڏانهن ڌيان ڏيڻ ۽ دل سان انهن جو پالن ڪرڻ جو سڀاءُ هنن جو ٿيندو ئي آهي، ان ڪري بہ سندن ماتا پتا جي پاونا ۽ پريم پنهنجين ڌيئرن سان وڌيڪ جڙيل هوندو آهي.

زندگيءَ جي مصيبتن، تڪليفن سان مقابلو ڪندي، پٽن طرفان سندن عزت نہ ڪرڻ، ساڻن سنو ورتاءُ نہ ڪرڻ سبب پريشان ٿي ماءُ پيءُ پنهنجين ڌيئرن جي اچڻ جو انتظار ڪندا رهندا آهن، جيئن اُهي سڀ تڪليفون ٻڌائي پنهنجي من جو بار هلڪو ڪن چاڪاڻ جو هوُ ڌيان سان اهو سڀ سمجهڻ جي ڪوشش

ڪنديون ۽ پنهنجن پيارن کي سمجهائيندين ۽ انهن مسئلن جو حل پڻ ڪڍي ڏيندين.

بڊاپي ۾ جنهن طرح سان ڪي پٽ ماتا پتا کي پريشان ڪن ٿا سو ڪنهن کان به ڳجهو ڪين آهي پر تنهن هوندي به ماتا پتا جي خواهش اِها هوندي آهي ته سندن مرڻ تي ڪين سندن ئي پٽ ڪلهو ڏين ۽ چتا کي آگ لڳائين ته سندن آتما کي مڪتي ملي، سندن مرڻ پڇاڙيءَ پٽ ئي ونش کي قائم رکندا ۽ خاندان جو نالو روشن ڪندا. اهو ڪنهن ڏٺو آهي ته مرڻ بعد سندن پٽ خاندان جو نالو روشن ڪندا. ان ڪري اهو سوچڻ ته ڏيئرون نه چمن اهو ويچار بلڪل بي بنياد آهي.

## نوان لفظ

| | | |
|---|---|---|
| شادمانو = خوشي | دليل = تَرڪُ | ڳجهو = لِڪل |
| ذميواري = جوابداري | صداقت = پروسو، وشواس | لاوارث = اَنات |

## اَڀياس

**سوال.1. هيٺين سوالن جا جواب هڪ يا ٻن جملن ۾ لکو.**

1) ليکڪ موجب ڪنهن جي چني ڌام ڌوم سان ڪئي ويندي آهي؟
2) شاديءَ کان پوءِ ماتا پتا لاءِ ڪنهن کي همدردي رهي ٿي؟
3) پهريون پٽ جمڻ تي عام طور ڇا چيو ويندو آهي؟

**سوال.2. هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ ڏيو.**

1) ليکڪ موجب ڌيئرون، پٽن کان بهتر ڇو آهن؟
2) ڪهڙي قسم جا پُٽ تمام گهٽ آهن؟
3) ماتا پتا جي خواهش ڪهڙي هوندي آهي؟

**سوال.3. هيٺين ۾ خال ڀريو.**

1) هيترن پٽن هوندي به هوُ................. آهن.
2) پنهنجي پتنيءَ جي سهيوگ سان پنهنجي ماتا جو ............... ڪن ٿا.
3) ڇوڪرين جي دل .................. ٿيندي آهي.
4) سندن مرڻ بعد سندن پٽ ................... جو نالو روشن ڪندا.

**سوال.4. هيٺين جا ضد لکو.**

(i) پرائو، سمرت، لائق، اُبتڙ، ڪنور، سهيوگ

(ii) هيٺين اِصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو.

منٿون ڪرڻ، ڪاناڦوسي ڪرڻ، ساڪار ڪرڻ، بار هلڪو ڪرڻ

**سوال.5. (1) هيٺين جملن جا قسم سڃاڻو. (سوالي، هاڪاري، ناڪاري ۽ عجببي)**

1) ڇا شاديءَ کان پوءِ هو ماتا پتا جي ساڳي عزت ڪن ٿا؟
2) ڪوبہ پٽ اِها ذميواري کڻڻ لاءِ تيار نٿو ٿئي.
3) هنن کي سندن ماتا پتا لاءِ ڏاڍي شرڌا آهي.
4) اَفسوس! اَهڙا پٽ تمام گهٽ آهن.

**(2) هيٺين جملن ۾ مناسب جڳهين تي بيهڪ جون نشانيون ڏيو.**

1) پهرين نياڻي جائي تہ چوندا پائي پهريون بار تہ پُٽ ئي هئڻ گهرجي.
2) هاڻي اَسين سوچيون تہ هن زماني ۾ سيئي پٽ ماءُ ۽ پيءُ جي ٻڍاپي جا سهارا بڻيا آهن.
3) اَڄي توکي تہ نياڻين ورائي ورتو آهي.

**(3) هيٺين جي جنس بدلايو.**

ماتا، پٽ، ڇوڪري، پاءُ

# پورڪ اَڀياس

**1. ٽڪر تي عملي ڪم ڪريو.**

پٽ ۽ نياڻيءَ کي پالڻ پوشڻ ............ پڙهائي

**(1) پنهنجا ويچار سامهون رکي هيٺ ڏنل جملن کي صحيح يا غلط ۾ ورهايو.**

| جملو | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| مثال : پٽ ۽ ڌيءَ پالڻ ۾ پيڊ ڀاو رکيو ويندو آهي. | ✓ | ✗ |
| اَڄ جي زماني ۾ پٽ ۽ ڌيءَ ۾ پيڊ ڀاو رکڻ نہ گهرجي. | | |
| ڌيئرون مائٽن لاءِ بوجهو آهن. | | |
| پٽن ۽ ڌيئرن جا سمان اَڌڪار آهن. | | |
| ڇوڪرين کي اوچي تعليم لاءِ همٿائڻ گهرجي. | | |

**(2) 'پالڻ پوشڻ' هڪ مرڪب لفظ آهي. ٽڪر مان ٻيا مرڪب لفظ ڳولهيو.**

**(3) ساڳيءَ معنيٰ وارن لفظن جا جوڙا ملايو.**

| | |
|---|---|
| عزيز | لياقتي |
| قابل | سوُڌ |
| خواهش | مت مائٽ |
| وياج | چاهنا |

(4) ليڪ پاتل لفظن کي گرامر موجب سڃاڻو.

(i) چوڪرن کي اعليٰ تعليم ڏني ويندي آهي.

(ii) هنن چوڪرين لاءِ الائجي ڪيترن کي هٿ جوڙيا پوندا.

(5) ٽڪر ۾ آيل سماجڪ مسئلن بابت لکو.

2. ڏنل جملن مان جنس نابرابري (Gender Inequality) جا صحيح ڪارڻ ڳولهيو، مناسب چوڪنڊي ۾ ( ✓ ) نشان ڪريو.

| ڪارڻ | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| مثال : غريبي | | |
| تعليم | | |
| بي روزگاري | | |
| پراڻيون ريتيون ۽ رسمون | | |
| ونش هلائڻ | | |
| سماجي سُڃاڻپ | | |
| غريبيءَ ۽ شاهوڪاريءَ ۾ سمانتا آڻڻ | | |
| پُرش پرڌان سماج | | |

3. ”بيٽي بچائو بيٽي پڙهائو“ ڪاريڪرم جي هيٺ سرڪار چوڪرين لاءِ ڪهڙيون سهوليتون ميسر ڪيون آهن؟ اِنٽرنيٽ ذريعي ڄاڻ حاصل ڪري لکو.

## پاڻ ڪريان - پاڻ سکان

1) اڻ ٺهڪندڙ لفظ مٿان گول پايو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| مثال : | اُڀ | آسمان | ڪڪر | گگن | آڪاش |
| (1 | ڏاڍو | سخو | سُٺ | ريلُ | تند |
| (2 | گادي | راڄ | تخت | سنگهاسڻ | مسند |
| (3 | سک | آرام | ننڊ | قرار | چين |
| (4 | ڳالهه | سچائي | حقيقت | اَصليت | ستيتا |
| (5 | ڏڪاءُ | خوف | ڀَئُہ | سپنو | ڊپ |
| (6 | ڪمزور | هيڻو | تندرست | ضعيف | دربل |
| (7 | دوزخ | آسمان | نرڪ | جهنم | نرڳ |
| (8 | ڦڙو | بوند | ٽيپو | قطرو | پاڻي |
| (9 | عقل | سمجهه | مغز | مت | ٻُڌٻُڌ |
| (10 | وچوٽي | برابري | سمتا | سمانتا | هڪ جهڙائي |

2) ليڪ ڏنل لفظن جي ميڙ بدران چوڪندي مان مناسب اِصطلاح ڪم آڻي، جملا وري لکو.

ور چڙهڻ، ڏي ڏيڻ

آهه زاري ڪرڻ، هيسجي وڃڻ

اوج تي رسائڻ

1. دک ظاهر ڪرڻ سان من هلڪو ٿيندو آهي.
2. پدما ٻائي غريب شاگرد جي اِسڪولي في ڀري ڪيس سهارو ڏنو.
3. تمام ڪُشالن بعد آخر چور پوليس جي هٿ آيو.
4. ماءُ پيءُ سدا اؤلاد کي ترقيءَ تي پهچائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

3) پنهنجي سؤٽ کي تعليم جي اَهميت سمجهائيندي خط لکو.

4) هيٺين چوڪندن ۾ ساڳي معنيٰ وارا لفظ لکو.

| پريشان | ڳُجهو | پريرو | لُطف |
|---|---|---|---|
| | | | |

4) هيٺين لفظن سان لاڳو شيون لکو.

ڪپهه

لوهه

# 10. ڏُک جو اِحساسُ

شري لال هوتچنداڻي ”لاچار“ جو جنم سنڌ ۾ سنه 1938ع ۾ ٿيو. ”چوليون“ سالياني رسالي معرفت ڍاڪن کان سنڌي ادب جي خدمت ڪري رهيو آهي.
سنڌي ڇپيل مکيه ڪتاب آهن ”سنگتراشي“، ”چترڪار جي ڪلپنا“، ”بند پلڪون“ ۽ ”ڪنڌھر جي آرزو“.
هن پاٺ ۾ ليکڪ، ڏک جو احساس سُٺي نموني سمجهايو آهي.



لنڊن جو رابرٽ نالي هڪ سيلاني، ڪڇ جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ڏورڙو (ٻني) جنهن کي اَڇو رڻ ڪري چوندا آهن، سمنڊ جي ڪناري جي ٿورو پريرو ٿڌي ريتيءَ تي ويهي سمنڊ جي لهرن جو لطف ماڻي رهيو هو ۽ آيل ٻين سيلانين کي به ڏسندو رهيو جيڪي تيز لهرن کان بچڻ لاءِ ڪلندا ۽ ڊُڪندا ريت طرف پئي ڀڄا. رابرٽ اِهو تماشو ڏسي ڏاڍو خوش پئي ٿيو. اوچتو هن جي نظر هڪ اَپاهج ڇوڪري تي پيئي جنهن ڪاٺ جي گهوڙيءَ جي سهاري سمنڊ جي لهرن مان پاڻيءَ جا ٻُڪ ڀري ڀري ڪڍهن مٿي تي پئي وڌا ته ڪڏهن وري مُنهن تي ڇنڊا ٿي هنيا.

رابرٽ کي لڳو، اَپاهج ڇوڪرو اَٽڪل سترهن اَرڙهن سالن جو مس هو، ٻين سيلانين کان به وڌيڪ خوش نظر پئي آيو. ڇوڪري جي ويش پوشا مان ڪيس ڪو مڪاني رهواسي ٿي لڳو. هوُهن ڇوڪري کي برابر ڏسندو رهيو. پوءِ ڪجهه سوچي، ريتيءَ تان اُٿي، ڪُلهي ۾ لٽڪيل ڪئميرا کي هٿن ۾ جهلي اَپاهج ڇوڪري جي ويجهو وڃي، هُن جا اڻ ڳڻيا فوٽا ڪڍندو رهيو. ڇوڪرو به اَنگريز کي پنهنجا ڦوٽا ڪنديندو ڏسي خوشيءَ ۾ پرجي سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ زور زور سان ٽاڦوڙا هڻڻ لڳو.

رابرٽ ٻئي ڏينهن سنان پاڻي ناشتو وغيره ڪري، ڪيڊيل فوٽا ليپ ٽاپ ۾ لوڊ ڪري اَپاهج ڇوڪري جا دلڪش فوٽا ڏسي دنگ رهجي ويو. فوٽن ۾ هن جو چهرو غضب جو لڳي رهيو هو. هُن جي ڪلڻ ۽ پاڻيءَ ۾ مستي ڪرڻ وارا فوٽا ليپ ٽاپ ۾ وڏيڪ اِنلارج ڪري باريڪيءَ سان ڪيتري دير ڏسندو رهيو. اوچتو الائي ڇا سوچي عجبَ مان واڪو ڪري چيائين ”گُڊ ويري گُڊ!

رابرٽ ٻئي ڏينهن رات جو اَچو رڻ ڏسڻ ۽ اپاهج ڇوڪري سان گڏجڻ لاءِ سمنڊ جي ڪناري ويو. سيلانين جي ييڙ ۾ هن جون اکيون اَپاهج ڇوڪري کي ڳولهڻ لڳيون. پر ڪٿي به نظر نه پئي آيس. اَڇ هن کي رڻ جي سونهن الائي ڇو ڦڪي ڦڪي محسوس ٿي رهي هئي. سمنڊ جي لهرن جي منڙي آواز مان به ڪو خاص آنند نه پئي آيس. آخر نراس ٿي واپس پنهنجي رهڻ واري پونگيءَ طرف وڃڻ لڳو.

رابرٽ ٻئي ڏينهن ... ٽئين ڏينهن ... چوٿين ڏينهن اَپاهج ڇوڪري کي ڏسڻ لاءِ سمنڊ جي ڪناري تي پئي ويو. پر نراس ٿي واپس موٽي پنهنجي رهڻ واري پونگيءَ ۾ اچي پاڻ کي بستري تي ڦٽو ڪندو هو. هنن ڇئن ڏينهن ۾ هن جو ڪنهن به ڳالهه ۾ من نه پئي لڳو، پاڻ کي اڪيلو، اڪيلو ۽ ٿڪل محسوس ڪرڻ لڳو.

ٻئي ڏينهن صبوح جو رابرٽ کي ڊورڙو ڳوٺ مان واپس پنهنجي ديش وڃڻو هو. اُن ڪري شام کان ئي پنهنجو سامان پئڪ ڪرڻ لڳو. پونگي جي مسواڙ، ڪاڊي پيتي جو حساب ڪتاب ڪري، هن پئسا ڏيئي ڇڏيا. پڇاڙيءَ واري رات جو هڪ آشا دل ۾ رکي رابرٽ سمنڊ جي ڪناري وڃڻ جو ويچار ڪيو. پر اُن رات پونگن واري نگريءَ ۾ کُليل ويڪري ميدان تي ڪڇي ڪلاڪارن جي سنگيت جي پروگرام جو آيوجن ڪيو ويو هو. تنهنڪري هوُ سمنڊ جي ڪناري ڪونه ويو.

رات جو ڏهين بجي کن پروگرام شروع ٿيو. ڪنهن ڳائڪ هارمونيم جي سُر تي گيت ڳايو. ڪنهن وري بنسريءَ جي ڌن تي موج مچائي. ڪو ڪلاڪار شهنائي وڄائي وينلن کي آنند وٺائي رهيو هو ته وري جئن شهنائين کي هڪ ئي وقت پنهنجن چپن تي رکي ڪلا جو جوهر ڏيکاري رهيو هو. اَهڙي نموني هرهڪ ڳائڪ ۽ سنگيتڪار پنهنجي ڪلا جو هُنر ڏيکاري حاضرين جي دل دماغ جي تارن کي لرزش ۾ آڻي رهيو هو. ايتري ۾ اَپاهج ڇوڪرو، ڪاٺ جي گهوڙيءَ سهاري اسٽيج تي آيو.

رابرٽ هُن ڇوڪري کي ڏسي خوشيءَ مان ٽپ ڏيئي اُٿي اسٽيج طرف وڃڻ لڳو پر پوءِ ڪجهه سوچي واپس جڳهه تي ويهي رهيو. اُهو ڇوڪرو خميس جي کيسي مان ٻه ڳنڪر جون ڳنڪريون ڪڍي، هڪ هٿ جي آڱرين جي وچ۾ جهلي ٻئي هٿ جي ترِيءَ تي گهمائي ٽِڪ ٽِڪ جي آواز سان پنهنجي گيت کي سُر سان ملائي خوشنما وايومنڊل کي وڏيڪ آنندميه بڻائي رهيو هو. وينلن مان ڪجهه سنگيت پريمي پنهنجن هٿن جي آڱرين سان چَپٽيون وڄائڻ لڳا ته وري ڪجهه پيرن ۾ پاتل بوٽ جي نوڪ زمين تي ٺڪ ٺڪ ڪري مٺي گيت ۽ سنگيت جو آنند ماڻڻ لڳا. رابرٽ مگن ٿي عجب مان ڇوڪري کي هڪ ٽِڪَ ڏسندو رهيو.

رابرٽ هُن ڇوڪري جي فوٽو فيس تي پهرين ئي موهت هو. اُن مٿان وري سنگيت جي جادوءَ کيس وڏيڪ پاڻ طرف ڇِڪڻ لڳو. ڇوڪري جي سنگيت پوري ٿيڻ سان تاڙين جي گڙگڙهاٽ سان فضا گونجڻ لڳي. ڇوڪرو مُشڪندو مُشڪندو اسٽيج تان لهي اَچي هيٺ ڪرسيءَ تي ويٺو.

رابرٽ هاڻ پاڻ کي وڏيڪ روڪي ڪونه سگهيو. اَپاهج ڇوڪري وٽ وڃي پاسي ۾ ويهي پُڇيائينس.

’تنهنجو نالو ڇا آهي؟‘

ڇوڪرو بنا جواب ڏيڻ جي پاسي ۾ ويٺل انگريز کي عجب مان ڏسڻ لڳو.

’تنهنجو نالو ڇا آهي؟‘ رابرٽ وري سوال پڇيس.

’خوشي ... منهنجو نالو خوشي آهي.‘

’ڇا ڪندو آهين؟‘

’ڳانيون مينهون چاريندو آهيان.‘

’تنهنجو پيءُ ڇا ڪندو آهي؟‘

’هوُ بہ ڳانيون مينهون چاريندا آهن.‘

’تون اسٽيج تي ويهي ڇا وڄائي رهيو هئين؟‘

’بس! ٻن نڪرين جي ترِيءَ تي ڳسائي آواز ڪڍي رهيو هوس.‘

’اِهو توکي ڪنهن سيکاريو آهي؟‘

’ڪنهن بہ نہ بس پنهنجو پاڻ سکيو آهيان.‘

’تنهنجي ٽنگ کي ڇا ٿيو آهي؟‘

’’مان جڏهن ڇهن سالن جو هوس تہ هڪ ٽنگ ۾ اڌرنگ ٿي پيو هو.‘‘

’تنهنجو گهر ڪٿي آهي؟‘

’’هوُ سامهون ڳوٺ ڏسو ٿا! اُتي رهندو آهيان. هتان اٽڪل هڪ ڪلوميٽر ڪن پري آهي. اُتي هڪ جانورن جي ننڍي اسپتال آهي. بس اُن جي سامهون منهنجو گهر آهي.‘‘

’صبوح جو مان تنهنجي گهر اچي تنهنجي پيءُ سان ڳڏجڻ ٿو چاهيان.‘

ٻئي ڏينهن صبح جو اٽڪل ڏهين بجي رابرٽ، خوشيءَ جي گهر پهتو. خوشي هن کي ڏاڍي پيار سان کٽ تي ويهاريو ۽ خوشيءَ جي پتا صاحب مِنڙي مشڪ سان سيلانيءَ جي آجيان ڪئي. رابرٽ مشڪي هُنن کان سندن نالو پڇيو. خوشيءَ جي پتا صاحب جواب ڏنو، ’لڇمڻ سنگھہ.‘

’دادا، توهانجو پٽ خوشي هوئڻهار نينگر آهي. نڪر جي ٻن نڪرين جي تال تي ڳائڻ سان ٻڌندڙ مؤج ۾ اَچي جهومڻ ٿا لڳن. مون رات هن جو گيت ٻڌو هو. گُڊ ... ويري گُڊ! صرف ٻن ننڍين نِڪرين جي ساز تي ايترو مڌر ڳائڻ پهريون ڀيرو ٻڌو آهي.

’اَسان ڳوٺ وارا بس اَهڙين ئي ننڍين ننڍين شين سان پاڻ کي وندرائيندا آهيون.‘

’دادا! مان هت توهان وٽ ڪنهن خاص ڪم سبب آيو آهيان.‘

’...‘ لڇمڻ سنگھہ رابرٽ کي ڪوبہ جواب نہ ڏيئي صرف مشڪڻ لڳو.

رابرٽ چيو، ’مان خوشيءَ کي پنهنجي ملڪ وٺي وڃڻ ٿو چاهيان، اُتي وڃي مان هن جا فوٽا ڪڍي اُنهن جي نمائش ڪري وڪڻندس. اُن مان جيڪو بہ نفعو ٿيندو اَڌ توهان کي ڏيندس. مان خوشيءَ جي سنگيت جي پروگرام جو بہ آيوجن ڪندس. اُن ڪمائيءَ مان بہ اڌ حصو توهان کي ڏيندس. صرف چار پنج مهنا ئي مون وٽ رهندو پوءِ مان واپس هت وٺي ايندوسانس. هنن ڇئن پنجن مهنن ۾ توهان کي چار پنج لک رپيا ڪمائي ڏيندو. توهان جو آئينده نهي پوندو تہ خوشيءَ جو بہ.‘

’نہ! نہ! اَسان پنهنجي سڪيلڙي پُٽ کي پرديش ڪونہ موڪليندا سين. جهڙو بہ آهي اَسان جي اکين جو نور آهي، تارو آهي. اَسان هن کي پاڻ کان هڪ گهڙي بہ پري ڪونہ ڪندا سين.‘ لڇمڻ سنگھہ هٿ جوڙي رابرٽ کي چيو.

’دادا، خوشي برابر توهان جي اکين جو تارو آهي، اِهو بہ برابر آهي تہ توهان پنهنجي پٽ کي پاڻ کان پري موڪلڻ کونہ چاهيندا اُهو بہ سڪيلڌي پٽ کي. پر خوشيءَ کي ڏاڏيءَ جي ڏات مليل آهي. هن جي ڳلي ۾ سرسوتيءَ جو واسو آهي ۽ اُن سان گڏ هن جي ڇهري ۾ بہ هڪ خاص قسم جي ڪشش آهي. ڀڳوان جي ڏنل نعمتن جو توهان کي سدا اُپيوڳ ڪرڻ گهرجي.‘

لڇمڻ سنگهہ پنهنجي گهرواري، جيڪا در جي اوٽ ۾ مُنهن ڍڪي بيٺي هئي، طرف نهاريو جا پنهنجي ڪنڌ سان نہ جو اظهار ڪري رهي هئي. لڇمڻ سنگهہ بہ گهر واريءَ جي ڳالهہ کي صحيح سمجهي رابرٽ کي هٿ جوڙي نہ ڪئي. ”دادا ڏسو، مان خوشيءَ جي ٻانهن صرف ڇئن پنجن مهنن لاءِ گُهري رهيو آهيان. مان هُن جي ٽنگ جو آپريشن بہ ڪرائيندس. هوُ جڏهن وديش مان موٽي واپس هت ايندو تہ توهان هن کي ڪاٺ جي ويساکيءَ تي نہ پر پنهنجي پيرن تي بيٺل ڏسندا.“

آپريشن جو نالو ٻڌي لڇمڻ سنگهہ جي منهن تي ڪجهہ خوشيءَ جون ريکائون وڏيون ۽ ويڪريون ٿي ويون. هُن پنهنجي گهرواريءَ ڏانهن نهاريو. هُن بہ پنهنجي پٽ کي پنهنجن پيرن تي بيهڻ جو ٻڌي ڪنڌ سا ها ڪئي. رابرٽ بہ ڪت تان اُٿي لڇمڻ سنگهہ کي هٿ جوڙي چيو ”چڱو مان هاڻ هلان ٿو جو اَڄ ئي پنهنجي ديش وڃڻ جي ٽڪيٽ آهي. ٿورن ڏينهن ۾ ئي مان خوشيءَ جي پاسپورٽ ۽ ويزا جو بندوبست ڪري اَچي وٺي ويندومانس.“

ائين چئي رابرٽ گهر کان ٻاهر وڃڻ لڳو. لڇمڻ سنگهہ ۽ خوشي بہ هُن سان گڏ دروازي تائين ويا.

لڇمڻ سنگهہ ۽ سندس گهرواري خوشيءَ کي ڏکون پائيندو ڏسڻ جا سهڻا سپنا ڏسڻ لڳا تہ وري خوشيءَ جي وديش وڃڻ جو خيال ايندي ئي ڏُکي ۽ مايوس بہ ٿيندا هئا. آخر اِهو ڏينهن بہ آيو. رابرٽ خوشيءَ کي پاڻ سان گڏ لنڊن وٺي ويو. اُتي وڃي رابرٽ خوشيءَ جا هر اينگل کان هزارين فوٽا ڪڍي پردرشنيءَ جو آيوجن ڪيو. پردرشنيءَ کي نالو ڏنو ’ڪڇ ڏنو، سڀ ڏنو.‘

پردرشنيءَ ۾ رکيل خوشيءَ جون تصويرون سڀ وڏن اَکين ۾ وڪامجي ويون. پردرشنيءَ جي پڇاڙيءَ واري ڏينهن رابرٽ ’ڪڇ ڪلا سنگيت‘ شو جو بندوبست ڪيو. جنهن ۾ خوشيءَ جي ڏاڍي واهہ-واهہ ٿي ۽ ڪمائي بہ اُميد کان وڌيڪ ٿي. اُنهن ڪمن کان فارغ ٿيڻ کانپوءِ خوشيءَ جي ٽنگ جو آپريشن ڪرايائين جو بہ ڀڳوان جي ديا سان ڪامياب ٿيو. هاڻ خوشي ڪاٺ جي ويساکيءَ جي سهاري نہ پر پنهنجن پيرن تي بيهي هلڻ لڳو.

پنجن مهنن کانپوءِ رابرٽ خوشيءَ کي پاڻ سان گڏ وٺي ڀارت آيو. خوشيءَ جي اَچڻ جو ٻڌي لڇمڻ سنگهہ ۽ سندس گهر واري هن جي اچڻ جو بي صبريءَ سان اِنتظار ڪندا اکيون در ۾ وجهي ويٺا هئا. در جي ٿوري ئي کڙڪي تي لڇمڻ سنگهہ کَٽ تان هڪدم اُٿي دروازي وٽ ٿي ويو. آخر اُها گهڙي بہ اَچي ويئي جنهن جو انتظار ڪري رهيا هئا. ”اَمي، بابا مان اَچي ويو آهيان‘ گهر ٻاهران خوشيءَ جو آواز ٻڌي سندس ماءُ پيءُ در طرف وڃڻ لڳا جو ايتري ۾ خوشي بہ ڊوڙندو گهر اندر اَچي ماءُ سان ڀاڪر پائي گڏيو. ڪلي ڪلي پيءُ کي پيري پيو. ماڻس پڻس پٽ کي بنا ويساکيءَ پنهنجي پيرن تي بيٺل ڏسي ٺري پيا. پنجن مهنن جي وڇوڙي جو درد پلجي هوُبهي پُٽ کي ور ور ڀاڪر پائي چُميون ڏيڻ لڳا. پٽ جي موهہ سبب ڪيس رابرٽ جي موجودگيءَ جو ڌيان بہ نہ رهيو. پر ڪجهہ ڪنن بعد لڇمڻ سنگهہ کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو ۽ رابرٽ جي ويجهو وڃي هٿ جوڙي معافيءَ جو اظهار ڪيائين. رابرٽ لڇمڻ سنگهہ جي جوڙيل هٿن کي پنهنجي هٿن ۾ جهلي چيو ”توهان اسان جا بزرگ آهيو، هٿ نہ جوڙيو. آسيس ڪريو“.

رابرٽ ڪٽ تي ويهي خوشيءَ سان ڳڻ ڳڻارڻ ڏينهن جو بيان وستار سان لڇمڻ سنگهه کي ٻڌائڻ لڳو. ٿورو پريان ٻيٺل خوشيءَ جي ماءُ به ڪن لائي رابرٽ جون ڳالهيون ڏيان سان ٻڌندي خوش ٿي رهي هئي. ڳالهيون ٻوليون ڪرڻ بعد رابرٽ پنهنجي ٻٽڻ مان ڇهه لک روپيا ڪڍي لڇمڻ سنگهه کي ڏيندي چيو، ’ايشور جي ڪرپا سان ۽ خوشيءَ جي ساٿ سهڪار سان رچيل پروگرام سڀ سڦل ويا. آمدني به پنهنجي سوچيل انداز کان وڌيڪ ٿي آهي. هان ونو هيءُ توهان جو حصو.‘

لڇمڻ سنگهه هيڏي وڏي رقم ڏسي به خوشيءَ جو ڪو گهڻو اظهار ڪونه ڪيو. صرف مُرڪي رابرٽ کي چيائين، ’اسان کي پئسن جو لوڀ ڪونهي. اَسان ڳوٺ جا سڌا سادا انسان آهيون. گهڻو ناڻو اڪثر سنسڪارن ۽ سنسڪرتيءَ کي ڇيهو رسائيندو آهي. اسان هوا ۾ اُڏامڻ کان وڌيڪ زمين تي رهڻ وڌيڪ پسند ڪندا آهيون. جيئن هاڻ رهندا آهيون آئينده پڻ ائين ئي ساڳي نموني رهنداسين. هي پئسا اَسان ۾ بدلاءُ آڻي ڪونه سگهندا. ڳوٺ وارا سڀ اسان جا پنهنجا آهن. اسان به ڳوٺ وارن جا آهيون. اسان سڀ هڪ ٻئي جا آهيون. ها جيڪڏهن هنن پئسن مان هت ڪا ننڍي وڏي اسپتال کولڻ جو بندوبست ڪيو ته سٺو ٿيندو. هن نيڪ ڪم ۾ ڳوٺ وارا به توهان جي مدد ڪندا ته جيئن خوشيءَ جهڙا ٻيا به اَپاهج پنهنجن پيرن تي بيهي زندگيءَ کي سچي زندگي سمجهي جيون گذارن. اولاد جي اَپاهج هئڻ جو ڏک ڇا ٿيندو آهي اُن جو احساس اسان کري چُڪا آهيون. خوشيءَ جهڙا ٻيا به پنهنجن پيرن تي بيهندا ته هنن نوٽن کان وڌيڪ خوشي ٿيندي.

رابرٽ عجب مان ڪيڏي مهل لڇمڻ سنگهه کي ڏسڻ لڳو ته ڪيڏي مهل پنهنجن هٿن ۾ جهليل نوٽن جي بنڊلن کي، جن جو وزن هو آهستي آهستي هلڪو ... وڌيڪ هلڪو ... اَڃا به وڌيڪ هلڪو محسوس ڪرڻ لڳو.

## نوان لفظ

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| آيوجن | بندوبست | فارغ | واندو | ڇيهو رسائڻ | نقصان پهچائڻ |
| ڦڪو ٿيڻ | لاچارو ٿيڻ | پونگي | جهوپڙي | دنگ رهجي وڃڻ | عجب ۾ پوڻ |
| نراس ٿيڻ | دُکي ٿيڻ | نمائش | نماءُ | واهه واهه ٿيڻ | ساراهه ٿيڻ |
| ٺري پوڻ | خوش ٿيڻ | | | | |

## اَڀياس

سوال.1. هيٺين سوالن جا جواب هڪ يا ٻن جملن ۾ لکو.

1) رابرٽ جي نظر ڪنهن تي پيئي؟
2) اَپاهج ڇوڪرو انگريز کي ڏسي ڇو خوش ٿيو؟
3) پونگن واري نگريءَ ۾ ڪهڙي پروگرام جو آيوجن ڪيو ويو هو؟
4) ڇوڪرو رابرٽ کي پاڻ طرف ڇو ڇڪڻ لڳو؟
5) رابرٽ پردرشنيءَ کي ڪهڙونالو ڏنو؟
6) ڇوڪرو اِسٽيج تي ڇا وڄائي رهيو هو؟

**سوال.2. هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

1) اَنگريز کي رڻ جي سونهن ڦِڪي ڦِڪي ڇو محسوس ٿي رهي هئي؟
2) رابرٽ خوشيءَ کي پنهنجي ديش ڇو وٺي وڃڻ چاهيو؟
3) لڇمڻ سنگهه رابرٽ کي ڇهه لک روپين لاءِ ڪهڙي صلاح ڏني؟
4) لڇمڻ سنگهه جي فيصلي بابت پنهنجا رايا لکو.

**سوال.3. هيٺيان جملا ڪنهن، ڪنهنکي چيا آهن.**

1) ”ڳانيون مينهون چاريندو آهيان.“
2) ”هن جي ڳلي ۾ سرسوتيءَ جو واسو آهي.“
3) ”اسان ڳوٺ وارا بس اَهڙين ئي ننڍين شين سان پاڻ کي وندرائيندا آهيون.“
4) ”اَمي، بابا مان اَڇي ويو آهيان.“

**سوال.4. (A) هيٺين لفظن لاءِ ضد لکو.**

ڪلڻ، خوش، ويجهو، وڏيڪ، صحيح، وڏا، سڦل، نيڪ، ديش

**(B) هيٺين لفظن لاءِ صفتون لکو.**

ڏينهن، شروع، وقت، رات، سمنڊ، عجب، دماغ

**سوال.5. (A) هيٺين جا عدد بدلايو.**

نعمتون، ڇوڪرو، پونگي، اکيون

**(B) هيٺين جون جنسون بدلايو.**

پيءُ، ڇوڪرو، نينگر، پُٽ، مينهن، ڳانءِ

**(C) هيٺين اِصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو.**

دنگ رهجي وڃڻ، نراس ٿيڻ، ڦڪو محسوس ٿيڻ، ٽري پوڻ، ڇيهو رسائڻ

**(D) هيٺيان گرامر موجب لفظ سڃاڻي لکو.**

لاءِ، وايومنڊل، منهنجو، سهڻا، وڃائي

## پورڪ اَڀياس

**(1) تڪر تي عملي ڪم**

لڇمڻ سنگهه .......... محسوس ڪرڻ لڳو.

**1) هڪ سٽ ۾ جواب ڏيو.**

(i) ٻن ياڻرن جا نالا لکو.
(ii) اَسان کي پئسن جو لوڀ ڪونهي. (ليڪ ڏنل لفظ بدران ٻيو لفظ ڪم آڻي جملو وري لکو)
(iii) ڳوٺ وارا سڀ اَسان جا پنهنجا آهن. (معنيٰ ساڳي رکي هاڪاري جملو ٺاهيو)
(iv) ”ڇيهو رسائڻ“ اصطلاح ڪم آڻي هڪ جملو لکو.

**2) هڪ لفظ ۾ جواب لکو.**

(i) ضد لکو : خوشي
(ii) ’نيڪ‘ جي اِسم ذات لکو.
(iii) زندگيءَ جي صفت لکو.
(iv) ’عجب‘ معنيٰ - [ ] (حيرت، ڪاش، ننڍو، عقل) مناسب جواب چونڊي ۾ لکو.

(2) زخمي سئنڪ جي آتم ڪهاڻي لکو.

(3) رميش ۽ هريش، گهمڻ لاءِ وڃڻ، حادثو، اِسپتال، مائٽ اِنهن لفظن وسيلي آکاڻي لکو.

(4) هيٺين چوڻين پوريون ڪريو.

مثال : سهڻا توهه پٽن تي گهٽا

1) سچ ته بينو ..............

2) ٽڏو ٽانءُ پاڻ کي .............. ۾ رکائي.

3) ڏُبري ڏاند تي .................. ٻه ڳهٽا.

## خاص ڄاڻ

سنستا يا سرڪار طرفان اَپاهجن لاءِ خاص سهوليتون.

1) ريلوي ٽڪيٽن ۾ 75% ٽائين ڇوٽ. سورداس، دماغي بيمار مريضن سان گڏ سات ڏيندڙ لاءِ به 75% ٽائين ڇوٽ.

2) اِنڊين ايئر لائينس طرفان سورداسن لاءِ 50% ٽڪيٽن تي ڇوٽ.

3) مفت تعليم ۽ ماهوار مدد.

4) اِنڪم ٽئڪس ۾ ڇوٽ.

5) سرڪاري نوڪرين ۽ سنستائن ۾ اَوليت.

6) راڄير سرڪار بس سيوائن ۾ ڇوٽ.

وڌيڪ ڄاڻ Internet مان حاصل ڪريو.

✦✦✦

# پاڙ ڪريان - پاڙ سکان

1) ڏنل ٽڪر پڙهي تاتپرج لکو.

2) ٽڪر تي ڇهه سوال ٺاهي لکو.

سيرت چئبو آهي چڱن لڇڻن کي، چوکي ۽ سوڌي چال کي. سهڻي صورت اِنساني جسم جو ٻاهريون حسن ڏيکاري ٿي، مگر سهڻي سيرت اِنسان جي اندروني نزاڪت ۽ سوڀيا ظاهر ڪري ٿي. سهڻي صورت، فوٽو يا تصوير وانگر عڪسي انسان آهي. پر سهڻي سيرت سچو پچو اِنسان آهي.

لارڊ بيکن چيو آهي تہ ’سونهن گرم ملڪ جي ميوي مثال آهي، جو جلد ڪنو ٿي وڃي ٿو.‘ تنهن مان ظاهر آهي تہ جوين جو پاڇو، ڪنبي حسن جي چٽڪي وانگر ناپائدار يا بي بقا آهي. چوٽي آهي تہ ’نيڪي نيندين پاڙ سان ٻيو سڀ رهندو هت.‘ نيڪي آهي نيڪ لڇڻن جو جوڙ. سهڻي ماڻهوءَ جي جيڪڏهن چال چڱي نہ هوندي، تہ سندس سونهن ۾ منهين ترار وانگر نہ رڳو ڪيس ڦٽيندي، پر ساڻس ٻين ڪيترن کي بہ زخمي ڪري ڇڏيندي. بد چال ماڻهوءَ جي سونهن ٻاهر جي اُماڙيءَ وانگر ساڙيندڙ آهي. نيڪ ماڻهوءَ جو عمدو مثال قدرتي چشمي جي پاڻيءَ وانگر ٺاريندڙ آهي.

ٻهريون پنهنجي فاحش چال سان ڪيترن کي گمراه ڪري ڪاري بگاڙي رکي ٿو. ٻيو پنهنجي نيڪ چلن سان سون کي سنواري سڌاري ٿو. سهڻي صورت سان گڏ جيڪڏهن سيرت بہ سهڻي آهي، تہ ڪهڙي ڳالهہ ڪجي! اُهو اهڙو آهي، جهڙو سون جي منڊيءَ ۾ هيرو. اهڙو سندر ۽ نيڪ پرش ديوتا آهي. اهڙي سندر ۽ نيڪ استري ديوي يا لڇمي آهي. سرڳ يا بهشت اهڙن ماڻهن لاءِ آهي. سيتا ۽ ساوتري، مارئي ۽ مومل اهڙين استرين جا ڪي عمدا مثال آهن. جيئن چنڊ رات جي انڌاري کي لڪائي ڇڏي ٿو، تيئن چڱا لڇڻ ماڻهوءَ جي بد صورتيءَ کي بہ لڪائي ڇڏين ٿا. سقراط چوندو هو تہ جوانن کي گهرجي تہ هميشهہ پنهنجو منهن آرسيءَ ۾ ڏسندا رهن، اِن لاءِ تہ جي سهڻا هجن تہ چال اهڙي چلن، جا سندن منهن تي پوي جي ڪوجها هجن تہ لياقت سان ڪوجهائي ڍڪڻ لاءِ جتن ڪندا رهن. جي لڇڻ چڱا نہ آهن تہ رڳو سونهن ڪي چا ڪبو؟ اهڙا سهڻا توهہ تہ پٽن تي بہ جام پيا آهن. سو سيرت ڌاران صورت ائين آهي، جئين خوشبو ڌاران گل.

1. هيٺين لفظن سان واسطو رکندڙ لفظ چوکنڊن ۾ لکو.

(i)




(ii)




(iii)




(iv)



# اِشتهار

خوشخبري! خوشخبري! خوشخبري!!

توهانجي شهر ۾ پهريون دفعو

سنڌي ڪاڄ - هڪ نماءُ

خوددار مهلا بچت
اديوگ طرفان

آستان :
آزاد مئدان، ممبئي

تاريخ :
۱ جنوري کان ۱۰ جنوري

وقت :
صبح ۱۰ کان
رات ۹ تائين



ڪيچا، پاپڙ، ڪچريون، ڪتاڻ،
ٻوراٽي، سنيوُن، مُربو، لڏوُن

خاص ڪششي اِسم :

ناميارا سنڌي ڪلاڪار، گيت، سنگيت
جا ڪاريه ڪرم پيش ڪندا.

هيٺين وشين تي اشتهار ٺاهيو.

1) شهر ۾ ڪتابن جو نماءُ
2) اسڪوُل ۾ داخلا وڏاڻ بابت اشتهار
3) نئين موبائيل جو اشتهار

# 11. ماترَ ڀاشا

ڊاڪٽر ورشا ديالداس اُوڌواڻي، ٻڙودا جي ايم.ايس يونيورسٽيءَ ۾ سنڌيءَ جي پروفيسر آهي. سنڌس جنم اَجمير ۾ سنہ 1963ع ۾ ٿيو.

هن پاٺ ۾ مانواري ليکڪا سنڌي وديارٿين کي ماتر ڀاشا جي اَهميت سمجهائي آهي.




ماتر ڀاشا يعني ماءُ جي ڀاشا. ماءُ جي ڀاشا کي ماتر ڀاشا چيو ويو آهي. ماتا جا ٽي روپ آهن. هڪ جنني، ٻي ڀارت ماتا ۽ ٽين ماتر ڀاشا. ماتر ڀاشا سان سنسڪرتي ۽ سنسڪار جُڙيل آهن. ڀاشا ۽ سنسڪرتي جو پاڻ ۾ گهرو سنٻنڌ آهي. ڪابہ سنسڪرتي جيتري پُراڻي هوندي، اُن سان واسطو رکندڙ ڀاشا بہ اوتري پُراڻي هوندي. ڪنهن بہ سنسڪرتي کي ڄاڻڻ ۽ سمجهڻ جو ذريعو ڀاشا ئي آهي.

هر اِنسان جي بنيادي سڃاڻپ هن جي ماتر ڀاشا آهي. جنهن ۾ هوُ پنهنجن گهرجن، ضرورتن، ڀاونائن ۽ اُمنگن جو اِظهار ڪري ٿو. اِنسان جو جيون ۽ وهنوار اُنهيءَ ئي ڀاشا جي آڌار تي ريتين، رسمن، رواجن، لوڪ ڪٿائن، لوڪ ساهتيہ موجب ٿيا آهن. اِنسان پنهنجي پرمپراگت سماج، ساهتيہ، سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ سان بہ اُنهيءَ ماتر ڀاشا وسيلي جُڙيل ۽ ٻَڌل آهي. ٻين لفظن ۾ اِئين بہ چئي سگهجي ٿو تہ هر اِنسان ماتر ڀاشا ۾ جيئي ٿو، مري ٿو، ساهہ کڻي ٿو، کلي ۽ روئي ٿو، ڪائي ۽ پيئي ٿو. ڪوبہ ماڻهو ڪم ڌنڌي، نؤڪري، پيشي ۽ سماجڪ ڪارروائين کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪيترين ئي ٻولين سکي ٿو ۽ سکڻ کان پوءِ بہ ماتر

پاشا کان سواءِ ڪنهن ٻي ٻوليءَ پاشا جي مڪمل حوالي تي نٿو سگهجي. ماتر پاشا هن جي رڳن ۾ رت سان گڏ ڊوڙي ٿي. مهاراشٽر جي سنت گيانيشور سنتينءَ صديءَ ۾ آڌياتمواد جو پرچار ڪندي پنهنجي ماترپاشا بابت چيو آهي ته ماتر پاشا سروَ سريشٽ آهي هرڪو اُها سؤلائي سان سکي، لکي، پڙهي، سمجهي ۽ گيان حاصل ڪري ٿو سگهي. ماتر پاشا سکڻ آسان آهي. سماجڪ سؤمان ۽ ايڪتا جي ڀاونا پيدا ڪندڙ آهي. منهنجي ماتر پاشا آڪاش ۾ وِهار ڪندڙ آهي ۽ اِنهيءَ ۾ ايتري سمرٿي آهي جو برهم وديا سؤلائيءَ سان سمجهائي سگهجي ٿي.

ماتر پاشا اُها پاشا آهي جيڪا ٻارُ سڀ کان پهرين سهڄ ۽ سڀاويڪ نموني سکي ٿو. ان پاشا ذريعي هوُ پنهنجي آس پاس جي ماحول کان واقف ٿئي ٿو پنهنجي آزمودن ۽ احساسن کي خيالن ۾ خلقي ٿو ۽ اُنهن کي اِظهاري ٿو. پاشا جو ويچارن سان گهرو ناتو آهي. ٻارُ ماءُ جي ڪير سان گڏ-گڏ پنهنجي ماتر پاشا به سکندو آهي. ماءُ جيڪا پاشا ڳالهائي ٿي سان ئي پاشا ٻار سکندو آهي. پاشا جو اِهو لاڳاپو ڏيري-ڏيري وڌندو ويندو آهي. ٻار ڪجهه به سوچيندو آهي ته پنهنجي ماتر پاشاﺀ ئي سوچيندو آهي. چوندا آهن ٻار مُڇ جو وارِ جيڏانهن ورائيس تيڏانهن وري. ننڍڙن ٻارن جي دلين ۾ ننڍي هوندي کان ئي جيڪڏهن اسين پنهنجي ماتر پاشا جو ٻج پوکينداسين ته پوءِ اُميد رکي سگهجي ٿي ته اُهو ٻج سَلي جو روپ وٺي شاهي وڻ ٿي پوندو. جي جڙ کي لڳاتار روز پاڻي ڏجي ته ڦل ڦول خود به خود ٿي پوندا. تيئن ٻار سان روز پنهنجي ماتر پاشا ۾ ڳالهائڻ سان هوُ پنهنجي ماتر پاشا ضرور سکندو. گهر پريوار ۾ شروعاتي پرارٿنائون، خوشي ۽ دک جي ويچارن کي ماتر پاشا ۾ ظاهر ڪرڻ سان ٻار تي به اِنهن جو گهرو اثر پوي ٿو. ٻار جي مانسڪ وڪاس لاءِ ماتر پاشا اوتري ئي ضروري آهي، جيترو ڪ ٻار جي بدني وڪاس لاءِ ماءُ جو کير. ماتر پاشا جي ضرورت اِن ڪري آهي چو جو ٻار جي شروعاتي ويچارن کي ناهڻ ۾ ماتر پاشا جو ئي وڏو هٿ آهي اُها ٻار جي شخصيت، منورتي، سماجڪ وشواس، اڀياس جي لائقي ۽ پيڙهه پڪي ڪرڻ جو ڪم ڪري ٿي. ان سطح تي ٻڌڻ، ڳالهائڻ، پڙهڻ، لکڻ جي بنيادي ڄاڻ حاصل ڪئي ويندي آهي. ملهه ۽ قدر اپنايا ويندا آهن ۽ ماحول سان واسطو رکندڙ چيتنا ۾ تيزي ايندي آهي.

هر قوم جي سڀيتا ماتر پاشا سان جُڙيل آهي. روزمڙهه جي جيون وهنوار ماتر پاشا ۾ آهي تنهن ڪري سنڌين لاءِ ماتر پاشا سکڻ لازمي آهي. ماتر پاشا معرفت سماجي سڃاڻپ ايندي، ماضيءَ جي پيڙهين جي آزمودن کان مستقبل جون پيڙهيون محروم ٿي وينديون جي اُهي سنڌي نه سکندا هوُ صرف پٿر جا پُتلا هوندا. ماتر پاشا کان محروم ڪرڻ، تيڻ ۽ رهڻ اهڙو اخلاقي ڏک آهي جنهن جو ڏنگ زندگيءَ جي ڪنهن نه ڪنهن موڙ تي ناسوُر بڻجي ستائيندو. وقت اَچڻ تي اُها نراس ناگرڪ جي پيڙهي ٿي پوندي.

سنڌين کي سنڌي نه ايندي ساهتيه نه پڙهندا ته فخر ڇا تي وٺندا. اِنڪري اسان کي قبول ڪرڻ گهرجي ته منهنجي ماتر پاشا سنڌي مهان آهي. جذباتي سطح تي ماتر پاشا هر شخص جي شخصيت جو اُهو اڻٽونديو حصو آهي جنهن کي قائم رکڻ، وڌائڻ، ويجهائڻ سندس اخلاقي فرض بڻجي ٿو وڃي.

پاشا رڳو هڪ رابطي جو سرشتو نه آهي، پاشا هڪ سماجڪ وهنوار به آهي، چو ته پاشا جو اِستعمال ڪندي اِهو ڌيان رکڻ ضروري آهي ته ڪير، ڪنهن سان، ڪٿي ۽ ڪهڙي موضوع تي ڳالهائي رهيو آهي. اِن کان سواءِ پاشا ڪنهن جاتيءَ جي سڃاڻپ جي نشاني ۽ تهذيب جي ڏي-وٺ جو واهڻ به آهي. مثال طور سنڌي پاشا سنڌين جي پاڻ ۾ ويچارن جي ڏي-وٺ جو ساڌن ۽ سنڌين جو سماجڪ وهنوار جو هڪ حصو آهي. سنڌي پاشا سنڌين جي سڃاڻپ جي هڪ نشاني ۽ سنڌيت کي سنڀالي رکڻ جو وسيلو آهي.

ماتر پاشا ۾ اُها طاقت آهي جو ماڻهو کي قدم قدم تي هر قسم جي مدد ملندي آهي. نيتائون ته پاشا

جي آڏآر تي سنڌين جي علائقي ۾ سنڌيءَ ۾، پنجابين جي علائقي ۾ پنجابيءَ ۾، گجراتين جي علائقي ۾ گجراتيءَ ۾ ڀاشڻ ڏيئي ڪري اُنهن جي دل جيتي ڪري اليڪشن ۾ ڪٽي ايندا آهن يعني تہ ماتر ڀاشا جي پهچ اسان جي من جي اندروني گهراين تائين آهي.

اُن لاءِ هڪ مثال پيش ڪري رهيا آهيان.

ڪنهن راجا جي دربار ۾ هڪ وڏو ودوان آيو. اُهو سيني ڀاشائن جو ڄاڻو هو ۽ سيني ڀاشائن ۾ ڀاشڻ ڪري سگهندو هو. راجا اُن ودوان کان اُن جي ماتر ڀاشا جي باري ۾ پڇيو تہ ودوان چيو توهان جي دربار ۾ وڏا-وڏا ودوان آهن اُهي ٻڌائين تہ منهنجي ماتر ڀاشا ڪهڙي آهي؟ راجا پنهنجي دربار جي هڪ هڪ ودوان کي گهرائي اُن سمسيا جو حل ڳولهڻ لاءِ چيو پر ڪوبہ ودوان ان نئين ودوان جي ماتر ڀاشا جي باري ۾ ٻڌائي نہ سگهيو.

آخر ۾ راجا جي دربار ۾ مکيہ وزير اِهو ڪم پاڻ تي ڪنيو. مکيہ وزير سوچ ويچار ڪري اِن نئين ودوان کي پنهنجي گهر وٺي آيو. چڱو آدر ستڪار ڪري کيس سٺا طعام کارايا ۽ رات جو سمهڻ واسطي کيس آرام دائڪ بسترو ڏنو. جڏهن هوُ گهري ننڊ ۾ هو تڏهن مکيہ وزير هن جي پير ۾ سئي ڪنبي. درد ٿيڻ تي اُن ودوان رڙ ڪئي الا ڙي مان مري ويس. ٻئي ڏينهن راجا جي دربار ۾ مکيہ وزير اَچي ٻڌايو تہ هن نئين ودوان جي ماتر ڀاشا سنڌي آهي.

صاف ظاهر آهي تہ ماتر ڀاشا اسان جي من جي گهراين سان لاڳاپو رکندڙ آهي. جڏهن اسان کي ڪو درد، ڪا پيڙا ٿئي ٿي تہ اِهو دکہ اسان پنهنجي ماتر ڀاشا ۾ ظاهر ڪندا آهيون.

## نوان لفظ

| | | |
|---|---|---|
| منهن ڏيڻ = مقابلو ڪرڻ | موضوع = وشيہ | پيڙهہ پڪي ڪرڻ = بُنياد ٺاهڻ |
| محروم = وانجهيل | تهذيب = سڀيتا | اِخلاقي = آدرشي |

## اَڀياس

سوال.1. هيٺين سوالن جا جواب هڪ يا ٻن جملن ۾ لکو.

1) ماتا جا ڪهڙا ٽي روپ آهن؟
2) ماتر ڀاشا سان ڇا جڙيل آهن؟
3) ڀاشا اظهار جو ذريعو آهي.
4) اِنسان جو اِخلاقي فرض ڪهڙو آهي؟
5) سنڌين جي سڃاڻپ جي نشاني ڪهڙي آهي؟

سوال.2. هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.

1) ’ماتر ڀاشا اِنسان جي رڳن ۾ ڊوڙي ٿي‘ سمجهايو.
2) سنت گيانيشوَر جا ماتر ڀاشا بابت ويچار لکو.
3) ٻار جي مانسڪ وڪاس لاءِ ماتر ڀاشا ڇو ضروري آهي؟
4) ماتر ڀاشا سکڻ لازمي ڇو آهي؟

5) ليکڪ موجب کھڙو ڏڪ ناسُور بڻجي ستائيندو؟
6) ماتر ڀاشا من جي گھراين سان لاڳاپو ڪيئن رکي ٿي؟

**سوال.3. هيٺين ۾ خال ڀريو.**

1) ڀاشا ۽ ............ جو ناتو ڳ ۾ گھرو سنبنڌ آهي.
2) هر اِنسان جي بُنيادي سڃاڻپ هن جي ............ آهي.
3) ڀاشا هڪ ............ وهنوار آهي.
4) هر قوم جي ............ ماتر ڀاشا سان جڙيل آهي.

**سوال.4. (A) هيٺين لفظن لاءِ ضد لکو.**

پُراڻي، اِنسان، دُک، لازمي، زندگي، ڇاڻو، آڪاش، آسان

**(B)هيٺيان لفظ گرامر موجب لفظ سڃاڻي لکو.**

پر، ٿي، مهان، جنني، لِکڻ، هوُ

**(C) هيٺين لفظن لاءِ صفتون ڏاهيو.**

اِخلاق، اَثر، دک، لائقي، سڃاڳي، مدد

## پورڪ اَڀياس

**1. تڪر تي عملي ڪم.**

هر قوم جي سيپتا سان ............................ اخلاقي فرض بڻجي ٿو وڃي.

**(1) چوڪنڊا ڀريو.**




**(2)’ماتر ڀاشا شخصيت جو اُهو اَڻ وندڀو حصو آهي‘ سمجھايو.**

(3) ليڪ ڏنل لفظن بدران برئڪيٽ مان مناسب لفظ ڳولهي جملا وري لکو.

(وانجهيل، ڄاڻرتا، ضروري، ناز، سنسڪرتي)

(i) سنڌين کي سنڌي نہ ايندي تہ فخر ڇا ٿي.
(ii) هر قوم جي سيپتا ماتر ڀاشا سان جُڙيل آهي.
(iii) سنڌين لاءِ ماتر ڀاشا سکڻ لازمي آهي.
(iv) ماتر ڀاشا معرفت سماجي سڃاڳي ايندي.

**2. ڪنهن بہ هڪ سنڌي ليکڪ جي سنڌ بابت لکيل بہ آکاڻيون پڙهي اَچي ڪلاس ۾ ٻڌايو.**

## خاص ڄاڻ

سنڌي زبان جون يارهن شاخون هن ريت آهن.

1. لهندا (اولهندي واري زبان)
2. سرائڪي
3. ڪيٿراني
4. اُڀي
5. وچولي
6. لاڙي
7. ترَيلي
8. لاسي
9. ڪڇي
10. موڪاڪي (لوري)
11. جدگالي

اِنهن زبانن جي وڌيڪ ڄاڻ لاءِ انٽرنيٽ **www.wikipedia** تي وڃو.

## پاڻ ڪريان - پاڻ سکان

1) ڏنل مثال موجب خاڪو پورو ڪريو.

| لفظ | معني | ڳالهائڻ جو لفظ | جُملو |
|---|---|---|---|
| خاوند | مالڪ | اِسم | اَسان مٿان خاوند جي سدا مهر رهي |
| لڏپلاڻ | | | |
| آزادي | | | |
| خواهش | | | |
| ڏياوان | | | |
| گهتي | | | |
| سيلاني | | | |

2) ڪي بہ پنج سنڌي چوٽيون لکو.
3) سنڌي ڏڻ مان توهان کي وڻندڙ ڏڻ تي مضمون لکو.
4) ڪوبہ مشهور سنڌي گيت نيٽ ذريعي ٻڌو ۽ ڪلاس ۾ گڏجي ڳايو.
5) توهانجي اِسڪول ۾ ضلع سطح تي ٿيل وگيان نماءُ بابت اَحوال لکو.
6) پنهنجي وارڊ جي عملدار کي پاڻيءَ جي تڪليف دور ڪرڻ لاءِ خط لکو.

BTYBSX

✦✦✦

# 12. سنڌي سوروير



هيمون ڪالاڻي



پريم رامچنداڻي



شري رام هيرا

اَسانجي ڀارت ديش کي اَنگريزن کان آزاد ڪرائڻ لاءِ ڪيترن ئي جوانن پاڻ موکيو. ڪيترائي اَنگريزن دواران جيل ۾ قيد ڪيا ويا. جيل ۾ ڪين گهڻيئي تڪليفون ڏنيون وئيون. هُو سڀ تڪليفون خوشيءَ سان سهندا رهيا. گهڻن تہ پنهنجي جيون جي آهوتي ڏيئي وير گتي پراپت ڪئي. ڪيترن ڀارت ماتا جي صدقي ڪلندي ڪلندي ڦاسيءَ جي ڦندي کي گلي لڳايو.

اَسان جا سنڌي بہ ڀارت جي آزاديءَ لاءِ تہ اَڳرا هئا ئي پر آزادي ملڻ کان پوءِ بہ جڏهن جڏهن ديش تي دشمنن جو وار ٿيو تڏهن بہ هُو خوشيءَ سان، همت ۽ ديش پريم جا هٿيار ڪٽي لڙندا رهيا پنهنجي قربانيءَ جي سرهاڻ سان ڀارت کي مهڪائي ويا.

هيمو ڪالاڻيءَ پنهنجي ديش لاءِ ڦاسيءَ کي گلي لڳائي شهيد ٿي ويو. هُو سنڌين جو شان هو ۽ ڀارت جو سنمان بڻيو.

اَسان جي سنڌي جوانن پريم رامچنداڻي ۽ رام هيرا جي ذهن ۾، خون ۾، ڀاونائن ۾، ديش تان فدا ٿيڻ جو هڪ جذبو سمايل هو. اِنهن سنڌي سپوتن جڏهن بہ ڀاڙيسري ملڪن ڀارت تي حملا ڪئي پنهنجا قدم اڳتي وڌائي بهاديءَ سان مقابلو ڪيو.

پريم رامچنداڻي هڪ هوشيار دلير هوا باز هو. هن جي رڳن ۾ بہ ديش ڀڳتي ڪُوٽ ڪُوٽ ڀريل هئي. هن 1958ع ۾ سنڌ ماڊل هاءِ اِسڪول، گرانٽ روڊ، ممبئيءَ مان مئٽرڪ پاس ڪئي. سينٽ زيوير هاءِ اِسڪول ممبئيءَ ۾ بہ هُو پڙهيو هو. تنهن کان پوءِ هن جئہ هند ڪاليج ۾ تعليم وٺڻ بعد فيصلو ڪيو تہ هُو ملٽري ۾ داخلا وٺندو. اِنٽرنس اِمتحان پاس ٿيڻ کان پوءِ هن جوڌپور اِيئرفورس ڪاليج ۾ ٽريننگ ورتي. حيدرآباد ۾ ڪيس پائلٽ جي ٽريننگ ڏني ويئي. هاڻي هُو فائٽر پائلٽ ٿي ايئرفورس ۾ داخل ٿيو.

5 آگسٽ 1965ع ۾ پاڪستان جڏهن ڀارت تي ڪاهي آيو تڏهن ديش جي رکشا لاءِ هزارين سئنڪ جنگ جي ميدان ۾ جٽي ويا. اُمنگ ۽ اُتساهه سان حملي جو جواب ڏيڻ لڳا. ٿل سئنا جي مدد لاءِ وايوُ سئنا جا جوان به لڙائيءَ جي ميدان ۾ ٽپي پيا.

اُنهن سوروير وايوُ سئنڪن ۾ سنڌ جو هڪ سپوت پريم. آر. رامچنداڻي به هو. هوُ فائٽر پائلٽ ته هو ئي. هُن جي بيس ڪئمپ اَمرتسر هوائي اَڏو هئي. هن نوَ دفعا پاڪستان مٿان ڪامياب هوائي ڪاهون ڪيون پر ڏهين دفعي ۾ پاڪستاني ٿل سينا جي نظر چڙهيو. نتيجي طور نه صرف سندس هوائي جهاز کي نقصان رسيو پر ٻاهه به لڳي. تنهن سان گڏ هُن کي گولي به لڳي. هن جانباز همت سان، هوائي جهاز جو اِجيڪٽ بٽڻ دٻائي، پنهنجي جان جي پرواهه نه ڪندي ٻاهه سان گهيريل هوائي جهاز کي پاڪستان کان ڀارت جي حد اَندر آندو ۽ هوائي جهاز مان وماني ڇٽيءَ دوارا هيٺ ڀارت ڀوميءَ تي ٽپو ڏنو. ڳوناٺن بروقت کيس اَمرتسر جي هڪ اِسپتال ۾ پهچايو. پوءِ کيس ملٽريءَ جي اِسپتال ۾ موڪليو ويو. 22 سيپٽيمبر 1965ع تي هوُ اِسپتال ۾ داخل ٿيو. ڇئن ڏينهن تائين موُت سان جنگ جوٽڻ بعد 26 سيپٽيمبر 1965ع تي، پنهنجي وطن کان هميشهه لاءِ موڪلائي ويو. زخميل هوندي به کيس پنهنجي حياتيءَ جو ڪوبه خيال ڪونه هو. هوُ اِهوئي سوال پڇي رهيو هو ”پڇاڙيءَ ۾ مون جيڪي حملا ڪيا تنهن جو دشمن تي پورو نشانو ٿيو يا نه“. ”ها“ جواب ملڻ کان پوءِ ئي کيس چئن آيو. چيائين ”راند جي ميدان ۾ ڪڏهن کٽبو آهي ته ڪڏهن هارائبو آهي. مون کي پنهنجو ڪوبه اَرمان ڪونهي.“

ماتر ڀوميءَ جي سيوا ۾ پريم رامچنداڻيءَ پنهنجي جان جي آهوتي ڏيئي اَمر ٿي ويو.

اَسان جو ڏُلارو ديش، جنهن جا سپوت اَهڙا دلير آهن جن کي نه ڊپ نه ڊاءُ، جي سِرُ پنهنجي تِريءَ تي رکي پنهنجي مادر وطن مٿان ٻلهار ٿي سگهن ٿا، تن جي مٽي چو ڪين ماڻُ لهندي.

سنڌي جاتيءَ جو سراوچو ٽيڪو آهي ۽ اِها ساري جاتيءَ لاءِ فخر جي ڳالهه آهي. هڪ سنڌي فوجي عملدار برگيڊيئر رام ڏرمداس هيرا 1965ع ۾ هند پاڪ لڙائيءَ ۾ پنهنجي بهادري ۽ دليريءَ جو مثال پيش ڪيو. سندس همت افزائي ڪرڻ لاءِ ڀارت جي راشٽرپتيءَ وٽان 'مهاوير چڪر' جو خطاب عطا ٿيو.

برگيڊيئر هيرا 1942ع کان فوجي کيتر ۾ هو ۽ جدا جدا وقتن تي هن علحدا علحدا عهدا ماڻيا آهن ۽ هر طرح پنهنجي اَيامڪاريءَ هيٺ الڳ الڳ سونپيل جوابدارين کي منهن ڏيئي، سر اَنجاميءَ سان پنهنجو فرض پورو ڪيو.

ميءِ 1942ع ۾ بلوچ ريجمينٽ ۾ گهڙي فوجي کيتر ۾ سڄاڳ سپاهي ٿي رهيو. 1947ع جي نومبر مهيني ۾ کيس گورکا رائيفل ڏانهن بدلي ڪيو ويو. اُلهندي ڪمانڊ جي هيڊ ڪوارٽر ۾ کيس رکيو ويو. هيءَ ڪمانڊ نئون هو ۽ ڪشمير کي حملي کان بچائڻ لاءِ تيار ڪيو ويو هو. 1948ع جي جنگ بنديءَ کان پوءِ کيس ڪڇ طرف موڪليو ويو. اُتي به هُن تمام سٺو ڪم ڪيو.

اَسان سنڌين کي هميشهه اَهڙن وير سپوتن تي ناز رهندو.

اَسان جا پيا بہ ڪيترا جوڌا جوان آهن جن پنهنجون سيوائون ديش کي اَرپڻ ڪيون آهن.

شري پهلاجاڻي (جنهن ڪڇ جي سرحد تي پاڪستان کان مليل اَميريڪي ٽئنڪن جا فوٽا ڪڍيا) بدين جي راڊر ٽوڙڻ لاءِ شري لال سدارنگاڻي لاپتا رهيو. شري چڳاڻيءَ جو نالو بہ ديش جي دليرن ۾ ورتو ويندو آهي. ائڊمرل راڌاڪرشن هريرام ٿهلياڻي سنڌين جو اَنمول رتن آهي. جنهن کي 1 ڊسمبر 1984ع تي ڀارتيہ بحري لشڪر جو اوچي ۾ اوچو پد چيف آف نيول اسٽاف سان نوازيو ويو. هاڻي بہ ڪيترا سنڌي اَلڳہ اَلڳہ لشڪرن ۾ سرگرم ڪاريرت رهي پنهنجو سيوائون ديش کي ڏيئي رهيا آهن. اُنهن بهادر سپاهين تي سنڌي جاتيءَ کي فخر آهي.

ڀارت جي سورهيہ سنتان
جيسين تنهنجي جان ۾ جان
هند جو اوچو رهندو شان
تون ئي ڀارت جو ڀڳوان

## نوان لفظ

هلان = ڪاهہ  بري = زمين تي  بحري = پاڻي تي

## اَڀياس

**سوال.1. هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو.**

1) ڪير ڀارت جو سنمان بڻيو؟
2) پريم رامچنداڻي ڪير هو؟
3) ڪنهن کي مهاوير چڪر سان نوازيو ويو؟
4) برگيڊيئر هيرا ڪڏهن کان فوجي ڪيتر ۾ هو؟

**سوال.2. هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

1) پريم رامچنداڻيءَ پاڪستان سان لڙائيءَ وقت ڪهڙو جلوو ڏيکاريو؟
2) برگيڊيئر هيرا کي مهاوير چڪر جو خطاب ڇو ڏنو ويو؟

**سوال.3. هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

1. نئون  2. چست  3. آزاد  4. هيٺ

# پورڪ اَڀياس

**1. تڪرتي عملي ڪم**

اَسان جا سنڌي بہ ..................... لڙائي جي ميدان ۾ ٽپي پيا.

**i) مُناسب نالا لکو.**

| | | |
|---|---|---|
| آزاديءَ ڪان اَڳہ | = | هيمو ڪالاڻي |
| آزاديءَ ڪان پوءِ | = | |
| | = | |

**ii) ذيل مثال موجب چوڪنڊا پوُرا ڪريو.**




**iii) خاڪو پورو ڪريو.**



iv) ڏنل هدايت موجب جملا بدلايو.

1. اُمنگ ۽ اُتساھ سان حملي جو جواب ڏيڻ لڳا. (حملي بدران ٻيو لفظ ڪم آڻيو.)

2. پنهنجي قربانيءَ جي سرهاڻ سان ڀارت کي مهڪائي ويا. (سرهاڻ بدران ٻيو لفظ ڪم آڻيو.)

3. <u>پريم رامچنداڻي</u> هڪ هوشيار دلبر هوا باز هو. (سوال تيار ڪريو جيئن ليڪ ڏنل لفظ جواب بڻجي.)

4. ديش جي رکشا لاءِ هزارين سئنڪ جنگ جي ميدان ۾ جنبجي ويا. (جملي ۾ 'ٽپي پيا' ڪم آڻيو.)

## وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪريو

www.en.m.wikipedia.org.somnathsharma

## خاص ڄاڻ

سئنا ۾ بهادري ڏيکاريندڙن لاءِ سرڪار پاران اَوارڊ هيٺ سلسلي ۾ ڏجن ٿا.




1. اَشوڪ چڪر
2. ڪيرتي چڪر
3. مهاوير چڪر
4. پرم وير چڪر
5. شوريہ چڪر
6. وير چڪر



ڀارت جي وڏي ۾ وڏي ملٽري اِنعام 'پرم وير چڪر' حاصل ڪندڙ پهريون فوجي ''ميجر سومناٿ شرما'' هو.

ميجر سومناٿ شرما بابت وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪريو.

## پاڙ ڪريان - پاڙ سڪان

(1) هيٺيون چوڻيون / پهاڪا پورا ڪريو.

i) اُهو سون ئي گهوريو ......................

ii) يڪ تندرستي ........................

iii) وقت چوي ..........................

iv) قرض ........................

v) ڪر شيوا ...........................

(2) اَڄ ڪلهه شهرن ۾ ٻڍا آشرم وڌي رهيا آهن. توهان جو اِن بابت رايو ڪهڙو آهي؟
(ٻڍا آشرم هئڻ گهرجن يا نه؟ ڇو؟)

(3) ٻڍا آشرم ۾ ڪيل دؤري بابت اَحوال لکو.

(4) توهان جي اِسڪول جي لئبرريءَ مان توهان ڪهڙا ڪهڙا ڪتاب پڙهيا آهن؟

پڙهيل ڪتابن مان ڪوبہ قصو / گهٽنا / جيوني / ڪويتا / گيت جيڪو توهان کي وڻيو هجي اُهو ڪلاس ۾ سيني اَڳيان اَچي ٻڌايو.

(5) ’موبائيل وردان يا سراپ‘ اِن وشيہ تي مضمون لکو.

(6) توهان پنهنجي اِسڪول ۾ 15 آگسٽ آزاديءَ جو ڏينهن ملهايو. اُن جو اَحوال لکو.

(7) ٽڪر پڙهي پنهنجن لفظن ۾ تاتپرج لکو.

پريم هڪ مقناطيسي ڇڪ يا سچي سڪ جو سلو آهي ۽ هرهڪ اِنسان جو فرض آهي اِنهيءَ کي وڌائي وڻ ڪري. قرب ڪرڻ سان قرب وڌي ٿو. مثال مشهور آهي تہ ”گهر تہ گهرانءِ“ تون مونکي پيار ڪندين تہ منهنجي دل پاڻمرادو توڏانهن ڇڪجندي.“ اِئين پاڻ ۾ پيار وڌندو ۽ هڪ ٻئي سان گڏجڻ ۾ آنند بہ پراپت ٿيندو. پر پريم جي مکيہ خاصيت يا خاص ڳالهہ هيءَ آهي تہ جنهن کي پريم آهي تنهن کي پنهنجو پاڻ وسريو وڃي. جنهن ڪري خودغرضي يا خود مطلبي هُنجي اَندر مان اِنهيءَ دم اُڏاميو وڃي ۽ خود قرباني اُنجي جاءِ والاري ٿي. مثال ’ماءُ‘ جو ٻار تي قرب آهي تہ ڏسو ڪيئن نہ سڀ ڪا شيءِ پنهنجي پيٽ مان ڪڍي بہ ٻار کي ڏئي ٿي ۽ هُن تان قربان وڃي ٿي. جن جي پنهنجي ملڪ سان محبت آهي سي پنهنجي ملڪ خاطر قسمين قسمين سوُر سختيون سهن ٿا.ڪيترا پنهنجو سِرُ ڏيئي شهيد ٿيا آهن اِها شهادت بہ محبت جو هڪ لڇڻ آهي. اِن ڪري چئبو تہ جنهن وٽ پريم آهي تنهن وٽ سڀ لڇڻ موجوُد آهن.

✦✦✦

# نظم

# 1. گِيتُ

ڊاڪٽر هرومل ايسرداس سدارنگاڻي ’خادم‘ (1993 - 1913) سنڌي ۽ فارسي جو مقبول اديب هو. نثر چاهي نظم تي ڪاميابيءَ سان قلم هلايو. هن کي ’چيخ‘ ڪويتا سنگرهه تي ساهتيہ اڪادميءَ جو انعام مليل چڪو آهي.

هن گيت ۾ ايشور کي پنهنجي جيون جي ٻيڙي پار اُڪارڻ لاءِ وينتي ڪئي آهي.

ٻيڙي پار اُڪار، سُڪاني! ٻيڙي پارِ اُڪار.
پِيَوَ ساگر جي گهراين مان، ٻيڙي پارِ اُڪار سُڪاني!

دل جي ڏُنگي لُڏي لهرن ۾؛
جاڻ اِجهو ٿي ٻُڏي لهرن ۾،
اَڻَ تارونءَ کي تارِ، سُڪاني! ٻيڙي پارِ اُڪارِ.

بارُ بَدين جو هليسِ کڻي مان؛
ٿڪجي پيس بس چَپو هلڻ سان،
هٿ ڏيئي ڪَرِ پارِ، سُڪاني! ٻيڙي پارِ اُڪارِ.

پاڻيءَ جي اَچ ئي اَچَ سامهون؛
واڳهو ڪُڇُ، مانگر مَڇَ سامهو،
سامهون سَوَ سيسار، سُڪاني! ٻيڙي پارِ اُڪارِ.

وِيرَ وڏي، طوفان تکيرو؛
ڪُنن ڪيو ڪِشتيءَ کي گهيرو،
آيل آفت ٽارِ، سُڪاني! ٻيڙي پارِ اُڪارِ.



## نوان لفظ

اُڪارِ = پهچاءِ
بدين = خرابين
سيسار = هڪ دريائي جانور
ڪشتي = ٻيڙي

سُڪاني = ملاح
ڇِپو = ونجهه
وير = لهر
آفت = مصيبت

ڏُنگي = ٻيڙي
مانگر مَڇ = واڳو
ڪُن = گرداب، ڀَمُر

## اَڀياس

**سوال.1. هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو.**

1) شاعر سُڪانيءَ کي ڪِٿان ٻيڙي اُڪارڻ لاءِ چوي ٿو؟
2) دِل جي ڏُنگيءَ بابت ڇا چيل آهي؟
3) مسافر ڇپو هلڻ سان ڇو تڪجي پوي ٿو؟
4) ٽِن دريائي جانورن جا نالا لکو.

**سوال.2. هيٺين سوالن جا جواب تورِي ۾ لکو.**

1) ڪهڙي آفت تارڻ لاءِ مسافر ٻاڏائي ٿو؟
2) هن گيت جو سارُ پنجن جُملن ۾ لکو.

**سوال.3. بيت جي آڌار تي سِٽون پوريون ڪريو.**

1) دِل جي ڏُنگي ................ ٻُڏي لهرن ۾.
2) پاٽيءَ جي ................ مانگر مڇ سامهون.
3) وير وڏي ................ کي گهيرو.

## پورڪ اَڀياس

**(1) شعر-بند تي عملي ڪم.**

ٻيڙي پار اُڪار ................ هٿ ڏيئي ڪر پار سڪاني! ٻيڙي پار اُڪار.

**1) گولن ۾ مناسب لفظ ڳولهي پريو.**

(i) مان تري نٿو سگهان.
(ii) مان ٻيڙي آهيان.
(iii) مان ٻيڙي هلائيندڙ آهيان.
(iv) مان بوجهه آهيان.

**2) هيٺ ڏنل سٽن جو نثري روپ لکو.**

(i) بارُ بدين جو هليس ڪٽي مان.
(ii) جاڻ اِجهو تي ٻُڏي لهرن ۾.

**3) مناسب لفظ چونڊي خال پريو.**

(i) هي ايشور سنسار روپي ساگر جي ............ مان مونکي ٻاهر ڪڍ.
(ii) منهنجي دل جي ٻيڙي ............ ۾ لڏي رهي آهي.

**4) ”بار بدين جو هليس ڪٽي مان“ سٽ جي سمجهاڻي ڏيو.**

✦✦✦

# 2. سامي ءَ جا سَلوڪ

سامي چيئنراءِ لنڊ جو جنم شڪارپور سنڌ ۾ سن 1843ع ۾ ٿيو ۽ 107 ورهين ۾ سنساري چولو ڇڏيائين. (”سامي ءَ جا سلوڪ“ پستڪ، سنڌين جو اَملھ آتمڪ خزانو آهي.)

1) ڪنهن ڪان ڪين لهي، اوديا ڪُلفُ اندر جو،
توڙي تيرٿ تپ ڪري، ڏُکُ سُکُ سپ سهي،
تياڳ ڪري گهر ٻار جو، غفا منجھ رهي،
ساڌوءَ سرن پئي، تہ سکي ٿئي ’سامي‘ چئي.

2) هيرو جنم نہ هارِ، موُرَکَ جيءَ مَرَحَ ري،
تو چار وڃائين نِنڊ ۾، ڪوڙ ڪپٽ ۾ چارِ،
ڏس ڪال قهار کي، رُئنديں زارون زارِ،
ساجُھَر سارِ سنپار، سامي چئي ساڌ سنگہ.

3) ڪري پاو پڳتي، ’سامي‘ تُرُ سنسار تون،
ٻيڙي ڪَرِ ويساھ جي، چپو محبت مَتِ،
ستگر پُرکُ ملاح ڪَرِ، پَتَڻُ ڪَڍُ ڪُمَتِ،
ساڪي جاڻي سَتِ، تہ پَهچين پار پرم ڪوُن.

## نوان لفظ

جهاتي پائي = ويچار ڪرڻ
ساڪ = ساراهہ
پاڪُ = پوتر
ساجهر = سويل

# اَڀياس

سوال.1. هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو.

1) سُکي رهڻ لاءِ ’سامي‘ صاحب ڪهڙي راهه ٻڌائي آهي؟
2) اِنساني زندگي ڪيئن ٿو وڃائي؟
3) ’سامي‘ صاحب سنسار مان ترڻ لاءِ ڪهڙي ٻيڙي ۾ وِهَڻ لاءِ چوي ٿو؟

سوال.2. هيٺين سوالن جا جواب توري ۾ لکو.

1) اوديا کي ختم ڪرڻ جو ’سامي‘ صاحب ڪهڙو اُپاءُ ٻڌايو آهي؟
2) ڪال جي ڦهار کان بچڻ لاءِ ’سامي‘ صاحب ڪهڙي صلاح ڏني آهي؟
3) ’سامي‘ صاحب سنسار مان پار پهچڻ جو ڪهڙو رستو ٻڌايو آهي؟

سوال.3. خال ڀريو.

1) توڙي .......... تپ ڪري دُک سُک سڀ سهي.
2) ڏسي ڪال ............ کي، رُئندين زارون زار.
3) سنگر پُرک ............ ڪر، پَتَڻُ ڪَڍُ ڪُمَتِ.

سوال.4. بيت جي آڌار تي سِٽون پوريون ڪريو.

1) تياڳ ڪري .......................... سامي چئي.
2) هيرو جنم نه .............................. ۾ چار.
3) ڪري ڀاو ڀڳتي ..................... محبت مَتِ.

# پورڪ اَڀياس

(1) شعر - بند تي عملي ڪم.

هيرو جنم ............... نرمل نارائڻ جو.

1) بيت مان هيٺ ڏنل سٽن سان لاڳاپو رکندڙ سٽون ڳولهي لکو.

1. زندگيءَ جا سڀ ڏينهن تون،
اَجايو وڃائي رهيو آهين.
2. اُهي، جيڪي ايشور جي پوتر،
پريم ۾ لنو لڳائي ويٺا آهن.

2) ”ڏسي ڪال ڦهار کي رُئندين زارون زار“ اِنهن سٽن کي پنهنجي لفظن ۾ سمجهايو.

3) هم آوازي لفظ پورا ڪريو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| زار | سار | | چار |
| ري | | ڪري | پري |

4) بيت جون ڪهڙيون سٽون توهانکي وڻيون ۽ ڇو؟

✦

✦✦

# 3. اَگربَتِي

شري واسديو وينسيمل سِڌناڻي ’موهي‘ تخلص سان بطور شاعر، اديب، نقاد، ڪوجنيڪ هند، سنڌ ۾ هاڪارو آهي. سندس جنم ميرپور خاص (سنڌ) ۾ سنہ 1944ع تي ٿيو.

’اگربتي‘ نئين ڪوتا ۾ شاعر ٻڌائڻ چاهيو تہ جيڪو چُلهہ تي سو دِلِ تي‘ دنيا جو دستور آهي.



سڄي چمار
ڪنهن سيٺ جي دفتر ۾
بابو هو
گهڻو ڪري ساڳين
پر ڏوتل ڪپڙن ۾
پوري نوين
ٻجي
ڪم تي ويندو هو    آرتوار سميت
ٻڌم
پٽ کي پاڙهيائين
ڌيءُ کي اُڪلايائين
جال کي ڏاڍو پانيائين
پاڙي اوڙي سان بہ
اؤکي سؤکي ۾ گڏ رهيو

جنهن ٻڌو    سيسارو پريو
ڪلهہ ڪنيائونس

اڄ، پوڄا جي ٿالهيءَ مان
اگربتيءَ جي رک
ڦتي ڪري
جال
ٿالهي ڌوئي رکي.

## نوان لفظ

| | | |
|---|---|---|
| ڄمار = عُمر | دفتر = آفيس | اُڪلائڻ = شادي ڪرائڻ |
| جال = زال | اؤکي سؤکي = ڏُک سُک ۾ | سيسارو پيرڻ = ڏک ظاهر ڪرڻ |

## اَڀياس

**سوال.1. هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو.**

(i) باپو ڇا ڪندو هو؟

(ii) بابي کهڙيون جوابداريون نڀاهيون؟

(iii) سرڳواس ٿيڻ تي کهڙو رد عمل ٿيو؟

**سوال.2. (i) شاعر ’اَگربتيءَ جي رک ڦٽي ڪري، جال ٿالهي ڌوئي رکي‘ ست ۾ ڇا سمجهائڻ چاهي ٿو؟**
**(ii) ڪوتا جو سارُ لکو.**

**سوال.3. خال ڀريو.**

1) .............. کي اُڪلايائين.

2) پاڙي ............ سان ٻه.

3) جال کي ڏاڍو ...........

**سوال.4. (i) بيت جي آڌار تي ’پ‘ سان شروع ٿيندڙ ٻه لفظ لکو.**
**(ii) هم آوازي لفظ ڳولهي لکو.**
**پاڙهيائين، اؤکي**

## پورڪ اَڀياس

**(1) بيت جي سٽن تي عملي ڪم ڪريو.**

**1) هرڪنهن سوال جا جواب ٻن لفظن ۾ لکو.**

| | | |
|---|---|---|
| (i) ٻه رشتا - | | |
| (ii) وقت سان لاڳاپو رکندڙ - | | |
| (iii) پوڃا سان لڳاپو رکندڙ - | | |
| (iv) ’ڪالهه گذاري ويو‘ تعلق رکندڙ ست - | | |

**2) اسان کي پاڙي اوڙي سان ڪيئن هلڻ گهرجي؟ اِن بابت چار جوابداريون لکو.**

3) مثال سمجهي چوکنڊا ڀريو.




## پاڙ ڪريان پاڙ سڪان

(1) هيٺيان چوکنڊا پورا ڪريو.









# 4. ترائيل

شري هريڪانت روپچند جيتواڻي (1994 - 1935) برک اديب، ساهتيه جي ٽن شاخن ڪويتا، ڪهاڻي ۽ ناٽڪ ۾ خاص چاهه رکندڙ هو. سنڌي ۾ ترائيل جو پهريون ڪتاب 'پرهه ڪان پهرين' هن صاحب جو لکيل آهي.

هن ترائيل ۾ جيون بابت سکيا ۽ آشا ظاهر ڪئي آهي.

(1)

غَمُ نه ڪَرِ چاڻُ نئون صبح اَچڻ وارو آ؛
ڏِسُ ته آڪاش ۾ مُرڪي پيو وِهائو تارو،
رات جو راڄ هميشهه نه رهڻ وارو آ،
غم نه ڪر چاڻ نئون صبح اَچڻ وارو آ.
ڏس اُفق ڏانهن نئون ديپ جلڻ وارو آ؛
ڪِنَ به ٽڪندو نه اڳيان اُن جي انڌيرو سارو،
غم نه ڪر چاڻ نئون صبح اَچڻ وارو آ؛
ڏس ته آڪاش ۾ مُرڪي پيو وهائو تارو.

(2)

جيڏيون پيڙائون تو ڏين، اوڏي سهن شڪتي ڏي؛
تو ۾ آهيم جو وشواس، وڃائي نه وِهان.
يا ته دُک مان به وٺان لُطف، اها مستي ڏي؛
جيڏيون پيڙائون تو ڏين، اوڏي سهن شڪتي ڏي.
ظلم سان شرط پڇاڻ جي مونکي هستي ڏي؛
هيل تائين نه جُهڪيل سِرُ مان جُهڪائي نه وِهان،
جيڏيون پيڙائون تو ڏين، اوڏي سهن شڪتي ڏي؛
تو ۾ آهيم جو وشواس، وڃائي نه وِهان.

## نوان لفظ

اُفق = خيالي ليڪ جتي اُڀ ۽ ڌرتي ملندا نظر اَچن

مُرڪي = مُشڪي | وشواس = ڀروسو | شرط پُڄائڻ = مُقابلو ڪرڻ
ڀيڙائون = تڪليفون | وِهائو = صبح وارو تارو ، باڪ |

# اَڀياس

**سوال.1. هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو.**

(i) اَسُر ويل آڪاش ۾ ڪير مُرڪندو آهي؟
(ii) رات جي راڄ بابت شاعر ڇا ٿو چوي؟
(iii) شاعر پرماتما ڪان ڇا ٿو گهري؟
(iv) ظلم سان شرط پڄائڻ لاءِ ڇا گهرجي؟

**سوال.2. هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

1) پهرئين ترائيل ۾ شاعر ڇا فرمايو آهي؟
2) ٻِئين ترائيل جو سارُ پنجن جملن ۾ لکو.

**سوال.3. بيت جي آڌار تي خال ڀريو.**

1) ڪِن بہ ٽڪندو نہ اڳيان اُن جي ............. سارو.
2) غم نہ ڪر جاڳ نئون ............ اڇڻ وارو آ.
3) يا تہ ڏُک مان بہ وڌان لطف اِها ............... ڏي.
4) تو ۾ آهيم جو ................ وڃائي نہ وهان.

**سوال.4. سٽون پوريون ڪريو.**

1) غم نہ ڪر .............. وِهائو تارو.
2) ڏس اُفق ڏانهن ................ انڌيرو سارو.
3) جيڏيون ڀيڙائون ............. وڃائي نہ وهان.
4) ظلم سان ................ جهڪائي نہ وِهان.

# پورڪ اَڀياس

**(1) شعر - بند تي عملي ڪم.**

غم نہ ڪر .............. وِهائو تارو.

1) رنگين زباني سمجهايو.
(i) رات جو راڄ هميشہ نہ رهڻ وارو آ.
(ii) ڏس اُفق ڏانهن.

2) جوڙا ملايو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1) | غم نہ ڪر | .1 | صبح وارو تارو |
| 2) | ديپ | .2 | آسمان |
| 3) | وِهائو تارو | .3 | چنتا نہ ڪر |
| 4) | آڪاش | .4 | ڏيئو |

3) مثال سمجهي چوڪندا پورا ڪريو.

| | | |
|---|---|---|
| پيڙائون | - | سهن شڪتي |
| ڏُک | - | |
| ظلم | - | |

4) ”هيل تائين نہ جهڪيل سِرُ مان جُهڪائي نہ وهان. ست جي سمجهاڻي ڏيو.
5) هن بيت جون ڪهڙيون چار سٽون توهان کي وڻيون ٿيون ۽ ڇو؟

## خاص ڄاڻ



(1) تارن جي ميڙ ”آرسا مائينر“ ۾ هڪ پولرز نالي چمڪندڙ تارو هوندو آهي، جنهن کي ’پور اسٽار‘ يا ’ڌُرو تارو‘ ڪري بہ ڇئبو آهي. اِهو ڌرتيءَ جي اُتر قطب جي ويجهي ۾ ويجهو، ڇٽي طرح نظر ايندڙ تارو آهي. اِن تاري کي ’مارگ درشڪ‘ تارو چوندا آهن ڇو تہ اِهو مقرر جڳهہ تي بيٺل آهي.

(2) www.astronomy.com تي وڃو.

1. اُن ۾ هلندڙ ڏينهن جي ۽ جدا جدا تارن جي ميڙن جون شڪليون ڄاڇو لفط وٺو.
2. 21 آگسٽ 2017ع تي آمريڪا ۾ پورڻ سج گرهڻ لڳو. اِهو اَديت درشيہ ڏسو.

# 5. موبائيل

شري ڏولڻ تيرٿداس ’راهي‘ جو جنم اَجمير راجستان ۾ 06-07-1949 تي ٿيو. هيءُ صاحب تعليمي ۽ ادبي کيترن ۾ هڪ سڃاتل شخصيت آهي. سندس ڇپيل ڪتاب ’فقط پنجڪڙن جو مجموعو‘، ’اِستري تنهنجا روپ‘ وغيره تي اِنعام عطا ٿيل اَٿس.

’موبائيل‘ ڪويتا ۾ شاعر اڄ جي لوڪ پريہ اُپيوگي شيءِ موبائيل تي شخصي نفي روشني وڌي آهي.

ڪِٿ سا روح رِهاڻ؟ سيل فون ساماڻيو!

1. تارُون، چِنيوُن، سنيهڙا، هيسيل ڏِسجن هاڻ
2. پريم - گُلن مان گُم ٿيا، رنگ روپ، سُرهاڻ
3. نينهنُ نہ نيڻن ۾ رهيو، مُرڪ نڪا آلاڻ
4. قرب - کهاڻيون، ڪچهريون، ڪٿ قلبي ڪوساڻِ؟
5. نظر لڳي اَحساس کي، پئِي قرب ۾ ڪاڻِ
6. رِشتن مان رومانس ويو، نينهنَ مان وئِي نواڻِ
7. ناچ نرالا ٿِي ڪري، لڄ ۾ ڪِٿ لالاڻِ؟
8. ايم.ايس.ايس. جي آڙ ۾، ڪئن نہ مَتي ماندڻِ
9. ماءُ مُنڊل، ڊيئڙِي ڏسي ڪنوارِي جوان جماڻ
10. ويڌِيءَ تي وَرُ پيو ڪَري، وِنڙِيءَ جِي واڪاڻِ
11. ”هلو هلو“ ڪانڌِي ڪندا، سَر سان هليا مَساڻِ
12. مالهي، ڪوُلِي، ڪاسبي، ڪنهنکي بہ نہ گهٽِ چاڻِ
13. کُليو خزانو خوشين جو، خطرنِ جِي پڻ کاڻِ ....

✦✦✦

## نوان لفظ

ساماڻيو = وڏيو
قلبي = دِل جي
آڙ = اوٽ
وڙُ = ڳھوٽ
ڪاسِبي = ڪم ڪندڙ

سنيھڙا = نياپا
ڪوساڻ = گرمائش
مانڊاڻ = ڪِت پِت
وَنڙي = ڪُنوارِ
خطرن = تڪليفن

نينھنُ = پريم
لالاڻ = ڳاڙھاڻ
مُنڌل = مُنجھيل
ڪانڌي = مرڻ ڪانپوءِ ڪلھو ڏيندڙ

## اَڀياس

**سوال.1.** هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو.

(i) ڳُلن مان ڇا ڇا ڳُم ٿي ويو؟
(ii) ڪنھنکي نظر لڳي؟
(iii) مانڊاڻ ڇا ۾ مَتي؟
(iv) ماءُ ڇو مُنڌل لڳي؟

**سوال.2.** هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.

1) موبائيل سبب اڄڪلھ ڇا ڇا نہ رھيو آھي؟
2) رِشتن تي موبائيل جو ڪھڙو اَثر ٿيو آھي؟
3) شاعر ڪنھنکي ڳھت نہ ڄاڻڻ لاءِ چو چيو آھي؟

**سوال.3.** بيت جي آڌار تي سِٽون پوريون ڪريو.

1) نينھنُ نہ .................. قلبي ڪوساٽي.
2) ماءُ مُنڌل ............... جي واڪاڻ.
3) مالھي، ڪوُلي ............. جي پڻ ڪاڻ.

**سوال.4.** موبائيل مان 'فائدا ۽ نقصان' وشيہ تي ڏھ سٽون لکو.

**سوال.5.** خال ڀريو.

1) ............... مان ڳُم ٿيا، رنگہ روپ، سرھاڻ.
2) نظر لڳي ............ ڪي، پئي قرب ۾ ڪاڻ.
3) ويڏيءَ تي وَڙُ پيو ڪري، ونڙيءَ جي .............
4) ڪليو ............ خوشين جو، خطرن جي پڻ ڪاڻ.

# پورڪ اَڀياس

(1) شعر - بند تي عملي ڪم.

ايم.ايس.ايس ............. خطرن جي پڻ کاڻ.

1) هم آوازي لفظ ڳولهي لکو.

| | |
|---|---|
| | |
| | |
| | |

2) هڪ سٽ ۾ جواب ڏيو.

1. ايم.ايس.ايس جو مطلب لکو.
2. ’م‘ سان شروع ٿيندڙ لفظ لکو.
3. سٽن ۾ ڏنل پيشيورن جا نالا لکو.
4. فون تي ڳالهائڻ وقت شروعات ۾ ڪيئن ڪيڪاربو آهي؟

3) ڳُڻيو خزانو خوشين جو
خطرن جي پڻ کاڻ

شاعر موبائيل لاءِ ائين ڇو چيو آهي. سمجهايو.

(2) مثال موجب ( ✓ ) ڪم آڻيو.

| موبائيل | فائدو | نقصان |
|---|---|---|
| ديش دنيا جا سماچار ملن ٿا | ✓ | |
| ڪنن تي خراب اَثر ٿي سگهي ٿو | | |
| مٽ مائٽن ۽ دوستن سان ڪٿان به ڳالهائي سگهجي ٿو | | |
| وقت بچائي ٿو | | |
| اَکين تي خراب اَثر ٿي سگهي ٿو | | |
| جدا جدا بل ڀري سگهجن ٿا | | |
| قدرت کان پري رکي ٿو | | |

(3)’موبائيل مان فائدا ۽ نقصان‘ وشيه تي مضمون لکو.

8VIM3T

# 6. دوها

شري لڪشمڻ اَمرومل ڏُبي جو جنم 15 مارچ سنہ 1942ع تي سنڌ ۾ ٿيو. هن صاحب سنڌي ۽ هنديءَ ۾ ڪيترائي سُهڻا ڪوتا سنگرهہ ڏنا آهن. سندس ڪتابن ۾ مکيہ آهن ’اَن ئي پهر اُباڻڪو‘ ۽ ’اَجا ياد آهي‘ جنهن تي مرڪزي ساهتيہ اَڪادميءَ جو انعام مليل اَٿس. هنديءَ ۾ بہ ٽي غزل سنگرهہ ڇپيل اَٿس.

1. جنت ۾ آيو جڏهن هڪ ٻُکيو اِنسان
اچڻ سان ڳولهڻ لڳو راشن جو دوڪان

2. ڪڏهن نہ ڪنهن جي ٽوڙجنئہ تون آشا جي تار،
متان اهائي هڪ هجي دؤلت هن وٽ يار.

3. منهن تان غائب ٿي وڃي معصوُميت، مُسڪان،
ايڏا پيي ماڻهوُ ٻڻيا ڇو آهن ودوان.

4. اُڏري ويئي آڪاش ۾ وڻ تي ٻيٺل ڪونج،
لامن تي رهجي وئي هُنجي جهيڻي گونج.

5. هڙ ۾ هوندي سُکن جو پنهنجو سڀ سامان،
ٻئي جي سُک جي ساڙ ۾ ڏُکي ٻڻيو انسان.

6. آس مِٽي، چنتا لٿي، اڪڙين آيو آبُ،
اوندهہ ۾ رستو ڏنو مون هڪڙو ناياب.

7. ڪاغذ تي رهجي ويا هي سارا الفاظ،
خاموشي ويٺي اچي اورڻ مونسان راز.

## نوان لفظ

لام = شاخ
الفاظ = لفظ

جهيٽِي = ڪمزور، هلڪي
اوڙڪ = پڇاڙڪ

## اَڀياس

**سوال.1. هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو.**

1) انسان جنت ۾ ڇا ڳولهڻ لڳو؟
2) شاعر ڇا نہ توڙڻ لاءِ چوي ٿو؟
3) الفاظ ڪٿي رهجي ويا آهن؟

**سوال.2. هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

1) اڄ انسان ڏکي ڇو ٿيو آهي؟
2) اوندهہ ۾ ناياب رستو ڪيئن ڏسي سگهبو؟

**سوال.3. هيٺين ۾ خال ڀريو.**

1) متان اُهائي هڪ ھُجي .............. هن وت يار.
2) اُڏري ويئي ............ ۾ وڻ تي ٻيٺل ڪونج.
3) .......... مِٽي، چنتا لٿي، اکڙين آيو آب.

**سوال.4. هيٺيان چؤڪنڊا ڀريو.**

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| تار | | | | |
| يار | | | | |

**سوال.5. هيٺين لفظن جا ساڳيءَ معنيٰ وارا لفظ لکو.**

| | | |
|---|---|---|
| آڪاش | | |
| لام | | |
| آب | | |
| آس | | |
| اکڙيون | | |
| ناياب | | |

# پورڪ اَڀياس

**(1) شعر - بند تي عملي ڪم**

هڙ ۾ هوندي ............ مون سان راز

**1) هيٺ ڏنل چوڪنڊي مان مناسب لفظ ڳولهي خال ڀريو.**

سامان، آب

راز، ڪاغذ، الفاظ

دکي

(i) ٻين جا دک ڏسي منھنجي اکين مان .......... وهي آيو.

(ii) زندگي ۾ هڪ ............... آهي، اُن ئي جيتيو، جنهن اِهو سمجهيو.

(iii) ڪوشش ڪري، مسافريءَ ۾ گهٽ .............. کڻجي.

(iv) ڪاٺ جي ڳيپ مان ............ تاهيو ويندو آهي.

**2) هڪ لفظ ۾ جواب لکو.**

1) رستو بيان ڪندڙ - ........................

2) حال اوريندڙ - ........................

3) حسد - ........................

4) لفظ جو جمع - ........................

**(2) توهان کي ڪهڙو دوهو وڻيو ۽ ڇو؟**

**(3) هينيان چوڪنڊا ڀريو.**

ڪاغذ جو اُپيوگ

# 7. ناري وِديا

ڪوي ڪشنچند تيرٿداس کتري ’بيوس‘ جو جنم سنہ 1885ع سنڌ جي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو ۽ اُتي ئي سنہ 1947ع ۾ ديھہ تياڳيائين. ’شعر بيوس‘، ’شيرين ۽ شعر‘ ۽ ’سڌ پراڏو ساڳيو‘ سندس مشهور ڪتاب آهن. هن درسي شاعر جي صحبت ۾ ڪيترائي مشهور شاعر فيضياب ٿيا. ’بيوس‘ جون ٻال رچنائون لوڪپريہ آهن. هن بيت ۾ شاعر ناري وديا بابت وستار سان ڄاڻ ڏني آهي.

پنگتي قومي سڌارو عورتن اختيار آ،
پيڙهہ پختي جنهن عمارت جي نہ، سا بيڪار آ

1. ٻن پرن سان ئي پکي پرواز تو پورو ڪري،
هڪ پرو هرگز اُڏامي ڪين، جو لاچار آ.

2. اڌرنگي انسان، زنده جنهنجو اڌ رُڳو،
ڪِئن ترقي ۽ تي رسي، تي اڌ بٽيو لاچار آ.

3. مرد عالم سان نہ هرگز اڻ پڙهيل عورت سُنهين،
ميل ملندو ڪين، ليڪن باعث تڪرار آ.

4. استري وديا سبب ڇا ڇا قديمي شان هو،
هاڻ اوديا جي ڪري ڪيڏو متو انڌڪار آ.

5. اڄ بہ ڪنهن دنيا جي سڌريل ملڪ کي جاچي ڏسو،
هر تحرڪ ۾ پڙهيل زالن ڪنيو ڇا بار آهہ!

6. رسم بد جي پاڙ کي ناري وديا ڏيندي پٽي،
علم ري ’بيوس‘ سڌارو ڪوبہ ٿيڻ ڏُشوار آ.



## نوان لفظ

پيڙهه = بنياد | پرواز = اُڏام | ڏُشوار = مُشڪل

## اَڀياس

**سوال.1. هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن سٽن ۾ لکو.**

1) ڪهڙي عمارت بيڪار آهي؟
2) پڙهيل مرد سان ڪير نہ سُهندو؟
3) ناري وديا ڇا جي پاڙ پٽيندي؟

**سوال.2. هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

1) هڪ-پري پڪيءَ ۽ ناري وديا جي ڀيٽ ڪيئن ڪئي ويئي آهي؟
2) اڌرنگي انسان جي مشابهت ناري وديا سان ڪيئن ڪيل آهي؟

**سوال.3. هيٺين لفظن جا ساڳي معنيٰ وارا لفظ بيت مان ڳولهيو.**

| | |
|---|---|
| مضبوُط | |
| بهبوُدي | |
| جهوُنو | |
| هلچل | |

## پورڪ اَڀياس

**(1) شعر بند تي عملي ڪم.**

اَڄ بہ ڪنهن دنيا جي سڌريل ............. ڏشوار آهه.

**(i) هڪ لفظ ۾ جواب ڏيو.**

1) وقت سان لاڳاپو رکندڙ لفظ -
2) ’’آسان‘‘ جو ضد =
3) ترقي ڪيل معنيٰ =
4) ’’سنسار‘‘ جو ساڳئي معنيٰ وارو لفظ

**(ii) اَکرن جو مناسب سلسلو ڳاهي لفظ لکو.**

1) ر، پ، ل، س، ڏ
2) ڪ، ر، ت، ح
3) ش، وا، د، ر
4) د، يا، و

**(2) رسم بد جي پاڙ ڪي**

**ناري وديا ڏيندي پٽي**

ناري وديا سماج مان ڪهڙيون غلط رسمون پٽي سگهي ٿي، اهڙين رسمن جو ذڪر ڪريو.

## خاص ڄاڻ

’پرش کي تعليم ڏيڻ سان هڪ ماڻهوءَ کي تعليم ڏجي ٿي پر ناريءَ کي تعليم ڏيڻ سان سڄي پريوار کي تعليم ڏجي ٿي.

## ناري وديا اِتهاس

قديم زماني جي ويدن واري يگ ۾ ناري وديا کي همٿايو ويو. اُن وقت سماج ۾ عورتن جو اِسٿان اوچو هو. مرد عورتن جا حق سمان هئا. اِن يگ جي ٿي دين ”شڪتي“ لفظ آهي. اَڄ بہ ڀارت ۾ سرسوتي ماتا کي وديا ديوي ڪري مڃيو ويندو آهي. مهانرواڻ تنتر موجب ”ٻالڪا جي پڻ سني پالنا هئڻ گهرجي ۽ کيس تمام سني سنڀال سان تعليم ڏيڻ گهرجي. اُن وقت عورتن کي جٽيا پائڻ جي بہ آزادي هئي. اُن عرصي ۾ وئڪ، اَميرني، روماسا، گارگي، ڪونا جهڙين ودوان اِسترين جو ذڪر ٿيل آهي. جيڪي اِسترين ودين جو اَڀياس ڪنديون هيون، اُنهن کي ”برهم وئديتي“ چئبو هو.

برٽش راڄ ۾ سن 1821ع ۾ ڀهريون ڪنيا بوردنگ اِسڪول ڏکڻ ڀارت جي ترونيلويلي“ ۾ برپا ڪيو ويو. اِسڪاٽش چرچ سوسائٽي طرفان 6 اسڪول شروع ڪيا ويا جن ۾ اٽڪل 200 ڇوڪريون داخل ٿيون. سن 1882ع ۾ ڇوڪرين جو پڙهائي سيڪڙو 0.2% هو جيڪو سن 1947 ۾ وڌي 6% ٿيو. اولهہ ڀارت ۾ جيوتي-با-ڦلي ۽ سندس زال ساوتري ٻائي ناري وديا جو ڦهلاءُ ڪيو. جڏهن اُنهن سن 1948ع ۾ پوني ۾ ڇوڪرين لاءِ هڪ اِسڪول جي شروعات ڪئي.

سن 1878ع ۾ ڪلڪتا يونيورسٽي ڇوڪرين کي ڊگري ڪورس لاءِ داخلا ڏيڻ قبول ڪيو. اَڄ آزاد ڀارت ۾ ناري وديا همٿائڻ لاءِ سنا قدم کنيا ويا آهن. سن 2001ع کان سرو شڪشا اَڀيان شروع ڪيو ويو. ناري وديا وڌائڻ ۾ ڪيترييون سرڪاري يوجنائون آهن.

- مهلا سمکيا پروگرام : اِها سرڪاري يوجنا سن 1988ع ۾ شروع ٿي، جُونِن ۾ رهندڙ پنتي ڀيل عورتن جو سشڪتيڪرڻ اِن جو مقصد آهي.
- ڪستوربا گانڌي ٻالڪا وديالي اِسڪيم (KGBV) : اِن يوجنا جي شروعات جولاءِ 2004ع کان ٿي. هر ٻالڪا کي بنيادي تعليم جون سهوليتون ڏيڻ اِن جو مقصد آهي. اِها يوجنا خاص ڪري غريب ڇوڪرين لاءِ آهي. اِنهن اِسڪولن ۾ پنتي ڀيل جاتين لاءِ 75% ۽ غريبي ريکا کان هيٺ **(Below poverty line)** لاءِ 25% معفوظ آهي.
- نئشنل پروگرام فار ايڊيوڪيشن آف گرلس ائٽ ايليمينٽري ليول **(NPEGEL)** : اِن يوجنا موجب نوان ماڊل اِسڪول شروع ڪيا ويا. جن ۾ ڇوڪرين لاءِ بهتر تعليمي سهوليتون ميسر ڪيون ويون. اڄ اِها يوجنا 24 راڄين ۾ هلي رهي آهي. سن 2013ع ۾ ناري وديا ۾ هڪ ڪاميابيءَ جي خبر آهي جو **IIT (Indian Institute of Technology)** جي داخلا اِمتحان ۾ سبالا لينا ماڏوري ۽ اديتي لامدا ڇوڪرين ڀهرين ٽاپ ڏهن ۾ اَچي ڀاڻ موکيو.

**https//en.m.wikipedia.org/wiki/female-education** تان ورتل.

✦✦✦

# 8. سچل جو ڪَلامُ

سچل سائين (1739ع - 1829ع) جو اصل نالو عبدالوهاب هئو. هن جو جنم خيرپور رياست جي ڳوٺ درازن ۾ ٿيو. هڪ دفعي شاه عبداللطيف جو درازن ۾ اچڻ ٿيو، تہ هُن اُن بانبڙا پائيندڙ ٻار کي ڏسندي ئي چيو تہ ”اسان جيڪو ڪُنو چاڙهيو آهي، اُن جو ڍڪڻ هيءُ نينگر لاهيندو.“

محبوب ڳولي ڏِسُ مَن ۾

1. بي فائدو بازار گھمين ٿو،
گُل ڦُل باغ بدن ۾،
محبوب ڳولي ڏِسُ مَن ۾.

2. چوريءَ چوريءَ سَئرُ ڪري ٿو،
تنهنجو چاند چَمَن ۾،
محبوب ڳولي ڏِسُ مَن ۾.

3. سَرسُ ڪري سينگار سَڄڻُ اَچُ،
دوست آيو درسن ۾،
محبوب ڳولي ڏِسُ مَن ۾.

4. دلبر ديرو دائم دِلِ ۾،
چو ديکين ٻئي درپن ۾،
محبوب ڳولي ڏِسُ مَن ۾.

5. سچل سائين سَچي ڪري جاتُم،
يارُ ڳڏيو ڪَکَ پَنَ ۾،
محبوب ڳولي ڏِسُ مَن ۾.

## نوان لفظ

محبوُب = پريتم
سَرسُ = وڌيڪ
دائم = پَڪو

سَئرُ = سفر
درسن = نظر
ديکين = ڏِسين

چمن = بغيچو
ديرو = آستان
درپن = آئينو

# اَڀياس

سوال.1. هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو.

1) شاعر محبوب کي ڪٿي ڳولهڻ لاءِ چوي ٿو؟
2) چوريءَ چوريءَ ڪير ٿو سئر ڪري؟
3) دلبر جو دائم ديرو ڪٿي آهي؟
4) سچل سائينءَ کي پريتم ڪٿي ڳڏيو؟

سوال.2. هيٺين سوالن جا جواب توري ۾ لکو.

1) محبوب کي ڳولهڻ بابت شاعر ڇا چيو آهي؟
2) دوست درسن ۾ ڪيئن نظر آيو؟
3) سچل سائينءَ هِن ڪلام ۾ ڪهڙو نياپو ڏنو آهي؟

سوال.3. بيت جي آڌار تي سِٽون پوريون ڪريو.

1) بي فائدو .......................... بدن ۾.
2) سرس ڪري ......................... درسن ۾.
3) سچل .......................... کَڪ پَن ۾.

سوال.4. خال ڀريو.

1) چوريءَ چوريءَ .................. ڪري ٿو.
2) ................. ڪري سينگار سجڻ اَچ.
3) دلبر ديرو ................... دِل ۾.
4) چو ................. ٻئي درپن ۾.

# پورڪ اَڀياس

(1) شعر - بند تي عملي ڪم.

چوري چوري سئر ................ چو ديکين ٻئي درپن ۾.

1) رنگين زباني سمجهايو.
   (i) تنهنجو چاند چمن ۾
   (ii) دوست آيو درسن ۾

2) ”محبوب ڳولهي ڏس من ۾“ اِن سٽ ۾ شاعر ڪهڙو سنديش ڏنو آهي.

3) هڪ سٽ ۾ جواب لکو.
   (i) هڪ جوڙو هم آوازي لفظن جو ڳولهي لکو.
   (ii) هندي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ ٻه لفظ ڳولهي لکو.
   (iii) ’س‘ ۽ ’د‘ سان شروع ٿيندڙ ٻه - ٻه لفظ لکو.
   (iv) ڳڏ ايندڙ ساڳين لفظن جو هڪ جوڙو ڳولهي لکو.

4) خال ڀريو.
   (i) سرس ..................
   (ii) درسن ۾ ..................
   (iii) دائم ..................
   (iv) محبوب .................. ۾

# 9. او پيارا!

اَحمداباد ۾ مقيم شاعر گوبند هوتچند ريجهواڻي ’آنند‘ جو جنم گجرات جي شهر جهوناڳڙهه ۾ سنه 1954ع ۾ ٿيو. ماستري ڪندي شاعريءَ جي شغل ڏانهن رجهان رکيائين ۽ لکندو رهيو. ’منهنجا غزل‘ عنوان سان هڪ ڪتاب بہ ڇپيل اٿس.

هن ڪوتا ۾ شاعر پنهنجا ويچار سؤلي ٻوليءَ ۾ سمجهايا آهن.

ڪاوڙجُ نہ ٻُڌي، سَچُ تون پيارا!
ڍُهل پرائي نہ، نَچُ تون پيارا.

جي تون چاهين، ياري نِڀائڻ،
دُک ۾ ڊوڙي، اَچُ تون پيارا.

تپت اَچي جئن، ساري جڳ کي،
ٻارِ ڪو اَهڙو، مَچُ تون پيارا.

پاڻ وڻائڻ، چاهين پنهنجو،
تہ، اول خود کي، جَچُ تون پيارا.

چاڙهو ناهين، هر ڪيتر جو،
چاڻَ رَکين ٿو، ڳَچُ تون پيارا.

هرڪو نچائي، آڱريُن تي پيو،
ٻڻج نہ اَهڙو، ڪَچُ تون پيارا.

سچ ڪان موڙي مُنهن کي هردم،
خوابن منجهہ نہ، رَچُ تون پيارا.

مِٽ مٽ ڪري نگِن ٿا جيڪي،
تِنِ يارن کان، بَچُ تون پيارا.

## نوان لفظ

نيائڻ = پوري ڪرڻ
جَڇُ = وَڻُ
ڪَڇُ = گندُ

تَپت = گرمي
ڪيتر = ايراضي
رَڇُ = پِڇُ، رهڻ

مَڇُ = باھ
گَڇُ = ٿوري
مِنٿ مٺ ڪرڻ = خوشامد ڪرڻ

## اَڀياس

**سوال.1. هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو.**

1) سَچُ ڳڻڻ تي چا نہ ڪرڻ گهرجي؟
2) ياري ڪيئن نيائي سگهجي؟
3) پاڻ وڻائڻ لاءِ ڇا ڪجي؟
4) شاعر ڪنهن ڪان بچڻ لاءِ تاڪيد ڪئي آهي؟

**سوال.2. هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

1) شاعر پرائي ڏملي نہ نچڻ لاءِ ڇا چيو آهي؟
2) خوابن ۾ رهڻ بدران ڇا ڪرڻ گهرجي؟

**سوال.3. خال پريو.**

1) جي تون چاهين ................ نيائڻ.
2) ................ اَڇي جئڻ ساري جڳ ڪي.
3) چاڙ ناهين، هر ..................

**سوال.4. بيت جي آڌار تي سٽون پوريون ڪريو.**

1) تپت اَڇي ................. مَڇُ تون پيارا.
2) هرڪو نچائي ................. ڪَڇُ تون پيارا.
3) سچ ڪان ................. تون پيارا.

## پورڪ اَڀياس

**(1) شعر - بند تي عملي ڪم ڪريو.**

تپت اَڇي ................. ڪَڇُ تون پيارا.

1) **هيٺ ڏنل سٽن کي نثري روپ ۾ لکو.**

.1 چاڙ ناهين، هر ڪيتر جو

تپت اَڇي جئڻ، ساري جڳ ڪي.

2) **مَڇُ، جڇُ، ڳَڇُ، ڪَڇُ اِهي هم آوازي لفظ آهن. اَهڙا ٻيا لفظ ڳولهي ڪيو.**

3) **”چاڙ رکين تو، ڳَڇُ تون پيارا“ ست سمجهايو.**

4) **توهان ڇا ڪندا ...........**

.1 توهان پاڻ وڻائڻ چاهيو ٿا.

.2 ٻيا توهان کي نچائڻ چاهين ٿا.

✦✦✦

# 10. غزل

مُنھنجي جيوتِ، منھنجو ڀاڳُ،
ڀِرھہ ڦُٽيءَ جو، مارُو راڳ.

سپنن جا سُک آھن ڄامر،
آھہ حقيقت، ڏوڏو ساڳُ.

عرش تي خيالي محل اَڏيامر،
سچ آ فرش تي منھنجو ماڳ.

ڪنھن ڪنھن ويل تہ ڪلبو خوُب،
ھردمر سُھندو ڪيئن ڪِٽراڳُ.

ھردمر رھندو ڪين سرءُ،
نيٺ تہ ڦُٽندو، ايندو ڦاڳُہ.

ڪيسين رُڙھنديِن ڇڇريل راھہ،
ھاٿي اُٺ، وڏُ، ٿيءُ سُڄاڳُ.

## نوان لفظ

جيوت = زندگي
جامُ = گهڙا
خيالي = ڪالپنڪ
ڪِتراڳ = گهڻي، ڪِتِ پِتِ
سُڄاڳ = هوشيار

ڀاڳ = نصيب
حقيقت = اَصليت ۾
فرش = ڌرتي
ڦاڳ = بهارُ
مارُو راڳ = ڪنهنجي موت تي ڳائجندڙ گيت
سَرَءُ = جنهن مند ۾ وڻن جا پن ڇِڻي پوندا آهن

پرهه ڦٽي = پرڀات
عرشُ = آسمان
ويل = وَقِت
چڇريل = لتاڙيل

## اَڀياس

سوال.1. هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو.

1) سُپنن ۽ حقيقت ۾ ڪهڙو فرقُ آهي؟
2) هردم ڇا نہ سُهندو؟
3) شاعر سُڄاڳ ٿيڻ لاءِ ڇو چيو آهي؟

سوال.2. هيٺين سوالن جا جواب تورڙي ۾ لکو.

1) پنهنجي زندگيءَ بابت شاعر ڇا ٻُڌايو آهي؟
2) سَرَءُ ۽ ڦاڳ ڇئي ڇا سمجهايو ويو آهي؟
3) شاعر خيالي محل اَڏڻ سٺان چو خوش نہ آهي؟

سوال.3. خال ڀريو.

1) آهہ حقيقت ڏوڏو ..................
2) ڪنهن ڪنهن .................. تہ ڪلبو خوبُ.
3) .................... رهندو ڪين سَرَءُ.

سوال.4. بيت جي آڌار تي سِٽون پوريون ڪريو.

1) منهنجي جيوَت .................... مارُو راڳُ.
2) عرش تي ................ منهنجو ماڳُ.
3) ڪيسين رڙهندين ............. تيءُ سُڄاڳُ.

سوال.5. 'سُهندو' ۽ 'ڀاڳُ' لفظن جا هم آوازي لفظ ڳولهي لکو.

## پورڪ اَڀياس

(1) شعر - بند تي عملي ڪم.

عرش تي خيالي محل ............... ڪِتراڳُ.

1) سٽن مان مناسب لفظ ڳولهي گول ڀريو.

عرش جو ضد - ( )
وقت سان لاڳاپو رکندڙ - ( )
ڪوڙ جو ضد - ( )
خوشي ڏيکاريندڙ لفظ - ( )

2) مناسب لفظن جا جوڙا چوکنڊن ۾ پورا ڪريو.

خيالي -    ڪِتراڳ -

ڪنهن -    ماڳ -

3) ’سچ آ فرش تي منهنجو ماڳ‘ ست سمجهايو.

4) برئڪيٽ مان مناسب لفظ ڳولهي خال ڀريو.

1. منهنجو - ماڳ

منهنجو -

منهنجو -

منهنجو -

(گهرُ، ماءُ، بوتل، پيءُ، اِسڪول)

2. خيالي - محل

خيالي -

خيالي -

خيالي -

(سپنا، آڪاڻيون، پُلاءُ، ميز، سئر)

5) توهان کي بيت جون ڪهڙيون ٻہ ستون وڻيون ۽ ڇو؟

✦✦✦

C5JX4J

# 11. شاهه جا بيت

شاهه عبداللطيف ڀٽائي گهوٽ جو جنم سنه 1689ع ۾ مالا تعلقي جي ڳوٺ حالا حويليءَ ۾ ٿيو. 63 سالن جي عمر ۾ راهه رباني وٺي ويو. سندس رچيل اَمر رچنا ''شاهه جو رسالو'' آهي ۽ هي بيت اُن مان ئي کنيل آهن.

1. وڳر ڪيو وتن پرت نه ڇِنين پاڻ ۾،
ٻَسو پکيئڙن ماڻهنئان ميٺُ گهڻو.

2. پاتشاهي نه پاڙيان سرتيون سُٽيءَ ساڻ،
ڏکي اُگهاڙن کي ڪين ڏکيائين پاڻ،
ٻيهر چاچي چاڻ ابر جي اوصاف کي.

3. يار سڏائي سڀڪو، جاني زباني،
آهي آساني، ڪم پئي ٿي ڪَلَ پوي.

4. پڙهيو ٿا پڙهن ڪَڙهن ڪين قُلوُب ۾،
پاڻان ڏوهه چڙهن، جئن وَرَق وَرائين وِتَرا.

✦✦✦

## نوان لفظ

وَڳرُ = ٽولو
پِسوُ = جانور
پاتشاهي = بادشاهي
آساني = سولائي
ڪَڙهن = هنداڻ
ابر = سُئي

پِرت = پريم
ماڻهان = ماڻهن کان
پاڙيان = پيٽيان
ڪم پئي = ضرورت وقت
قُلوُب = دِل
اوصاف = گُڻ پرکيندڙ

چِنَنِ = پَچِنِ، ٽورن
ميٺ = مِناسُ، مُحبت
يارُ = دوست
ڪَل پوَڻ = ڄاڻڻ
ڏوه = گناه
جاني زباني = فقط منهن سان چوندڙ دوست

# اَڀياس

**سوال.1. هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو.**

1) شاهه صاحب پڙهڻ ۽ ڪڙهڻ لاءِ ڇا چيو آهي؟
2) پسوُن پکين ۾ ماڻهن کان وڌيڪ ميناج ڪيئن آهي؟
3) شاعر بادِشاهيءَ جي بيت سُئيءَ سان ڪيئن ڪئي آهي؟

**سوال.2. هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

1) سچي دوست لاءِ شاهه صاحب ڇا فرمايو آهي؟
2) وڌيڪ ورق ورائڻ سان ڇا ٿو ٿئي؟

**سوال.3. خال ڀريو.**

1) وڳر ڪيو وتن ................ نہ چِنن پاڻ ۾.
2) ڏيکي اُگهاڙن کي ڪين ڏيکيائين ...............
3) پڙهيو ٿا پڙهن ڪڙهن ڪين ................... ۾.

**سوال.4. بيت جي آڌار تي سِٽون پوُريون ڪريو.**

1) وڳرُ ڪيو .................. ميٺُ گھڻو.
2) پاتشاهي .................. ڏيکيائين پاڻ
3) پڙهيو ٿا .................. ورائين وِترا.

# پورڪ اَڀياس

**بيت تي عملي ڪم.**

**(1) مثال سمجهي گول پورا ڪريو.**




C5TT67

# هلکو اَپیاس

# 1. مُورتيءَ روئي ڏنو!

هند، سنڌ ۾ مقبول ليکڪا شريمتي تارا موتيرام ميرچنداڻيءَ جو جنم حيدرآباد سنڌ ۾ 6 جنوري سنہ 1930ع ۾ ٿيو. هن ليکڪا جا ڪيترائي ادبي ڪتاب مشهور آهن. کيس ڪيترائي مان-سنمان مليل آهن.

’مورتيءَ روئي ڏنو‘ ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪا مَن جي تارَ ڇيڙي پاٺڪن کي متاثر ڪيو آهي.

هوائي جهاز آسمان جي سطح تي پهچي چُڪو آهي. بادلن کان بہ مٿي مٿي ... نيلي آڪاش کي چيريندو، اُڏام پريندو پيو وڃي. سڀ مسافر بيلٽ ٿائيٽ ڪري پنهنجي پنهنجي سيٽ تي ٽائيٽا آهن. اَسين ٻئي بہ ڪا نہ ڪا مخزن پڙهڻ ۾ مصروف آهيون.

ٿوري دير ۾ ڏٺم تہ منهنجو گهوٽ جهوٽا کائي رهيو آهي. برابر هاڻي مَنجهس ايڏي سگهہ نہ رهي آهي، پر هوُ پنهنجي پريوار جي موهہ کان پاڻ کي پَلي نٿو سگهي. پنهنجي اِن موهہ جي ڄار ۾ مونکي بہ پاڻ سان ٻڌي رکيو اَٿس. مون کان سواءِ ڪٿي بہ بہ قدم اَڪيلو نٿو ڇُري. هن روز جي ڀَڄ ڀَڄ جي زندگيءَ مونکي بہ هاڻي ٿڪائي ڇڏيو آهي.

ڪڏهن ڪڏهن لڳندو اَٿم تہ مان ڇڻ ڪا اُڏاري زندگي جي رهي آهيان. مان جيئڻ ڪا ٻي زندگي چاهيندي آهيان. منهنجو مَنُ هميشہ آزاد پنڇيءَ وانگر اُڏامڻ چاهيندو آهي. نيلي نيلي آڪاش ۾ ... تارن سِتارن جي هُن پار. مونکي تلاش آهي ڪنهن اَنوکي سنسار جي. مون کي تلاش آهي اُن اَڻ ڏٺل، اَڻ ڇاڻل دنيا جي ... جتي ڪوبہ بندن نہ هجي ... جتي ڪابہ موهہ مايا جي زنجير نہ هُجي ... جتي ڪابہ چِڪتاڻ ... ڪنهن جي بہ پَڪڙ نہ هُجي!

مان هن وقت آڪاش ۾ اُڏامي رهي آهيان .... منهنجو شرير هوائي جهاز ۾ ... پر منهنجو من، ڪلپنا جي اُڙن کٽولي تي. چوطرف شانتي ئي شانتي محسوس ٿي رهي آهي. سُک ساگر جو اَحساس ٿي رهيو آهي. اِهڙي آنند سروور ۾ ٽُٻيون ڏيئي - من نِهال ٿي رهيو آهي.

اچانڪ پنهنجي هٿ مَٿان پنهنجي پَتيءَ جي هٿ جو ڇُهاءُ محسوس ڪيم. جهيڻي آواز ۾ پُڇيائين، ”ٺيڪ آهين نہ؟“

منهنجي اُڏام اُتي ئي رُڪجي ويئي. مان واپس ڌرتيءَ جي سطح تي موٽي آيس. مون ڏانهس نِهاريو. مونکي پهريون ڀيرو لڳو تہ هوُ هاڻي ڪافي وڏي عمر جو ۽ ڪمزور ٿي ويو آهي. منهنجي اکين ۾ سندس لاءِ ڪروڌ پَرجي آئي ۽ مون بہ سندس هٿ کي پُختو پڪڙي ڇڻ آٿت ڏيڻ ٿي چاهيو تہ ”مان آهيان نہ توسان.“

ٿورو وقت اَڳ منهنجي تصور ۾ ڪا ٻي دنيا هئي ۽ هينئر منهنجو تصور ايندڙ گهڙيءَ جي اِنتظار ۾ آهي. منهنجو پُٽ، نُنهن ۽ ننڍڙو ڪبير. ڪبير ڊوڙندو مون ڏانهن پنهنجون ننڍڙيون ٻانهون ڦهلائيندو دادي دادي ڪندو ڊوڙندو ايندو ۽ مان کيس پنهنجي هنج ۾ کڻي چُمندس. اُن ننڍڙي پياري ٻالڪ جي تصوير مونکي واپس هِن دنيا ۾ موٽائي وٺي آئي.

اَميريڪا جي مسافري ڏاڍي لمبي آهي. ٿڪائي ٿي ڇڏي. ٻلي ڪري اَسين بزنيس ڪلاس ۾ آهيون. تڏهن بہ وقت ئي نہ پيو ڪٽجي. جوُس پيئيسين. ناشتو ... لنچ ... ڊنر ... وغيره ڪانپوءِ منهنجون بہ اکيون

ٻُڙيون ٻُڙيون ٿينديون پي ويئون. منهنجي گهوٽ کي تہ ايئر فلائيٽ ۾ ننڊ ئي ننڊ ايندي آهي. اکيون تہ مُنهنجون بہ بند هيون. پر من اڃان سُجاڳ هو. هي من بہ چوويهہ ئي ڪلاڪ هلندو ٿو رهي. ڪڏهن ٿڪجي ئي ڪونہ. ڪڏهن ڪڏهن من ۾ سوال اُٿندو آهي تہ اِنسان جي جيڪا ٻاهرين زندگي ڏسڻ ۾ ٿي اَچي، جنهن مان پوُرنتا جهلڪندي نظر ايندي آهي ... اُها محض چمڪندڙ، من موهيندڙ ويس پهري سيني کي پرمائي تہ نہ رهي آهي؟

مان هميشهہ پاڻ کي سنيم ۾ رکڻ چاهيندي آهيان ۽ رکندي بہ آهيان. سچي زندگي وڏن جي سِکيائُن تي پنهنجي زندگيءَ کي سندن حوالي ڪري ڇڏيو اَٿم.

سَسُ ڪڏهن ماءُ ٿي سگهي ٿي؟ پر مون اُهو ڪري ڏيکاريو. مون پنهنجي سچي سموري وجود کي ئي پنهنجي سَسُ جي حوالي ڪري ڇڏيو. اُٿ تہ اُٿ ... ويهہ تہ ويهہ ... هي صحيح - هي غلط - سڀ ٺيڪ ... سڀ ٺيڪ ’سڀ ٺيڪ آهي‘ کي پنهنجو تڪيو ڪلام بڻائي ڇڏيو. مون ڪڏهن بہ ڪنهن بہ ڳالهہ ۾، ڪنهن جو بہ وروڌ ڪونہ ڪيو. نہ واد وواد - نہ ڪنهن کي پاڻمرادو ڪا صلاح ڏنم.

سائڪالاجسٽ آهيان. ٻين جي من جي پرک رکان ٿي تہ مون کي پنهنجي من جي بہ ڄاڻ هجڻ کپي. پر پنهنجي لاءِ مون من جا دروازا بند ڪري ڇڏيا آهن. پوءِ بہ ڪڏهن ڪنهن دريءَ مان ... يا وينٽيليٽر مان - هوا جو جهونڪو ايندو آهي ۽ اَچي مون کي بيدار ڪندو آهي، تہ تون مورتي ڪونہ آهين. جيئرو جاڳندو اِنسان آهين. توکي پاڻ سان بہ پيار ڪرڻ جو ايترو ئي حق آهي جيترو تون پنهنجو پيار ٻين مٿان نِڇاور ٿي ڪرين.

ايشور مونکي اهڙو ڇو ٺاهيو آهي؟ مون ڪڏهن ايشور سان شڪايت نہ ڪئي آهي. سڀ ٺيڪ آهي. سڀ ٺيڪ آهي. اِئين منهنجي زندگيءَ جو ڊراما بڻيل آهي. اِئين ئي ايشور مونکي ان رستي تان هلائڻ چاهي ٿو. جيڪا سندس مرضي. مون ڪيس سمورو پنهنجو پاڻ سوُنپي ڇڏيو آهي.

ايتري بہ اياڻي ڪونہ آهيان جو وچڙو هجي دهليءَ ۽ چڙهي وِهان بمبئيءَ جي گاڏيءَ ۾. پوري هوش ۾ رهندي آهيان. پر نہ ڄاڻ ڇو - پوءِ بہ ٽڪيٽ پنهنجي مرضيءَ تي ڪونہ وٺندي آهيان.

ٻہ پُٽ اَٿم ڌيرج ۽ مهيش. ڪڏهن ڌيرج ڏوري ڇِڪي تہ اُتي پهچي وڃان. ڪڏهن مهيش ڏوري ڇِڪي تہ اُتي پهچي وڃان. هڪ بمبئيءَ ۾ تہ ٻيو اَميريڪا ۾. پر مان ڪٿي رهڻ ٿي چاهيان، اُن جو فڪر ڪنهن کي بہ ڪونهي. پوني ۾ پنهنجو آشيانو اَٿم.

مان تمام سُکي ۽ شانت جيون گُذاري سگهان ٿي. مونکي پنهنجون ساهيڙيون بہ آهن. مونکي ڪِن سنسٿائن سان لڳاءُ بہ آهي. مان ڪين پيار ڪندي آهيان. منهنجو پيار وسيع آهي. ساري ڪائنات کي سمائي سگهڻ جي اُن ۾ سگهہ آهي. مان ڪائونسلر بہ آهيان. ٻِن اِسپتالن سان جُڙيل آهيان. خاص ڪري ڪئنسر جي مريضن سان. مدر ٽيريسا هوم منهنجو ٻيو گهر آهي. مان اُنهن دِويانگ ٻارن جي من ۾ خوشي پِرڻ چاهيندي آهيان. هفتي ۾ ٻہ دفعا وٽن ويندي آهيان. هوُ بہ پنهنجا ڪَٽيِل پنک ڦهلائي منهنجي آجيان ڪنديون آهن. ڪا هَلي سگهي ڪانہ، ڪا ڳالهائي سگهي ڪانہ. پر مون کي هرهڪ جي ٻولي سمجهہ ۾ ايندي آهي. مان ڪڏهن چوُڙيون ... تہ ڪڏهن هار - ڪڏهن ٻِنديوُن تہ ڪڏهن ڦوڪڻا ... تہ ڪڏهن کائڻ جي ڪا شيءِ سندن لاءِ وٺي ويندي آهيان. سندن خوشي ڏسڻ وٽان هوندي آهي. ساڻن گڏ ڳائيندي آهيان ... نچندي آهيان. هر ڇهين مهني کين ڪٿي نہ ڪٿي پڪنڪ لاءِ وٺي ويندي آهيان. ڪڏهن لوناولا ... تہ ڪڏهن مهابليشور ... جڏهن بَسِ مدر ٽيريسا هوم مان هلڻ شروع ڪندي آهي تہ اُنهن اڌ ٽُٽل ٻارن جي چهري تي گُلن جهڙي

ٻهار چائنجي ويندي آهي. هر هر مهاديو جي نعارن سان بس گونجي اُٿندي آهي.

رفته رفته مونکي هڪڙي دل گهري ساهيڙي مِلي ويئي، سُنيتا. هوءَ سُکي سَتابي ... پر اَڪيلي رهندي آهي. هوءَ به ڪائونسلنگ جو ڪورس پورو ڪري چُڪي هئي. مون ڪيس به هاسپيٽل توڙي مدر ٽيريسا هوم ۾ واقف ڪرايو. هاڻي اَسين به ته ٻارهان. سُنيتا کي ٻه ٻار آهن، ڌيءَ ۽ پُٽ. ڌيءَ دُبئيءَ ۾ ۽ پُٽ لنڊن ۾.

سُنيتا بِنداس رهندي آهي. گهٽو نه سوچيندي آهي. ڏسڻ ۾ Tom boy پر اندر ۾ موم کان به نرم.

سُنيتا کي ڏسي مونکي پنهنجو ٻچپن ياد ايندو آهي. مان ۽ منهنجي ٻه سال وڏي ڀيڻ اَميتا اِسڪرٽ پائي، ٻه چوٽيون ڪري سمنڊ جي لهرن وانگر اُڇلنديون رهنديون هيون. انگريزيءَ ۾ ڳالهائڻ - انگريزيءَ ۾ ڳائڻ ..... انگريزي پڪچرس ڏسڻ non-veg کائڻ ..... اَسانجي پرورش اهڙي ماحول ۾ ٿي هئي. اَميتا Love marriage ڪري سُکي زندگي گُذاري رهي آهي ۽ منهنجي شادي مائٽن جي مرضيءَ مطابق هڪ سنسڪاري educated ساتوڪي ۽ تنگ دل پريوار ۾ ٿي. شاديءَ بعد موڪلائڻ وقت ماءُ جا چيل اَکر ڪنن ۾ گونجندا رهندا آهن - هاڻي هوُ تنهنجو گهر آهي. تنهنجي سَسُ ئي تنهنجي ماءُ آهي.

نئون گهر ... نئون ماحول ... نوان ماڻهو ... نوان چهرا ... نوان ويچار ... نوان رواج ... نوان ٻنڌن ... هڪ اِسڪرٽ ۾ گُهمندڙ ڪانوينٽ ۾ پڙهيل ڇوڪري ... آسمان ۾ اُڏڻ واري ڇوڪري اَهڙي تنگدل گهر جي اندر داخل ٿي.

شاديءَ جي چوٿين ڏينهن خبر پيم ته منهنجو پيڪن سان رستو cut. ڇو - برات جي خاطرداريءَ ۾ ڪُجهه ڪمي رهجي ويئي هئي.

منهنجي زندگيءَ ۾ بدلاءُ اُتان شروع ٿيو. مان ٻاهران ثابت ... پر اَندران ڪَتيل ڪَتيل رهڻ لڳس. هن سنسار ۾ ٻُرو ڪير به ڪونهي. سڀ پنهنجي مُهر سُنا آهن. مهربان ساهرا ... مهربان سَسُ ... مهربان گهوٽ ... سڀ مهربان.

مان مَنُ ماري ويهي رهيس. وقت ڪان اڳ وڏي ۽ سياڻي ٿي ويس. ٻن پُٽن کي جنم ڏنم. شادمانا ٿي ويا. سڄي دنيا اُن جلسي ۾ شامل ٿي. سواءِ منهنجي سَڳن مائٽن جي.

جڻ ڪنهن مورتيءَ کي هٿورو هنيو. مورتيءَ ۾ چير پئجي ويو. مورتي ڪُروپ نه لڳي، اُن ڪان اڳ ئي سنگتراش ٻڌجي مون اُن چير کي پري ڇڏيو ۽ نوَن رنگن سان رنگي ڇڏيو. اُها مورتي اَڄان به وڌيڪ نِکرجي پيئي. اُن تي گُل ۽ هار چڙهندا رهيا. اُها مورتي هلندي چلندي سيني کي خوش ڪندي رهي. خوشي ڦهلائيندي رهي.

منهنجي زندگي ايڪسپريس ٽرين مثل هلندي رهي آهي. ڪٿي به halt نه. اَڄان مان ٿائيڪي ئي ڪونه ٿيان ته ڪٿان نه ڪٿان سَڏُ اچي. نِران کي ڪئنسر آهي. ڪيموٿيريپي لاءِ هر ٽي هفتي اَٺ ڏهه ڏينهن بمبئيءَ وڃڻو ئي پوندو آهي. ڏيراڻيءَ جو هڏو ڀڳو ته بئنگلور دوڙڻو پيو. سُنيتا سمجهائيندي رهندي آهي ته پريوار ۾ ٻيا به ياتي آهن. شيوا ڪرڻ لاءِ صرف تون آهين ڇا؟

ڪڏهن بمبئيءَ واري پُٽ جو فون ... مما - يڪدم اَچ ... تنهنجي سداسدوردي نُنهن ٻار ڇڏي پيڪي هلي ويئي آهي. ڪڏهن اَميريڪا مان مهيش جو فون ... مما، پليز اَميريڪا اَچي settle ڪريو. اَسين ٻئي ڪم تي ٿا وڃون. ٻنيان ڪبير کي گورنيس وٽ ڇڏي ٿا وڃون. ڪبير ۾ اَسان جي جان آهي. سِڪي سِڪي جاٿو آهي. من کي لوڏو آيو - پر اَسان اُتي هميشهه لاءِ رهڻ نه قبوليو. تنهن هوندي به هر سال چار مهنا اُتي وڃڻو ئي پوندو آهي.

هن پيري مونکي بخار حيران ڪري ڇڏيو. لهي ئي نہ. ڏاڍي ڪمزوري هئي. اڃان نيڪ مس تي هُيس تہ گهوٽ چيو، ”ڪبير (پوٽي) جو برٿ ڊي آهي. مهيش بزنيس ڪلاس جون بہ ٽڪيٽون موڪليون آهن. ڇٹن ڏينهن کان پوءِ flight آهي.“ مون کان رڙ نڪري ويئي، ”ايترو جلد؟“ بنا منهنجي ڄاڻ جي پيءُ پُٽ پاڻ ۾ فيصلو ڪري ڇڏيو!

اهو پهريون پيرو هو جو منهنجي من وِدروه ڪرڻ تي چاهيو. تڏهن بہ عاجزيءَ وِچان گهوٽ کي چيم، ”توهين پلي وڃو، مان مهني کان پوءِ ايندس، پليز ... مون کان نٿو پُڄي.“

تہ چيائين ”هاٺي تہ نيڪ آهين. جهڙو هِتي رهڻو، اهڙو اُتي رهڻو. هتي پوني ۾ هن وقت ڪيتري گرمي آهي. اَميريڪا ۾ ڏينهن سُنا آهن، گڏجي هلنداسين.“

پڇاڙيءَ جي ڏينهن پنهنجي پياري ساهيڙيءَ سُنيتا سان موڪلائڻ وقت مان پاڻ تان ضابطو وڃائي وينس. دل کولي رُنم. سُنيتا ڪاوڙ ڪندي چيو، ”تون پنهنجو منهن ڇو نٿي کولين؟ ڇا توکي زبان ڪانہ آهي؟ توکي پنهنجي ڪا هستي ڪانهي؟ put your foot down“

پاڻ سنڀاليندي چيم، ”ضرور اِن ۾ بہ ڪو راز هوندو. ڀڳوان چاهي ٿو تہ مان اُتي وڃان.“

ٻئي ڏينهن سُنيتا مدر ٽيريسا هوم ۾ ٻارن سان گڏجڻ ويئي. سيني ٻارن جا چهر اُداس هئا. سُنيتا کي ڏسي وارڊن ٽوڙي ٻار روئي پيا. هُن کي ڀاڪر پائي چيائون، ”آنٽي تہ هر سال اَميريڪا ويندي آهي تہ خوشيءَ سان ويندي آهي. ڪالهہ اَسان کان موڪلائڻ آئي تہ هڪ هڪ کي پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀَري زار زار روئي رهي هئي. اَسان تہ آنٽيءَ کي هميشه خوش خوش ڏٺو آهي.“

سُنيتا خود بہ انهن ٻارن کي ڀاڪر پائي زار زار روئڻ لڳي. سُنيتا جڏهن گهر موٽي تہ پنهنجو پاڻ کان سوال ڪرڻ لڳي ...

**Is she an elevated soul?**

**Or a weak soul??**

**Or a saint???**

✦✦✦

• تارا ميرچنداڻي ءِ ”آشا چاند“ سان جي ملاقات sindhisangat.com

# 2. پوُرِي

سندري آسنداس اُتمچنداڻي (1924 - 2013) هڪ برک اُپنياسڪار، ڪهاڻيڪار، ناٽڪ نويس ۽ شاعر هئي. سنڌيءَ ۾ 20 کان متي پستڪ شايع ٿيل اَٿس. اُنکي مهاراشٽر گوَرو پرسڪار، سويت لئنڊ نهرو اِنعام عطا ڪيو ويو آهي.

(1)

ائي ائي، اندر ڇو هلي آئي آهين؟

پيٺ، پاپڙن واري ....!

سو، ڪير به هجين. ڏسين ٿي ڪو ڪپڙا مٽائيندو هوندو. اڙي، بڌين ٿي....؟ هيئنئن ڇو در تي جم ڪائي بيهي رهي آهين؟ ۽ توهين هن پاپڙن واريءَ ڏي ڇو پيا ڏسو. ڪپڙا مٽائڻ به وسري ويا اَٿوَ...!

تون نه نيٺون آهين نه ....؟ ڇو، سڃاڻين به نٿو ڇا؟ مان پاپڙ پيئي وڪڻان، اِهو ڏسي عجب ۾ پئجي ويو آهين نه؟

اِڇ ويهه، مان برابر نيٺون آهيان. پر توُن پوُرِي آهين يا رُڪي، اِهو سمجهه ۾ نٿو اچيم.

رڪي ته منهنجي وڏي پيڻ آهي. مان پوُري آهيان. واهه، ڪرسي مزي واري آهي. هيءَ تنهنجي زال آهي نه ...؟

نيٺوءَ ڪنڌ سان ها ڪئي.

تون چاڪ ته آهين نه؟ منهن ۾ حيدرآباد واري سونهن ڪونه رهي اٿيئي.

پر پوري، پهرين پاڻ ڪي ....!

ها، چئُه چئُه، ماڻ ڇو تي وئين؟

سشيلا، هيءَ پوري اٿيئي، جنهن لاءِ ٻڌايو هومانءِ ته اسان جي ويهه گهريءَ جي سونهن هئي.

اَڇا...! هيءَ اُها پوري آهي؟ سو هيءَ هئي توهانجي ويهه گهريءَ جي سونهن ...!

ائين چئي سشيلا پنهنجي منهن تي آيل وارن جي چڳن کي ناز سان هٽائي ڇڏيو، مگر سندس ڇهري تي جڻ ڪنهن هيڊ هاري ڇڏي هئي. پوريءَ ڪرسيءَ تي ويهي سڄي ڪمري جي سامان، خاص ڪري فوٽن کي، ڏاڍي چاهه سان پئي ڏٺو. ڪنهن به سوچ ويچار بنا چوندي رهي. تي بار جاوا، سو رت-ست ڏنو هوندو ڪين هميشه ماٺهو ساڳيو توروئي هوندو. وري اُسن ۾ رُلڻ ... نيٺون، توکي بار ٻچا آهن؟

پر نيٺوءَ جي اکين ۾ ايڏا وڏا لڙڪ اَچي اٽڪيا هئا، جن کي اکين ۾ پيئڻ مشڪل هو ته اکين مان ڪيرائي ڇڏڻ تهائئي مشڪل هو. ڏاڍي تڪليف سان چيائين : پر پوُري، تنهنجي شڪل هيترو بدلجي ڪيئن ويئي؟

اَول ٻڌو تا هوءَ پڇيوَ ڇا تي؟ هوءَ پڇيوَ تي توهان کي ٻارن گهڻا آهن؟ بابلي، اَسان کي به ٽي ٻار آهن. توکي پاپڙ ڏيٺا آهن نه ...؟ اِن کان وڌيڪ سشيلا چئي ڪين سگهي. غصي کان سندس چپ ڏڪي رهيا هئا.

اَڙي ڊيڙوا! پٽ ڪاڏي وئين؟ ساهمي ته ڪٽي آءُ.

پڇهن کي ڏيڏيءَ ۾ بيماري آئي هئيئَن ڇا؟ سشيلا پڇيو.

بيو ڇا ڪريانس. مئي جا پير تہ ڏس. ماريو سڄو ڏينهن ٿو رلي. هتي پٽ ۾ رک ساهمي. پٽ تي ويهي تورڻ ۾ سؤلائي ٿيندم.

پر مائي، ڏين گهٽي اڌ ڪلو ٿي؟

سشيلا! مائي؟ نيٽوءَ ڇبيءَ سان ڪنڌ مٿي ڪنيو، ڇڻ ’مائي‘ اکر کيس چرڪائي ڇڏيو هو.

سشيلا منهن ۾ گُهنج وجهي پٽيءَ ڏي ڏسي چيو : هون! ڇڻ چئي رهي هجي - مائي نہ چوانس تڏهن ميهار جي سهٽي چوانس؟

نيٽون ڇڻ ڪوڙي گوري ڳيهي ويو. منهن گهنجائي ساڳيءَ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو، جنهن تي اول پوري ويٺي هئي.

پوُري هاڻي پٽ تي پاپڙ تورڻ ۾ مشغول ٿي ويئي هئي. هنن جي ڳالهين سان ڇڻ سندس واسطو ئي ڪين هو. ”هيءُ سير، هيءُ ٻہ، هيءُ ٽي، ساڍا ٽي سير، هيءُ پاڻ چار پاپڙ بچيا اٿم. وٺ، اِهي ٻہ توکي ٿي ڏيان. پر پاپڙ ڪائي پوءِ ڇنج تہ پوري پاپڙ ڏيئي ويئي ڪين ڪيچا ڏيئي ويئي.

پهرين چئہ تہ اڌ ڪلو گهٽي ٿي ڏين؟

يارهين آني اڌ ڪلو وڪڻندي آهيان. توکان وڌيڪ ٿوروئي وٺنديس. اڌ ڪلو تي ٽڪو هڪڙو منهنجو. بيو آءُ پائي ڪين ٿي ڪان.

هاڻي مائي، ڪوڙ تہ ڪين ڳالهاءِ. ٽڪي جي بچت مان تون ٻارن کي پاليندي هونديئَن؟

نہ ڙي، پيڻ. جيئي شل منهنجو گهوٽ. اُهو بہ ٻہ چار رپيا روز ڏيندو اٿم.

بس، ٻہ چار رپيا ...؟

تنهنجو گهوٽ ڇا ڪندو آهي، پوُري؟ نيٽوءَ پڇيو.

اڳي تہ بڙودي ۾ هئاسين، تڏهن تہ ڪپڙي جي ڪئبن هئس. هاڻي بيڙيون ٻڌندو آهي. بيڙين مان ڪمائي پوري ساري آهي، سو مان ئي پيڊر روڊ، ڪولابا، دادر. هيڏي هوڏي بہ تي چڪر هڻي، روز ٽيهہ سير ڪن پاپڙ وڪڻي ايندي آهيان. بہ چار رپيا مان بہ ڪمايان. ڏاڍو سٺو گذر پيو ٿئي. هيءُ ڇورو ڏس! اَڙي ڪجهہ پاپڙ؟ ڇو ٿو ڪائين. رولوُ ماريو. اَڄ ٻن ڏينهن کان پوءِ پئدا ٿيو اٿيئي نيٽون!

ڪيڏانهن ويو هوءِ ٻہ ڏينهن، مائي؟ سشيلا رُکي نموني چيو.

ڇوي ٿو، دادر اسٽيشن تي هوس.

ڪاڏائين ڪٿان؟

وڃي مزوري ڪيائين.

ڏن آهيو توهين مايون. اسانجو ٻار هڪ ڪِن هيڏي هوڏي ٿئي، تہ جيڪر ساهہ نڪري وڃيئون. پر ڇوڪري جا حال تہ ڏس. ڪهڙا ڪيا اٿيئي! ڇا آهي مئي جي سونهن! ڇپن تي ڄڻ سُرخي مکي پيئي اٿس. ڇا تہ مئي جون ناسي اکيون. پر نڪو سنان نڪو صابڻ. بدن تي رءُ چاڙهي ڇڏي اٿيئيس. اَسان جا ٻار هينئر باغ مان موٽندا. ڏسج ڪهڙا اَڇا اُجرا ٿا لڳن.

پيڻ، اَڇا اُجرا ڇونہ لڳندا هوندا. مان بہ سڄو ڏينهن گهر ۾ وهان تہ ويهي ناهيان، جوڙيان. جهڙي تهڙي ڳراهي وجهي نڪرٽو ٿو پوي چڪر تي. تہ بہ ڇوڪريون ٻئي تہ اسڪول ۾ ڇڏي ايندي آهيان. هن

مارئي جي پڙهڻ تي چاهه ئي ڪونهي. ڇوي تہ توسان گڏ هلان، مان بہ ڪمايان. تنهن ڏينهن نہ ڪئي مانس تہ مرڳوئي پڇي ويو. پر سياڻي ماستر ڪان ٽنگون پڇائي اسڪول ۾ وهاري ايندي سانس.

اِن ڪان تہ اهو ٻاهر نڪرجي ئي نہ. ڪمائين بہ ٽڪ ۾ تي چار رپيا تي. ڪو لڪ ٽوروئي تي ڪمائين...؟

اسان لاءِ اهي بہ چار ٻي ڪوڙ آهن. ڪنهنجي محتاجي تہ ڪانہ تي ڪيڏي پوي نہ ...؟

ڪوڙ آهن ...! مائي، مون ڪي تہ هِنن جو تي سؤ رپيا پگهار بہ تورو لڳندو آهي. سشيلا اهڙيءَ تہ لوڏ سان ڇيو جو هن سمجهيو تہ پوُريءَ ڪي ان تي ضرور ايرڪا لڳندي. ليڪن پوُريءَ اهڙي ڏيکاري ڏني ڄڻ هن لاءِ تي سؤ رپيا بہ اهڙا ئي هئا جهڙا سندس ڪمايل بہ چار رپيا.

ڇڳو پيڻ! هي ساڌا تي سير پاپڙ اٿيئي ٻيا ڇوين تہ سياڻي ڪٽي اَچانءِ.

سياڻي وري ڇا ڪنديس؟ ٿورا ڏينهن ترسي ڪٽي اچج. هان وٺ پئسا.

ڇڳو، نيٺون! اڙي هل ڏيڙو. ساهمي ڪڻ. سنجها تي وئي.

توهين ڪپڙا تہ مٽايو. سوُٽ ۽ گنجيءَ ۾ ئي ويهي رهيا آهيو.

اَڙي اڙي ...! مونکي تہ ڪپڙا مٽائڻ ئي وسري ويا ...! پر بہ، تون هن طرح ورچين ڇو پيئي؟

ڇڳو، مان پيئي ورچان تہ ... توهانجي دل تہ ٻهار ٻهار تي ويئي آهي نہ ...؟

(2)

هيڏي رات گذري آهي، اڃا پيا جاڳو ...؟

............

توهان کي اَڄ ڇا تي ويو آهي ....؟

............

سچ ڇئو، هيڏانهن نهاريو. توهان کي پوُري پيئي ياد اَچي نہ ...!

پوريءَ بابت تہ برابر سوچي رهيو آهيان. پر تون هينئن ٻي صبر ڇو تي رهي آهين ...؟

مون سمجهيو ... پوريءَ بابت ڇا پيا سوچيو ...؟

تون ڇا سمجهنديئن؟

سمجهائيندا ئي ڪين تہ ڪٿان سمجهنديس. مان بہ ڇري آهيان جو پڇان تي. ڇڳو نہ ٻڌايو. بس، مان سمهي تي پوان.

سشيلا منهن ورائي سمهي پيئي.

سشيلا ...!

ها، ها. سچ تي ڇوان، ٽپو ڇو تا ...!

پڳلي، هوءَ ڪنهنجي زال آهي! ٽِن ٻارن جي ماءُ آهي!!

سو ڇا تي پيو؟ ڪنئاري هئي تہ توهان داديءَ جي ڇوڻ تي ساڻس شاديءَ جي رضامندي ڏيکاري هئي نہ ...؟ پوءِ ڪٿي توهان جي بابا سمجهايو تہ پاڻ پڙهيل آهيو، تہ پڙهيل ڇوڪري وٺو. سو هينئر پڇتايو پيا ...!

پڇتايان پيو؟ دماغ تہ ڪونہ خراب تي ويو اٿيئي؟ اُن وقت تہ مان ايف.واءِ ۾ هئس ۽ بابا تہ عقل جي ڳالهہ ڪئي هئي.

جي عقل جي ڳالهه ڪيائين تہ پوءِ اڄ هن غريب پوريءَ ۾ گهوُري گهوُري ڇا ٿي ڏٺوَ ...؟ وڏي ڳالهه تہ پوريءَ کي ڏسي اصل روئي ويٺا! پانيو ٿا تہ اُهي ٻوڙها توهان جي اکين ۾ مون ڏٺا ئي ڪين، جيڪي اکيُن ۾ ئي پي ويا ...! اَڙي، زال تہ مرد جي نظر هڪ ڪِن ۾ پرکي ويندي آهي.

هاڻي وڃ، اَڏ مغزڻ! تڏهن تہ چيُم تون ڪانہ سمجهنديئَن.

وري ڦري ساڳيءَ ڳالهہ تي آيا. ڪجهہ سمجهايو بہ ...!

سشيلا، تو اگر اڻ سال اڳ واري پوري ڏٺي هجي ها تہ تون بہ شايد هن پوريءَ کي ڏسي روئي وجهين هان. هن جي گول گول پريل ڇهري منجهان اَڃ نوڪدار هڏين واريون ڄاڙيون نڪري آيون آهن. جيڪي ڳل اَڳي گلابي هئا، جن جي سنهي چمڙيءَ هيٺان هلندڙ رت بہ پيو نظر ايندو هو، سي ڳل ئي سُڪي ويا آهن ۽ اکيون ڏسين ها، اُن وقت ٽمڪندڙ جوتيون هيون، پر اڄ اُنهن جا چمڪندڙ تارا غربت جي حسرتن ڪيڏو نہ اندر ڏکي ڇڏيا آهن. اَڃي ڪير جهڙي سندس چمڙي اَڃ ٽامو ٿي ويئي آهي. غريبيءَ جي ڄر جڏهن ڪنهن سندر ٻوٽي کي لهسائي ڇڏيندي آهي، تڏهن منهنجي دل ڇچڙجي پوَندي آهي.

دِل ڪيئن ڇچڙجندي ...؟

سُشي، جڏهن ننڍڙي سَروج جي نازڪ چمڙيءَ تي وڏي ماتا ڇڳهہ ڇڏي ويئي، تڏهن تو ڪيترو رنو هو ۽ ڇو رنو هوءِ؟

مان تہ اڄ بہ هن گلڙيءَ جي سونهن ڪِڙيل ڏسي ڏاڍي ڏکي ٿيندي آهيان.

سُشي، جيئن سهڻا گهر، سهڻا رستا، باغ ۽ اسڪول ڪنهن قوم لاءِ فخر آهن، تئن حسين ڇهرا بہ ملڪ لاءِ فخر آهن. پوءِ پوريءَ کي ملڪ جي باغ ۾ ٽِڙڻ سان ئي مَسليل ڏسي، دل ڪيئن ڏکي نہ ٿيندي ....؟

ڏارين ماڻهن کي ڏسي بہ ڏکي ٿِيو آهي، اِها توهان جي ڳالهہ برابر مونکي سمجهہ ۾ نہ ايندي آهي.

منهنجا سنڌي ڪڏهن ڏاريا آهن؟ سشي! پنهنجي سنڌ جا شيشن آرسين وارا گهر، باغ بوستان، ٻنيون ٻارا، واهہ-ٻئراجون، سڀ ڇڏي آياسين. انسانن جي ڇهرن ۾ جو نور ڪٽي آياسين، سو بہ هن طرح بڪ ۾ اُجهامي وڃي، ڇا حسرت جهڙي ڳالهہ ناهي ...؟

توهين ماٺ ڇو ٿي ويا ...؟ پلا پوري وڃڻ لڳي، اُن وقت توهين بلڪل خوش ڇو ٿي نظر آيا؟

اُن وقت مون پوريءَ جي ٻي هڪ سونهن ڏٺي.

پوريءَ ۾ هيئر وري ڪهڙي سونهن نڪري آئي آهي؟ توهين شاعر مون جهڙن سڌن سنواٽن ماڻهن کي تہ منجهائي ٿا ماريو.

منهنجي سشي! ٿورو ڌيان ڏينديئن تہ توکي بہ اها سونهن پوريءَ ۾ نظر ايندي. اڳين ڇلولي پوريءَ جي جڳهہ تي خوددار، محنتڻ پوري پئدا ٿي آهي. سندس صاف گوئي ۽ بي-فڪر هلت ڏٺئہ؟

ڇوريِ ڪرسيءَ تي ڪيڏي دخل سان اَچي ويٺي!

اِها ئي تہ سندس سونهن آهي، جنهن مونکي بهار بهار ڪري ڇڏيو. هن جي آتما ڪيس ڪنهن بہ اِنسان اڳيان هينيرو نٿي ڪري ۽ هوءَ هينيري ٿئي بہ ڪيئن. هن لاءِ ٽي رپيا ڪمائيندڙ توڙي ٽي سؤ رپيا ڪمائيندڙ هڪ جهڙا آهن. ڪنهنجو ٿورو تہ ڪٽِي ڪانہ ٿي. محنت ڪري ٿي، اُجورو طلبي ٿي. پورهيو ڪندي پل عمر کان اڳ ٻڍي ٿي ويئي آهي، تہ بہ اَرمان نہ اٿس. سندس پتي بہ رپيا ٽو ڪمائي، ڏهہ ڇونہ ٽو ڪمائي، ان لاءِ ڪابہ شڪايت ڪانہ اٿس.

ائين تہ مونکي بہ توهان لاءِ ڪا بہ شڪايت ڪانهي.

ڏاڏي پولڙي آهين. پنهنجي اندر ڪان پڇ. شڪايتن جا ڍير لڳا پيا اٿيئي. ٻارن کي ڪانوينٽ ۾ نئا پڙهايو، روز روز شاپنگ ڪرڻ نئا هلو، ڪشمير نئا گهمايو، ريڊيو ڪونہ ڏيو، پنکو ڪونہ ڏيو، ٽا وجهايو، مونکي ٽين-چئين مهني پيڪي-ماڪي نئا وني هلو، اڪيلي ڪيئن وڃان؟ ۽ هوڏانهن پوري آهي جا اڪيلي بي-باڪ بڻجي سڄي شهر جا رستا ڦرندي ٽي رهي. هن جي خودداري سندس اڳيان-پنيان پهرو ڏيندي ٽي رهي. وڏي آڪاس هينان، وڏي ڌرتيءَ تي بي فڪر هلندي هلندي ايڏي تہ وشال ۽ مضبوط دل واري ٿي ويئي آهي، جو ڪيس ڪوبہ ڪوڙو شان نٿو ستائي. ڪرم ۾ پاڻ ڪوهي هوءَ محنت تي ٽِڳندڙ مَلڪا ... اَڙي! تون روئين ويني!

نيٽونءَ پٽنيءَ جو منهن ٻنهي هٿن ۾ ڪٽي جهليو.

✦✦✦

# 3. تِيرٿ بَسنتُ

ڊاڪٽر مرليڌر ڪرشنچندر جيتلي جو جنم حيدرآباد سنڌ ۾ 1930-11-07 تي ٿيو. هي صاحب سنڌي، هندي، سنسڪرت ٻاشائن ۾ ماهر آهي. مقبول ڀاشا وگياني آهي.
هن مضمون ۾ ليکڪ سنڌي ٻوليءَ جي هڪ ٻئي ڪالم ۽ اديب سدا حيات تيرٿ بسنت جي جيون تي روشني وڌي آهي.

سال 1994ع جي ڳالهه آهي، جيڪا منهنجي دل تي اَڃا تائين تازي بيٺي آهي. ٻڌو هئم ته سنڌيءَ جو مشهور ساهتڪار تيرٿ بسنت، ٻڙودا جي هڪ سنڌي ٻُڍا آشرم ۾ رهيو پيو آهي. جڏهن هوُ دهليءَ ۾ هئو، تڏهن اڪثر ساڻس گڏجڻ پيو ٿيندو هو. ڪڏهن ادبي ميڙن ۾، ڪڏهن ساهتيه اَڪادميءَ ۾ ته ڪڏهن ڪالڪاجيءَ ۾ هرومل سدارنگاڻيءَ جي گهر هن بزرگ سان پيئي رهاڻ ٿيندي هئي. پر ٻن ٽن سالن کان وٺي هوُ دهلي ڇڏي ويو هو. لوڌي ڪالونيءَ جي هڪ سرڪاري ڪوارٽر جي برساتيءَ ۾ هن ڇٽا ئي سال گذاريا هئا. ڇڙو ڇانڊ هو. شادي ڪانه ڪئي هئائين. نڪو ڪي اَهڙا ويجها مٽ مائٽ هئس، جن سان گڏ رهي سگهي زندگيءَ جي آخري منزل ۾ پهچڻ تي صحت به ساٿ ڇڏي ڏنو هوس. سو سنڌس ڪِن همدرد دوستن هن کي دهليءَ مان وٺي وڃي ٻڙودا جي ٻڍا آشرم ۾ رهايو هو.

سو ڳالهه ٿي ڪيم 1994 جي. مان ٻڙودي ويو هوس ۽ ٻڍا آشرم ۾ وڃي تيرٿ سان گڏيو هوس. رات جا اَٺ ڪن ٿيا هئا. تيرٿ ماني کائي، رستي تي ٿوريءَ دير لاءِ پنڌ ڪري رهيو هو. ڪيس نمستي ڪيم ته سڃاڻائين ڪونه. پنهنجي واقفيت ڏنيمانس. دهليءَ جي دوستن جو ٻڌايومانس، پر سنڌس يادداشت ايتري ته ڪمزور ٿي چڪي هئي جو دماغ تي زور ڏيڻ سان به ڪيس دهليءَ جون ڳالهيون ياد ڪونه ٿي پيئون. بس، سُن ۾ هو. هيڏانهن هوڏانهن پئي نهاريائين. مون سان پنج ڪن منٽ ڳالهائي وري هوُ پنڌ ڪرڻ هليو ويو. ٻڙودا جي سنڌي ساهتيڪارن مان ڪوبه ساڻس ملڻ ڪونه ويندو هو. چوندا هئا ته هوُ ڪنهن کي ڪونه ٿو سڃاڻي، اُن ڪري اُن سان ڪير وڃي مٿو ماريندو. بس، ان طرح جي اڪيلي زندگيءَ جي ڪري سنڌس دماغ جي ڪل ڪا ايتري قدر ڍري ويئي جو ٻڍا آشرم مان ڪيس ڪڏهن ڪڏهن وڃي ڇڏيائون. ڪن همدردن پوءِ ڪيس اُتان وٺي وڃي بمبئيءَ رهايو، جتي ڪجهه ڏي مهنن ۾ راهه رباني ٿئي ٿيو. سنڌيءَ جي هڪ مهان ساهتيڪار جو اَهڙو دردناڪ اَنت ٿيندو، اِهو سوچي اکين ۾ پاڻي تري آيو.

تيرٿ جو پورو نالو هو - تيرٿ ويڙهومل بسنت. هوُ اَڪثر پنهنجي نالي پنيان 'سوڌو' لکندو هو. چوندو هو ته سوڌن جي راجپوت ونش مان آهي. خيرپور ميرس (سنڌ) جي لقمان نالي ڳوٺ ۾ 7 سيپٽيمبر 1909ع تي هن جو جنم ٿيو هو ۽ پنجاسي سالن جي حياتي ماڻي وڃي پرپوءِ کي پيارو ٿيو. دستوري تعليم مئٽرڪ تائين ورتي هئائين، پر زندگيءَ جي اِسڪول ۾ پنهنجي شخصي انوڀوَ ۽ اَڀياس مان گهڻو ڪجهه پرايو هئائين.

تيرٿ پنجويهن ڪن سالن جي عمر ۾ ساهتيه جي ميدان ۾ قدم رکيو. سندس مضمون جدا جدا اَدبي رسالن ۾ ڇپجڻ لڳا. پر ڪتابي صورت ۾ سندس پهريون ڪتاب آهي 'ڇٽڪڻ' (1940). اِهو شخصي مضمونن جو مجموعو آهي، جنهن تي سنڌ سرڪار جي تعليم کاتي طرفان انعام به مليو. هن پوءِ پنڊت جواهرلال نهروءَ جي آتم ڪٿا جو سنڌيءَ ۾ مختصر ترجمو ڪيو، جيڪو 'جواهر جيوني' نالي سان ٻن ڀاڱن ۾ 1941ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو هو. اِنهيَ تي به ڪيس سنڌي ادب جي مرڪزي صلاحڪار ڪاميٽيءَ طرفان انعام سان نوازيو ويو.

ملڪ جي ورهاڱي کان پوءِ تيرٿ بسنت سنڌ مان لڏي اَچي اَجمير ۾ رهيو. اُتي بہ هن پنهنجي قلم کي تيزيءَ سان هلايو. سندس مضمون الڳ الڳ رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجڻ لڳا. سنڌ جي مشهور ڀڳت ۽ سنت ڪنوررام جي جيوني لکي هن سنہ 1957 ۾ ڇپائي پڌري ڪيائين، جنهن تي ڪيس 1959 ۾ مرڪزي ساهتيہ اَڪادميءَ طرفان انعام ڏنو ويو. سنڌي ساهتيہ تي اِهو ساهتيہ اَڪادميءَ جو پهريون انعام آهي.

ڪجھہ عرصو اَجمير ۾ رهڻ کان پوءِ تيرٿ اَچي دهلي وسائي. هتي جي ادبي ڪيتر ۾ هوُ گهٽي چستيءَ سان ڀهرو وٺڻ لڳو. سنڌي ٻوليءَ کي ڀارت جي جوڙجڪ ۾ شامل ڪرائڻ لاءِ جيڪا هلچل سنڌي ساهتيڪارن هلائي، تنهن ۾ تيرٿ هميشھ پهرين صف ۾ رهيو. آزاديءَ کان پوءِ پهريان پنجويھ کن سال دهليءَ ۾ نيماڻتا اَدبي ميڙ ٿيندا هئا ۽ سنڌي ناٽڪ توڙي رنگ منچ جي ڪلا ۾ بہ سنڌي ليکڪن ۽ ڪلاڪارن خوب پاڻ ملهايو هو. اِنهن ڪمن ۾ تيرٿ تمام گهڻو چاهہ وٺندو هو.

تيرٿ بسنت ساهتيہ جي جدا جدا شاخن ۾ قلم هلايو آهي. هن آزاد چند ڪوتائون بہ لکيون آهن تہ ننڍا ناٽڪ ۽ ڪهاڻيون بہ لکيون آهن، پر سندس مکيہ يوگدان رهيو آهي مضمون نويسيءَ جي شاخ ۾. هوُ سنڌي ساهت جي اتهاس ۾ مهان نِبنڌڪار جي روپ ۾ هميشھ ياد رهندو. هوُ پهريون سنڌي ساهتيڪار آهي، جنهن کي سنڌي ساهتيہ جا گهڙا ڀرڻ ڪري سال 1963 ۾ اَمريڪا جي سنسٿا واٽومل گوبندرام فائونڊيشن طرفان انعام عطا ڪيو ويو. اُن کان پوءِ سنہ 1979ع ۾ دهلي ساهتيہ ڪلا پريشد طرفان بہ سندس سمان ڪيو ويو.

تيرٿ بسنت اٽڪل ٽيهہ کن ڪتاب لکيا آهن. اُنهن مان ڪجھہ هن ريت آهن :

نِبنڌ (مضمون) ۽ جيونيو :

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڇٽنگون | - | | 1940 |
| جواهر جيوني | - | (ٻن ڀاڱن ۾) | 1941 |
| سنت ڪنور | - | | 1957 |
| بسنت ورکا | - | | 1959 |
| ساهتيہ سار | - | | 1962 |
| اتهاس درشن | - | | 1964 |
| ساهتيہ سِرج | - | | 1978 |
| خوشبو | - | | 1978 |
| سارنگ | - | | 1979 |

ناٽڪ : چترا (ٽئگور جي ناٽڪ جو ترجمو 1944

آٿيلو ۽ ڪليوپيٽرا (شيڪسپيئر جي ناٽڪن جا ترجما)

جيون جوالا (ايڪانڪي ناٽڪ) 1980

ڪوتائون : آواز (مجموعو) 1980

اَڄ اَسانجي وچ ۾ تيرٿ ناهي، پر هوُ پنهنجين ساهتڪ رچنائن جي ڪارڻ اَمر آهي. سنڌي ساهتيہ جي اتهاس ۾ هڪ مهان نبنڌڪار جي روپ ۾ هوُ هميشھ ياد رهندو.

✦✦✦

# لِکڑ - ھُنر
# اُپیوجن - لکڑ

# خط لکڻ

خط لکڻ هڪ ڪلا آهي. پنهنجي من جا ڀاوَ / ويچار ٻين تائين پهچائڻ تنهن سان گڏ پنهنجون ڀاونائون ۽ ويچار سٺي ٻوليءَ ۾ بيان ڪرڻ لاءِ خط هڪ عُمدو لکڻ جو ساڌن آهي.

گذريل سال ۾ توهان ’خط لکڻ سکيا‘ آهيو. اُهو خط توهين پرمپرا (خاص نموني) جي موجب لکندا آيا آهيو. پر هاڻي توهين ٽيڪنالاجيءَ جي زماني ۾ گُذران ڪري رهيا آهيو. هاڻي ڪمپيوٽر، موبائيل، اِنٽرنيٽ، ميل اِنهن سڀني سان توهين واقف آهيو.

موبائيل فون وڏيڪ ڪم آندو وڃي ٿو اِنڪري خط لِکڻ جي گُهرج بہ ڪجهہ قدر گهٽ ٿي ويئي آهي. تڏهن بہ پنهنجي ويجهي مائٽ، ساهيڙي / دوست کي پنهنجون ڀاونائون، اَثردار نموني ٻڌائڻ، اِهو لفظن ۾ ڀاونائون ظاهر ڪرڻ جي قابليت (غير دستوري خط لکڻ وقت) آهي. پنهنجي ڳالهہ، ويچار (گُهرجون، شڪايت، وينتي) نهڪندڙ ۽ گهٽ ۾ گهٽ لفظن ۾ لاڳاپو رکندڙ ماڻهوءَ (اَڌڪاري، عملدار / سمپادڪ / هيڊماسٽر وغيره) تائين پهچائڻ (دستوري خط لکڻ وقت) بہ هڪ ڪلا آهي.

خط لکڻ لاءِ ٽيڪنالاجيءَ جو واپرائڻ بہ اَڄ جي گهرج آهي. هِن ڪانپوءِ توهان کي ميل موڪلڻ جو ٽيڪنيڪ واپرائڻو آهي. تنهن جي ڪري هن سال کان نئين ٽيڪنالاجيءَ موجب خط لکڻ لاءِ ميل موڪلڻ جو طريقو ڌيان ۾ رکڻ وارا آهيون.

هن سال اَسين هيٺين خطن جا نمونا سکڻ وارا آهيون.



| غير دستوري | دستوري |
| --- | --- |
| 1) ناتي موجب ماڻهوءَ جو عزت اَفزائيءَ سان خط جي شروعات ڪريو. جيئن پيارا / پياري، مانئيه / مانيور وغيره<br>2) جنهن ڏانهن خط لکو ٿا اُن جي خوش چاڪ بابت پڇڻ.<br>3) پاونائون اَثردار لفظن ۾ بيان ڪرڻ.<br>4) ناتي / رشتي موجب پنهنجائپ مان بيان ڪرڻ.<br>5) خط جو وشيه لکڻ جي ضرورت ڪونهي.<br>6) خط جي آخر ۾ ساڄي پاسي خط موڪليندڙ جو پتو (اَئڊريس) لکڻ ضروري آهي. | 1) جنهن ڏانهن خط لکڻو آهي اُن ماڻهوءَ جو عهدو پتو (اَئڊريس) لِکڻ.<br>2) خط جو وشيه لکو.<br>3) ٿهڪندڙ گهٽ ۾ گهٽ لفظن ۾ مقرر مذڪور لکو.<br>4) خط جي آخر ۾ ساڄي پاسي خط موڪليندڙ جو پتو (اَئڊريس) لکڻ ضروري آهي. |

نوٽ :- خط جو جواب ملڻ لاءِ خط موڪليندڙ جي اَئڊريس لکڻ ضروري آهي. لفافو ڪيڏي اَئڊريس لکڻ جي ضرورت ڪونهي. (اِي.ميل لاءِ لفافو نہ هوندو آهي).

**خط جو نمونو**

تاريخ ________

ڏانهن / ڪنهن کي ________

مانئيه / مانيور ________________________

________________________

وشيه : ________________________

صاحب ،

**مکيه مذڪور**

________________________

________________________

________________________

توهانجو / توهانجي

________

پتو (اَئڊريس)

________

(خط موڪليندڙ جي اَئڊريس)

# آکاڻي لکڻ

آکاڻي ٻڌڻ يا ٻڌائڻ آنند جو وشيہ آهي. شاگردن جي ڪلپنا شڪتي، نئين نموني ۾ سرجڻشيلتا جي پرک ڏيڻ وارو وشيہ آهي.

توهان آکاڻي لکڻ سِکي آهي. آکاڻي لکڻ جو هُنر اُن جا اَهميت وارا مُدا، اُنهن مُدن بابت پوريءَ طرح سان ويچار ڪرڻ جو اَڀياس ڪيو آهي.

ڪا تيل ڳالھ جيڪا ٻُڌائي وڃي ٿي اُها آهي آکاڻي. آکاڻي پنهنجي ڪلپنا سان سرجڻشيلتا سان رچي وڃي ٿي.

آکاڻي جي شروعات اُن جو مکيہ حصو آهي.

ڪٿا لکڻ ڪلپنا شڪتيءَ تي آڌار رکندڙ ڪلا آهي. آکاڻيءَ جي ڪردارن، گهٽنا، ترڪ ڪرڻ وارن ويچارن جو وستار ڪرڻ اِهو لکڻ جو هُنر آهي، آکاڻي لکڻ جي ماڌيم سان لکڻ جي هنر جو وڪاس ڪرڻ مکيہ مقصد آهي.

آکاڻيءَ مان خوشي ملي اِهو پڻ مقصد آهي.

**سُٺي آکاڻي لکڻ لاءِ هيٺين ڳالھين تي ڌيان ڏيو.**

1) آکاڻيءَ کي سِرو **(Title)** ڏيو. (تاتپرج لکڻ جي ضرورت ڪونهي).

2) سِري موجب آکاڻيءَ جي ڪلپنا هئڻ گهرجي.

3) اِهو ضروري نہ آهي تہ سِرو مطلب سنو ويچار يا چوٽي هُجي.

4) آکاڻي زمان ماضيءَ ۾ لکجي. (آکاڻي ٻُڌائي وڃي ٿي اِنڪري زمان ماضيءَ ۾ لکي وڃي ٿي. پر شاگرد اُن ۾ پنهنجي ڪلپنا ۾ رچنا موجب آزاديءَ سان (جنهن زمان ۾ چاهي پيش ڪري سگهي ٿو)

مثال : آکاڻيءَ ۾ فلئش بئڪ ۾ گهٽيل گهٽنا ٻڌائيندي اُها زمان ماضيءَ واري زمان حال ۾ ٻڌائي وڃي سگهجي ٿي.

5) ليک ۾ گهٽنا، واقعي موجب ٺهڪندڙ ڳال ۾ لکڻ ضروري آهي.

6) آکاڻيءَ ۾ سلسلو هئڻ ضروري آهي. (گهٽنا موجب هڪ ڳالھ ۾ پوءِ اُن سان جڙيل ڳالھ اهڙي نموني سلسلو هئڻ گهرجي).

7) آکاڻيءَ موجب واتاورڻ پيدا ٿيڻ / نرماڻ ٿيڻ گهرجي.

8) آکاڻيءَ موجب ڪردار ۾ اُنهن جي گفتگو ٺهڪندڙ ٻاشا ۾ هئڻ گهرجي.

9) موقعي موجب / اِستان موجب ڪردارن جي ٻاشا هئڻ گهرجي.

10) هرهڪ پسگردائي جي ٻاشا الڳ الڳ هوندي آهي، آکاڻي لکڻ وقت اِها ڳالهه ڌيان ۾ رکجي)
مثال : گهٽنا - راندين جي ميدان، گهر، راڄ دربار وغيره واري هجي ته اُنجي ٻاشا الڳ ۽ اُنجي شئلي الڳ هجڻ گهرجي.

11) ٻين ٻولين جا سلوڪ، سُوِيچار، چوڻيون، اِصطلاح جيترا ٿي سگهي نه لکجن جيئن سنڌي ٻوليءَ ۾ هندي / انگريزي ٻوليءَ جا محاورا (Phrases) نه ڪم آڻجن.

12) آکاڻيءَ جي شروعات ۽ آخر جو ڀاڱ ۾ لاڳاپو هئڻ ضروري آهي.

### آکاڻي لکڻ جا نمونا

1) ڏنل شروعات مان آکاڻي لکڻ.

2) ڏنل سِري سان آکاڻي لکڻ.

3) ڏنل لفظن مان آکاڻي لکڻ.

4) اَڻپوري آکاڻي پوري ڪرڻ.

(الف) ڪٿا جي شروعات ڏيئي باقي پورو ڪرڻ.

(ب) آخري حصو ڏنل ۽ شروعات پوري ڪريو.

5) ٽپن مان آکاڻي لکڻ.

آکاڻي لکڻ لاءِ مٿي ڏنل قسمن / سلسلي کان الڳ سرجڻشيلتا نموني ڳالهيون، بيان لکي سگهجن ٿا. اهڙي الڳ الڳ نمونن جو اَڀياس ڪريو.

## مضمون لکڻ

لکڻ جي هُنر جو وڪاس ڪرڻ جو مکيہ پاڳو آهي ”مضمون لکڻ“.

مضمون معنيٰ ڪنهن وشيہ سان لاڳاپو رکندڙ پنهنجن ويچارن جو مُدن موجب نهڪندڙ نموني پيش ڪرڻ.

لکڻ جي هُنر سان گڏ مضمون لکڻ جو مکيہ مقصد آهي چڪاسيندڙ ويچار، جاچ شڪتي ۽ سرجڻشيلتا ۽ سُني نموني سمجهڻ اِنهن سيني لياقتن جو وڪاس ٿيڻ.

مضمون لکڻ وقت، مضمون لکڻ واري جي ويچارن جي پرڇائي (ڇاڇو) پوندو رهي ٿو. وشيہ سان لاڳاپو رکندڙ، جاچيل ويچار پنهنجون ڀاوناڻون، ڪلپنائون ۽ سرجڻشيلتا اِنهن جو اَثردار لفظن ۾ بيان مطلب مضمون لکڻ.

پڙهڻ، سمجهڻ، جاچڻ، ويچار، ڀاوناڻون، ڪلپنائون ۽ آزمودا اِنهن جو پنهنجن لفظن ۾ ظاهر ڪرڻ. اِهو لکڻ جي هنر جي وڪاس جي مکيہ نشاني آهي.

هن سال عملي پرچي لاءِ بياني مضمون لکڻ، آتم ڪٿا، خيالي اِنهن مضمونن جي قسمن جو اَڀياس ڪرڻ وارا آهيون.

## مضمون لکڻ لاءِ هِدايتون

1) ڪنهن بہ مضمون جي شروعات وڌندڙ هئڻ گهرجي. مضمون اَڳيان وڌيڪ پڙهڻ لاءِ چاهہ ڏئي. ڏنل وشيہ موجب شروعات ڪنهن خاص سُني ويچار، گهٽنا، واقعي، گُذارش (وينتي) گفتگوءَ سان ڪجي.

2) مضمون جي وچ واري ڀاڱي ۾ وشيہ جو وِستار ڪجي. وِستار ڪرڻ وقت اِصطلاح، چوڻيون، پهاڪا وغيره اِستعمال ڪري اَثردار نموني لِکجي. (رڳو سنڌي ٻوليءَ ۾ هئڻ گهرجن.)

3) مضمون جي پڇاڙي، پڙهندڙ کي وشيہ موجب ويچاردارا ڏانهن وٺي ويڃڻ واري هئڻ گهرجي. وشيہ سان لاڳو هُجي.

## (1)واقعو لکڻ / آزمودو لکڻ :-

اَسانجي سامهون گهٽجندڙ / گهٽيل ڪو واقعو، يا گهٽنا اَسانجي ويچارن ۾ هميشهہ هوندي آهي.

اُن واقعي / گهٽنا جو اَثر اَسانجي من تي هوندو آهي. اُن بابت پنهنجا ويچار، ڀاونائون، آزمودا، لفظن ۾ بيان ڪرڻ اِهو واقعي لکڻ يا آزمودو لکڻ ۾ اُميد ڪئي ويجي ٿي.

باريڪبينيءَ سان جاچڻ جي شڪتي، اُنجو ڀاڱ مٿان اَثر اِهي واقعي / آزمودو لکڻ لاءِ تمام ضروري ڳالهيون آهن. واقعو / آزمودو لکڻ وقت رڳو ٻاهريون بيان نہ پر اُن سان گڏ واقعو ڏسڻ واري جي من ۾ ڪهڙيون ڀاونائون پيدا ٿيون؟ ڪهڙا ويچار آيا ۽ مکيہ ڳالهہ اِها آهي تہ واقعي ڏسڻ واري جي من تي ڪهڙو اَثر ٿيو؟ اِنهن جو اَثرائتي لفظن ۾ بيان هئڻ گهرجي.

### ● واقعو لکڻ :-

پنهنجي اَکين اَڳيان گهٽنا گهٽجي رهي آهي اِها ڪلپنا ڪري گهٽنا جي پوري وستار سان ڄاڻ، ماڻهن جي پرتيڪريا ۽ گهٽنا جو ڀاڱ تي ٿيل اَثر، اِنهن تنهي ذريعي واقعو لکڻ گهرجي. (ڪيترا دفعا، عملي پرچي ۾ ڏنل گهٽنا / واقعو ڪلپناتمڪ ٿي سگهي ٿو. اُن گهٽنا جي ڪلپنا ڪري، چند ڄاڻ ڪري ڪلپنا شڪتيءَ سان مضمون لکڻ گهرجي).

### ● آزمودو لکڻ :-

اَسين ڪنهن پروگرام، ڪاريڪرم ۾ وياسين يا ڀاڱہ ورتو، اِهو ڪلپنا ڪري ڪاريڪرم جي پوري وستار سان ڄاڻ جو بيان، اُن جا ٻيا مُدا (مثال پڪنڪ هجي تہ اُن جي اِتهاسڪ ڄاڻ، پنهنجا آزمودا ۽ ڀاو ڀاونائون، اِنهن جو بيان ڪرڻ اَڃڻ گهرجي. آزمودو لکڻ ۾ پنهنجي آزمودي آيل ڳالهين جو ورنن سُني / دُکي / خَوشي اثرائتي نموني ڪرڻ اَڃڻ اَهميت وارو آهي.

### (2) آتم ڪٿا لکڻ :-

1) آتم ڪٿا مطلب ڪنهن ٻئي جي آتما اَسان ۾ سمائجڻ.

2) ٻئي جي سک دک جو ويچار ڪرڻ، اُن جي من کي سمجهڻ.

3) ساهواري ۽ بنا ساهواري جي ڀاونائن کي سمجهڻ.

4) اُن شيءِ جي ڳالهه تي اَسين آهيون اِها ڪلپنا ڪري اُن شيءِ جي من / ويچار / ڀاونا / سُک دک، لفظن ۾ بيان ڪرڻ اِهو آتم ڪٿا لکڻ جي مکيه خاصيت آهي.

آتم ڪٿا لکڻ جي ڀاشا عدد واحد (مان ڳالهايان ٿو / ٿي) هئڻ گهرجي.

وشيه موجب پرستاونا (ڪا گهٽنا / واقعو / قصو) لکي مضمون جي شروعات ڪري سگهجي ٿي. پر اِها پرستاونا تمام ننڍي، يا ٿوري ۾ هئڻ گهرجي.

### (3) خيالي :-

1) خيالي مضمون ۾ وشيه موجب ويچار هئڻ گهرجن.

2) خيالي مضمون ۾ بيان / ورنن، ڪلپنا کان وڌيڪ خيال اَهميت وارا هوندا آهن.

3) هرهڪ ويچار جا ٻه پاسا هوندا آهن.

4) اُنهن ٻنهي پاسن سان لاڳو ويچار مضمون ۾ هئڻ گهرجن.

5) پنهنجي ويچارن جي پنيرائيءَ لاءِ مُدا، مُدن سان لاڳو ترڪ سان گڏ پيش ڪرڻ اَهميت وارو آهي.

پنهنجي ڄاڻ، پڙهڻ، ويچار جيترا وڌيڪ اوترو خيالي مضمون لکڻ وڌيڪ سؤلو ٿئي ٿو.

## تڪر پڙهي سوال ٺاهڻ

تڪر پڙهي سوال ٺاهڻ اَچڻ، اِها هڪ اَهميت واري ٻوليءَ جي قابليت آهي. اِها قابليت حاصل ڪرڻ لاءِ ’تڪر سمجهڻ‘ اِن يونٽ ڪي اَڀياسڪرم ۾ شامل ڪيو ويو آهي. توهان درجي نائين ۾ هن جو اَڀياس ڪيو آهي. اُنجو وري اَڀياس ڪريو. ڏنل تڪر پڙهي توهان کي سوالن جا جواب ڏيڻ لاءِ سوال ٺاهڻ اَچڻ گهرجي. سوال اَهڙا هجن جن جا جواب هڪ جملي ۾ هجن.

### سوال :

1) تيار ڪيل سوال، سوال جي روپ ۾ ۽ معنيٰ پريو هئڻ گهرجي.

2) ڪير؟ ڪٿي؟ ڪڏهن؟ ڇا؟ وغيره جي قسم جي سوال ٺاهڻ جو اَڀياس ڪريو.

3) جن سوالن جا جواب تڪر ۾ هجن، اَهڙا ئي سوال ڏيڻ گهرجن.

4) سوالن جا جواب نه لکجن.

5) سوالن جي آخر ۾ سوال جي نشاني ڏيڻ ضروري آهي.

### تاتپرج لکڻ

’پنهنجي ڳالهه ٿوري ۾ ٻڌائڻ‘ اَڄ جي ڊڪ ڊوڙ واري زماني ۾ اِهو جملو عام آهي. ڪنهن وستار واري ليک جو سچو مذڪور ڏيان ۾ اَچي وڃي، اَهڙي نموني جو ٿوري ۾ لکڻ تمام اَهميت وارو هُنر آهي. اِن قابليت جو واڌارو ٿئي اِنڪري اَڀياسڪرم ۾ ’تاتپرج لکڻ‘ شامل ڪيو ويو آهي.

### تاتپرج لکڻ جا ڏاڪا :-

1) تاتپرج لکڻ مطلب ڏنل تڪر پڙهڻ.

2) تڪر جي مذڪور کي سمجهڻ.

3) اُنجو مرڪزي خيال سمجهڻ.

4) سمجهيل ويچار پنهنجن لفظن ۾ ٿوري ۾ ٻڌائڻ.

5) گهٽ لفظن ۾ پر تڪر جي مذڪور جو پورو مطلب سمجهه ۾ اَچڻ.

### عملي پرچي لاءِ :-

تاتپرج لکڻ لاءِ تڪر ۾ 100 کان 120 لفظ هوندا. ڏنل تڪر جو ٿوري ۾ (گهٽ ۾ گهٽ) لفظن ۾ تاتپرج لکڻ جي اُميد آهي. تاتپرج مان تڪر جو سچو مذڪور سمجهه ۾ اَچڻ گهرجي. تاتپرج لکڻ جو مرڪزي خيال پنهنجن لفظن ۾ لکڻ گهرجي.

تڪر ۽ تاتپرج جا لفظ ڳڻي لکڻ جي ضرورت ڪونهي.

## اِشتهار

اَڄ جي ڄاپائتيءَ واري زماني ۾ ”اِشتهار“ سيني کان وڌيڪ اَهميت رکي ٿو. اُن تي شين جو وڪرو / کپت آڌار رکي ٿو. تنهن کري ڪنهن شيءِ جي مشهوري ڪرڻ اِها تمام سرجڻشيلتا واري ڪلا آهي ۽ اُها پاڻ ۾ اَڇڻ، ڏنڌي هنر جي ڪاميابيءَ جي مکيه نشاني آهي.

اَڄ جي ڪامپيوٽر ۽ ڄاڻ ٽيڪنالاجيءَ جي يُگ ۾ اِنٽرنيٽ ۽ موبائيل جي ڪري مشهوري ڪرڻ جي کيتر جو وڌيڪ وستار ٿي ويو آهي.

توهان گذريل ڪلاس ۾ ”اِشتهار“ جي باري ۾ پڙهيو آهي. اُن ۾ اِشتهار جي ڀاشا، اِشتهار لاءِ ميسر ساڌن، اِشتهار جي مکيه ڳالهين جو اَڀياس ڪيو آهي.

ماڻهن ۾ اُتپن ڪيل شيءِ لاءِ چاهه پيدا ڪرڻ، اُن طرف ماڻهن جو ڌيان ڇڪائڻ، اِهو اِشتهار جو مکيه مقصد آهي.

- اِشتهار لکڻ وقت هيٺين مکيه ڳالهين کي ڌيان ۾ رکو.

اِشتهار اِهو نياپي جي روپ ۾ گفتگو / ڳالهه ٻول هوندي آهي ۽ کهڙي به گفتگو / ڳالهه ٻول جو مکيه ماڌيم ڀاشا هوندي آهي. اِن خيال کان اِشتهار لکڻ ۾ ڀاشا هيٺين نموني اَهميت رکي ٿي.

1) گهٽ ۾ گهٽ لفظن ۾ وڌيڪ ۾ وڌيڪ مذڪور اِهو سٺي اِشتهار جي نشاني آهي.

2) اِشتهار ذاتهن ڌيان ڇڪائي اَهڙي ڌيان ڇڪائيندڙ لفظن جي رچنا هئڻ گهرجي.

3) ڪنهن جو اِشتهار آهي، اُن جو تمام سهٽي ۽ اَثرائتي نموني بيان ڪرائجي.

4) اَٿردار سُٺي (لئه تال) وارا لفظ ڪم آڻي، اِشتهار وڌيڪ ڌيان ڇڪائيندڙ هُجي.

5) اِشتهار ٺاهڻ وقت تال ميل ۽ ڌيان ڇڪائيندڙ ڀاشا کي اَهميت هوندي آهي.

6) گراهڪن جي بدلجندڙ چاهه، عادتن، فئشن ۽ گُهرج اِنهن سيني ڳالهين جو ڌيان رکندي اِشتهار ٺاهجي.

7) اِشتهار ۾ اُتپن ٿيل شيءِ جي quality اَهميت رکي ٿي. تنهن کري سهوليتن جو ذڪر ضروري ڪونهي.

8) اِشتهار ۾ ڪِٿي (پوري اَڊريس) موبائيل نمبر، اي-ميل آءِ.ڊي وغيره جو سُٺيءَ طرح سان ذڪر ڪرڻ ضروري آهي.

### عملي پرچي ۾ :

1. اِشتهار پين سان لکو.
2. پينسل ڪم نه آڻيو.
3. چتر ڪيڻ جي ضرورت ڪونهي.

## اِشتهار لکڻ جو ملهه ماپ :

- لفظن رستي اِشتهار ٺاهڻ.
- اِشتهار ڏيئي اُن تي ڏنل مشغولي ڪرڻ.
- وشيہ ڏيئي اِشتهار ٺاهڻ.
- ڏنل اِشتهار جو وڏيڪ سُهڻي نموني وري لکڻ.

اِنڪانسواءِ الڳ نموني سرجڻشيلتا سان مشغوليون ڏيئي سگهجن ٿيون.
اَهڙيون سرجڻشيل الڳ نموني جي مشغوليون ڳولهيو ۽ اَڀياس ڪريو.



## گفتگو



هڪ ٻئي سان ٻالهہ ٻول ڪرڻ وقت ڀاشا تمام گهڻي اَهميت رکي ٿي. گفتگو ڪرڻ يعني پُختي نموني پنهنجا ويچار رکڻ، پنهنجا رايا ڏيڻ وغيره پيش ڪرڻ.

لکڻ جي هُنر سان گڏ، گفتگو لکڻ جو مکيہ مقصد آهي. پنهنجا ويچار، رايا، جاچيل ٻالهيون سُٺي نموني سمجهي، وشيہ موجب ٻالهائي ظاهر ڪرڻ، اِنهن سڀني جو وڪاس ڪرڻ.

گفتگو لکڻ وقت، گفتگو ڪرڻ واري جي ويچارن، سمجهہ، ڀاونائن، ڪلپنائن، سرجڻشيلتا، ڀاشا جي جاچ اِنهن سڀني جي پيشڪش آهي.

## گفتگو لکڻ وقت ڌيان ۾ رکو تہ :-

- گفتگو زمان حال ۾ هئڻ گهرجي.
- وشيہ سان لاڳاپو رکندڙ هجي.
- ڪردار موجب هجي.
- موقعي / گهٽنا / قصي موجب هجي.
- ٻالهہ ٻول ۾ لاڳاپو هجي.
- رشتي موجب (جيئن وڏن سان لياقت سان ٻالهائڻ) هئڻ گهرجي.
- ٺهڪندڙ بيهڪ جون نشانيون ڪم آڻي لکجي.




مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ نرمتي و اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي.

सिंधी अरे. कुमारभारती इयत्ता दहावी

₹ 73.00